سائل
جا
نوان نبنڌ

(پنجين درجي جي وديارٿين ڪانوٽي ايس. ايس. سي ڪلاس جي وديارٿين لاءِ هڪ ڪارائتو ڪتاب)

تيار ڪندڙ

سترامداس. س. جڙياسنگهاڻي "سائل"
ايم. اي.

سائل پيون، (واڙيج) احمدآباد-١٣.

پ ر

قيمت ٢-٧٥

هي ڪتاب ڀارت جي سڀني سنڌي ڪتب فروش وٽان ملي سگهندو.

JYOTI ART GALLERY

PHOTOGRAPHERS OF DISTINCTION

Tilk Road, AHMEDABAD.

☎ 23996

جيوتي آرٽ گئلري

هاڪارا فوٽو گرافر

تلڪ روڊ، احمدآباد

فون ٢٣٩٩٦

جي- ڪي- ريڊيو اليڪٽرڪ ڪمپني



هيڊ آفيس :-
ائڊوانس سئنيما جي سامهون
لال دروازا، احمدآباد.
فون ٢٤١٠٨

برانچ آفيس :-
ڪالوپور پوليس چونڪ
جي سامهون، رليف ر
احمدآباد.

باد ۾ هڪ ئي مشهور سائيڪلن جو دڪان

BARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. ...278
BOMBAY 77

لاريون، ٻارن جون گاڏيون،
ٽرائسڪليون، موٽرون،
اسڪوٽر ۽ انهن جا پرزا
بلڪل واجبي اگهن تي ملي
سگهندا.

ـو امپيريل سائيڪل ورڪس
ڙي کوا، انگلش سئنيما جي پرسان، احمدآباد
فون نمبر ٢٠٦٣٣

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
١-	گانءِ	١
٢-	گهوڙو	٣
٣-	هاٿي	۴
۴-	ڪتو	٧
۵-	اُٺ	٨
٦-	ٻڪري	١١
٧-	شينهن	١٢
٨-	نوريئڙو	١٣
٩-	طوطو	١۴
١٠-	مور	١٦
١١-	ڪانءُ	١٧
١٢-	لوهه	١٩
١٣-	ڪوئلو	٢١
١۴-	چانهه	٢٢
١۵-	ناريل جو وڻ	٢۴
١٦-	ڏياري	٢٦
١٧-	هولي	٢٨
١٨-	جنم اشٽمي	٢٩
١٩-	چيٽي چنڊ	٣١
٢٠-	ڏسهڙو	٣٣
٢١-	١۵ آگسٽ	٣۴
٢٢-	٢٦ جنوري	٣٦
٢٣-	ڇترپتي شيواجي	٣٧
٢۴-	گرو نانڪ	٣٩
٢۵-	سوامي وويڪانند	۴٠
٢٦-	مهاتما گانڌي	۴٢
٢٧-	راڻو پرتاپ	۴۴
٢٨-	رامڪرشن پرمهنس	۴٦
٢٩-	سوامي د يانند سرسوتي	۴٨
٣٠-	لوڪمانيه تلڪ	۵٠
٣١-	نيتاجي سڀاش چندر بوس	۵١
٣٢-	سردار ولڀ ڀائي پٽيل	۵٣
٣٣-	جواهرلعل نهرو	۵۵
٣۴-	لعل بهادر شاستري	۵٦
٣۵-	نرسي مهتا	۵٨
٣٦-	راجيندر پرساد	۵٩

نمبر	مضمون	صفحو
٣٧-	اندرا گانڌي	٦١
٣٨-	ميران بائي	٦٢
٣٩-	گرو گوبند سنگھ	٦٤
٤٠-	سنت ڪنور رام	٦٦
٤١-	ساڌو واسواڻي	٦٧
٤٢-	بهار جي منظر	٦٩
٤٣-	برسات " "	٧١
٤٤-	سياري " "	٧٣
٤٥-	اونهاري " "	٧٤
٤٦-	ڪرڪيٽ رانڌ	٧٥
٤٧-	لغڙ بازي (اترائڻ)	٧٩
٤٨-	هُتُوتُو (ڪبڏي)	٨٠
٤٩-	پونڪنپ	٨٢
٥٠-	ٻوڙن جا راڳا	٨٣
٥١-	باهه ۾ جلندڙ گهر	٨٥
٥٢-	منهنجو اسڪول	٨٧
٥٣-	منهنجي اسڪول جي راندين جو ميدان	٨٨
٥٤-	منهنجي اسڪول جي لئبرري	٩٠
٥٥-	"جو انعامي جلسو	٩١
٥٦-	""" حياتي	٩٢
٥٧-	""" پڪنڪ	٩٤
٥٨-	" سان ۾ ڪلاڻي	٩٦
٥٩-	" جو ڪلارڪ	٩٨
٦٠-	""" شيطان ڇوڪرو	٩٩
٦١-	بس ڪنڊڪٽر	١٠٠
٦٢-	پوليس وارو	١٠٢
٦٣-	ٽپالي	١٠٤
٦٤-	ڊاڪٽر	١٠٦
٦٥-	ريلوي حمال (ڪولي)	١٠٨
٦٦-	اسپتال جي نرس جي جيون ۾ هڪ ڏينهن	١٠٩
٦٧-	هاريءَ جي جيون ۾ هڪ ڏينهن	١١١
٦٨-	جوان " "	١١٣
٦٩-	ڌوٻيءَ " "	١١٤
٧٠-	موچيءَ " "	١١٥
٧١-	اسڪول جي پٽيوالي جي جيون ۾ هڪ ڏينهن	١١٨
٧٢-	هڪ ڪلاڪ بازار ۾	١١٩

٧٣- هڪ ڪلاڪ ريلوي پليٽفارم تي ١٢١
٧٤- ,,,, پريوگ شالا ۾ ١٢٢
٧٥- دواخاني جي ملاقات ١٢٤
٧٦- سرڪس ,, ,, ١٢٦
٧٧- ميلي ,, ,, ١٢٨
٧٨- جانورخاني ,,,, ١٣١
٧٩- باغ ,, ,, ١٣٣
٨٠- عجائب گهر ,, ١٣٥
٨١- ڪتابن جي دڪان ,, ,, ١٣٧
٨٢- مندر ,, ,, ١٣٨
٨٣- ڪارخاني ,,,, ١٤٠
٨٤ قطب منار ,,,, ١٤٢
٨٥- هوٽل ,,,, ١٤٤
٨٦- سئنيما ,, ,, ١٤٦
٨٧- منهنجو پريه ليکڪ ١٤٨
٨٨- ,, ,, شهيد ١٥٠
٨٩- ,, ,, ڪتاب ١٥٢
٩٠- ,, ,, ودوان ١٥٥
٩١- ,, ,, جانباز ١٥٧
٩٢- ,, ,, ڪوي ١٥٩
٩٣- ,, ,, سائنسدان ١٦٠
٩٤- ڳوناٺي حياتي ١٦٢
٩٥- شهري ,, ١٦٤
٩٦- اخبار خواني ١٦٥
٩٧- انگريزي تعليم ١٦٧
٩٨- سفر يا مـ... ري ١٦٩
٩٩- ڪتاب ڪهڙا پڙهجن ؟ ١٧١
١٠٠- زوري جنگي سکيا ١٧٣
١٠١- نديءَ ڪناري ١٧٥
١٠٢- سمنڊ جي ڪناري جو سفر ١٧٨
١٠٣- ريلوي ٽرڊ ڪلاس جي مسافري ١٨٠
١٠٤- ٻيڙيءَ جو سفر ١٨٢
١٠٥- هوائي جهاز جو سفر ١٨٤
١٠٦- منهنجي آڪاش ياترا يا منهنجو سندر سپنو ١٨٥
١٠٧- سهائي رات ١٨٨
١٠٨- سئنيما ءَ ان مان فائدا يا نقصان ١٩٠
١٠٩- ڏيتي ليتي ١٩٢
١١٠- سماج شيوا ١٩٤
١١١- سائنس جي ايجادن ۽ کوجنائن انسان کي سکي بڻايو آهي يا دکي ؟ ١٩٦
١١٢- چنڊ جي ياترا ١٩٩
١١٣- رکشا بندن ٢٠٢

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No..........
BOMBAY 77

١- ڳانءِ

ڳانءِ گهرو جانور آهي. سندس بدني بناوت وڻندڙ
هي. کيس چار مضبوط ٽنگون آهن ۽ کر پورن ٻن اڌن
۾ چيريل اٿس. هنکي ٻه سڱ ٿيندا آهن ۽ پر ڪن کي
سڱ ڪين هوندا آهن. سندس ڳچيءَ جي هيٺان
لڙڪندڙ چمڙو ٿيندو آهي جنهن کي "ڳلوپٽ" ڪري
چوندا آهن. هنکي هيٺينءَ جاڙيءَ ۾ ڏند هوندا آهن
پر مٿينءَ ۾ اصل ڪين ٿيندس. هنکي هڪ ڊگهو پڇ
هوندو آهي جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ وارن جو ڇڳو ٿيندو
اٿس. ڳانءِ جي آواز کي "رنڀ" چوندا آهن.

ڳايون ڪيترن ئي رنگن جون ٿينديون آهن:
اڇيون، ڪاريون، ڳاڙهيون ۽ پوريون وغيره.

ڳايون ڀارت، پاڪستان، انگلنڊ ۽ آسٽريليا وغيره
۾ لڀنديون آهن.

ڳانءِ ڪڻي، ڪڙ، ڪڪڙا، جوئر، ڪڙب، پلال ۽

ساڻو گاهه کائيندي آهي. ڳانءِ ڪڪڙن کائڻ سان کير وڌيڪ ڏيندي آهي.

ڳانءِ سياءَ جي غريب هوندي آهي. هوءَ ڪنهن سان وڙهندي ڪانهي. ڪي ڳايون وڙهنديون آهن ۽ ماڻهن کي ٽوڻا هڻنديون آهن. ڳانءِ کي جيڪي ڪجهه کائڻو هوندو آهي سو تڪڙ ۾ کائي ويندي آهي. پوءِ ڪنهن ڏانئيڪي هنڌ تي ويهي کاڌل کاڌو وات ۾ آڻي انکي چڱيءَ طرح چٻاڙيندي آهي. ان کاڌي جي نموني کي "اوڳارڻ" چئبو آهي.

ڳانءِ مان ڪيترائي فائدا آهن: ڳانءِ کير ڏيندي آهي. انجو کير هلڪو ٿيندو آهي. جنهنڪري ڊاڪٽر بيمار کي ڳانءِ جي کير پيئڻ جي صلاح ڏيندا آهن. کير مان مکڻ ڪڍبو آهي ۽ مکڻ رجائي ان مان گيهه ٺاهبو آهي. کير مان ملائي، مائو، پيڙا ۽ ڏهي ٺهندي آهي. ڳانءِ جي ٻچي کي "ڳابو" چئبو آهي. ڳابو جڏهن ڏاند ٿيندو آهي تڏهن اهو هر ڪيڙڻ، اٺ هلائڻ ۽ ڳاڏين ڪاهڻ جي ڪم ايندو آهي. ڳانءِ جو ڇيڻو ٻارڻ ۽ زمين ۾ ڀاڻ جي ڪتب ايندو آهي. ڳانءِ جي مرڻ کانپوءِ، سندس کل چمڙي جي صورت ۾ آڻي، ان مان بوٽ ۽ بئگون وغيره ٺاهيون آهن. هنجي هڏن مان چاڪن وغيره جا ڳن ٺهندا آهن. ساڌو فقير ڳانءِ جي سڱن مان سڱيون ٺاهي وڄائيندا آهن. هندو ڳانءِ جو

پيشاب چٽي، اپوتر جاءِ کي پوتر بڻائيندا آهن.

هندو ڳانءِ کي ”ماتا“ ڪري مڃيندا آهن ۽ ڪيس پوتر جانور سمجهي سندس پوڄا ڪندا آهن. هندو ڳانءِ کي مارڻ اگر پاپ سمجهندا آهن.

٢- گهوڙو

گهوڙو هڪ وڏنڊڙ جانور آهي. هنکي سگهه ٽين ئي کونه. هنجا سنب چيريل ڪونه هوندا آهن. هنجي پڇ ۾ ڊگها وار ٿيندا آهن. هنجي ڳچي ڊگهي ۽ وريل ٿيندي آهي. سندس ڳچيءَ تي وار هوندا آهن جنکي ”ٻشڪون“ چئبو آهي. سندس چمڙي لسي هوندي آهي. گهوڙا ڪيترن ئي رنگن جا ٿيندا آهن: سفيد، ڪارا، ڀورا وغيره.

گهوڙا آسٽريليا، عربستان، ڀارت، پاڪستان، برما، ايران ۽ انگلنڊ وغيره ۾ ٿيندا آهن. عربستان ۽ آسٽريليا جا گهوڙا وڌيڪ چوها ٿيندا آهن پر انگلنڊ ۽ برما جا گهوڙا وڌيڪ مضبوط ٿيندا آهن.

گهوڙو هڪ سنو پراڻي آهي ۽ سندس عادتون به سٺيون آهن. هو وفاداريءَ ڪان مشهور آهي. هنجو مالڪ سان گهڻو موه هوندو آهي. تيزي ۽ طاقت هن جون خاص وصفون آهن. هو سمجهو جانور آهي هو

سرڪس ۾ پهلوانيءَ ۽ ڪاريگريءَ جا ڪم ڪري ڏيکاريندو آهي.

گهوڙو هڪ ڪارائتو جانور آهي. هو سواريءَ ۽ بار ڍوئڻ جو ڪم ڏيندو آهي. هو زمين کيڙڻ ۽ گاڏين ڪاهڻ جي ڪم ايندو آهي. ڪي مضبوط ۽ چوڙا گهوڙا شرطن (گوئن) ۾ ڪتب ايندا آهن. گهوڙا لڙاين ۾ ڪتب ايندا هئا مگر اڄڪلهه انهن جو رواج گهٽجو نڪري ويو آهي. گهوڙي جي موت ڪانپوءِ سندس کل چمڙي ۾ تبديل ڪبي آهي. گهوڙي جي ڪنڌ ۽ پڇ جا وار گاديلن پرڻ جي ڪم ايندا آهن. گهوڙي جا سنب رڃائي ان مان ٽنيڻ ناهيندا آهن. هڏي هڏن مان به ڪيتريون ڪارائتيون شيون ٺهنديون آهن.

اڄڪلهه سائنس جي زماني ۾ ڪلن ڪم ڪري رهيون آهن جنهنڪري گهوڙي جو اپيوگ ڏينهون ڏينهن گهٽبو پيو وڃي.

٣- هاٿي

چوپاين جانورن جي اندر هاٿي وڏي ۾ وڏو جانور آهي. هو هڪ بدصورت جانور آهي. سندس وڏي بدن آهر سندس ڳچي، پڇ ۽ اکيون تمام ننڍيون هونديون آهن.

سندس کن وڏا ۽ لٽڪندڙ هوندا آهن ۽ ڇڄ وانگر نظر ايندا آهن. سندس ٽنگون ٿلهيون ۽ ٻي ٻوليون هونديون آهن. سندس پيرن ۾ کر کين ٿيندا آهن. کيس پيرن جون آڱريون هونديون آهن جن ۾ ننهن هوندا اٿس. هنکي هڪ سونڍ ٿيندي آهي جنهنجي ڇپاڙيءَ ۾ ٻه هڪجهڙا ٽنگ هوندا اٿس. سونڍ هاٿيءَ کي هٿن ۽ ٻانهن جو ڪم ڏيندي آهي. اها بلڪل لچڪيدار ٿيندي آهي ۽ ڪنهن به طرف مڙي سگهندي آهي. سونڍ سان زمين تان سئيءَ جهڙيون سنهيون شيون به کڻي وٺندو آهي. نر هاٿيءَ کي ٻه ڏگها ۽ ٻاهر نڪتل ڏند ٿيندا آهن جي مضبوطي ۽ ڇهنبيارا هوندا آهن. اهي ڏند سندس منهن جي سڄي ۽ کٻي پاسي ٿيندا آهن. هنجي اوچائي ستن کان ڏهن فوٽن تائين ٿيندي آهي. هنجو رنگ خاڪي ڇٽ تي ٿيندو آهي.

هاٿي آمريڪا، پارس، برما ۽ لنڪا وغيره جي گهاٽن ٻيلن ۾ رهندا آهن ۽ اُتي ٽولن ۾ گهمندا آهن. اهي جڏهن ٽولن ۾ کاڌي جي ڳولا ۾ نڪرندا آهن تڏهن فصل کي ڏاڍو نقصان پهچائيندا آهن. اهي ٻيٺل فصل کائي ۽ لتاڙي ناس ڪري ڇڏيندا آهن.

هاٿي وڻن جا تازا ۽ ساوا پن، سڪو گاهه، ڀاڄيون ۽ ساريون وغيره کائيندو آهي. هاٿي سونڍ سان کاڌو ۽ پاڻي کڻي وات ۾ وجهندو آهي.

هاٿي سمجهو ۽ محنتي ٿيندو آهي. پاليل هاٿي چٽيوان ٿيندو آهي ۽ پنهنجي مالڪ جي آگيا ۾ رهندو آهي. هن سان جيڪا ڀلائي ۽ برائي ڪبي آهي سا ڪڏهن به نه وساريندو آهي. هو جيسين برائيءَ جو بدلو نه وٺندو آهي تيسين آرام نه ايندو اٿس.

هاٿي ڏاڍو طاقتور ٿيندو آهي. برما ۾ ٻنڊن گهلڻ ۽ انهن کي سٿڻ جو ڪم هاٿين کان ورتو ويندو آهي. هاٿيءَ کي ايڏي سگهه هوندي آهي جو هو جهڙي تهڙي وڻ کي پنهنجيءَ سونڊ سان پاڙئون پٽي ڪڍندو آهي، مهاراجائون ۽ وڏا ماڻهو انهن کي سواريءَ ۽ ڏيکاءُ جي لاءِ پاڻ وٽ رکندا آهن. سکيا ڏنل هاٿي سرڪس ۾ عجيب ۽ ويرتا جا ڪم ڪري ڏيکاريندو آهي. هو خاص طرح واگهه جي شڪار ڪرڻ ۾ ڪتب آيو آهي. هاٿي چڱيءَ طرح تري ڄاڻندو آهي.

هاٿيءَ جي ڏندن مان عاج ملندو آهي. عاج مان ڪيتريون قيمتي شيون ٺهنديون آهن. هن جي ڏندن مان به ڪيتريون ئي عمديون شيون ٺهنديون آهن. چوندا آهن ته، "هاٿي جيئري لهي لک ته مئي لهي لک."

۴- ڪتو

هي چؤ پيرو جانور آهي. ڪتن جا ڪن هڪ جهڙا نه ٿيندا آهن. ڪن جا سڌا ۽ ڪن جا نميل ٿيندا آهن. ڪتا ڪيترن ئي رنگن ۽ قسمن جا ٿيندا آهن. ڪي ڪتا وڏا ته ڪي ٿلهي منهن وارا ٿيندا آهن. تازي ڪتا شڪار جي ڪم ايندا آهن. عام طرح ڪتن جي بت تي ننڍا وار ٿيندا آهن پر ڪن ڪتن جي بت تي ڊگها وار به ٿيندا آهن.

ڪتا دنيا جي سڀني ملڪن ۾ لڀندا آهن. يورپي ڀڙ وارا ڪتا ڀارت جي ڪتن کان وڌيڪ مضبوط ۽ وڻندڙ هوندا آهن.

ڪتو گوشت کائيندڙ جانور آهي، تنهنڪري هن جا ڏند مضبوط ۽ تکا ٿيندا آهن. هن جي چنبن ۾ نوڪدار نهن ٿيندا آهن. هو جانور، ماني ۽ کير وغيره کائيندو آهي.

ڪتو جڏهن خوشي ۾ هوندو آهي تڏهن پنهنجو پڇ لوڏيندو آهي. ڪتي جا ڪن ڏاڍا اثر پذير ۽ هن جي سنگهڻ جو حواس تمام تيز هوندو آهي. هو اڻاچري ننڊ ڪندو آهي ۽ ٿوروئي کڙڪو کيس سجاڳ ڪري ڇڏيندو آهي. هو وفادار، سمجهو ۽ خبردار جانور آهي.

هو اِنسان جو سنئي ۾ سنو دوست آهي. هو خطري جي وقت پنهنجي مالڪ مٿان جان جي بازي لڳائڻ کان به ڪين ڇرڪندو آهي.

ڪي ڪتا گهرن ۾ ڏيکاءَ لاءِ ڌاربا آهن. ڪي ڪتا جيڪي پڙهڻ جا ڇوها ٿيندا آهن ۽ سندن سنگهڻ جو حواس تيز ٿيندو آهي سي شڪار ڪرڻ ۽ ڌوهارين کي پڪڙڻ لاءِ ڪتب آڻبا آهن. ڪي ڪتا گهرن جي پهري رکڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن. ڪيترا ٻڪرار ۽ ريڍار پنهنجي ڌن جي سنڀال لاءِ ڪتا پاليندا آهن. لڙاين ۾ ڪتا قاصدن ۽ پهريدارن جو ڪم ڪندا آهن.

ڪي ڪتا چريا ٿي پوندا آهن. انوقت انهن کي ماڻهن جي چڪ پائڻ جي ورتي ٿيندي آهي. اهڙن ڪتن کي مارڻ جا ترت اُپاءَ وٺڻ گهرجن

ڀارت ۾ ڪتي جو ايترو قدر ناهي جيترو يوروپ ۾. ڀارتواسي ڪتي کي اپوتر جانور ڪري ليکيندا آهن جنهنڪري اهي هنکي هٿ لائڻ کان به پيا ڪؤ کائيندا آهن.

٥- اُٺ

اُٺ هڪ بيڊولو جانور آهي. هو ڳانءِ واڱر اوڳاريندو آهي. هنکي ڏگهي ۽ وريل ڳچي ٿيندي

آهي. سندس بدن اهــر سندس ٽنگون ڊگهيون ۽ پتليون ٿينديون آهن. هنجو ٻت ننڍو پر مضبوط ٿيندو آهي. اُٺ جي پٺيءَ تي ٿوُهو ٿيندو آهي. هنجا پير موڪرا، سنوان ۽ گديءَ وانگر ٿيندا آهن، جنهنڪري گهڻو وقت اهي واريءَ ۾ اندر پيهي نه ويندا آهن. سندس اوچائي ستن کان اٺن فوٽن تائين ٿيندي آهي. اُٺ عام طرح خاڪي رنگ جو ٿيندو آهي. اُٺ جا ٻه قسم ٿيندا آهن: هڪڙا مهري ۽ ٻيا لاڏوُ. مهري اُٺ سواريءَ جي ڪم ايندا آهن ۽ لاڏوُ اُٺ بار ڍوئڻ جي ڪم آڻبا آهن.

اُٺ عربستان ۽ آفريڪا جي رڻ پٽن ۾ لڀندو آهي. اُٺ ڪنڊي وارا ٻوُٽا، وڻ ۽ ٻاڄيون کائيندو آهي؛ پر جڏهن بک لڳندي اٿس تڏهن گهڻو ڪري سڀ ڪجهه کائيندو آهي.

اُٺ نماڻو ۽ غريب جانور آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه هن سان سٺي هلت هلندو آهي ته ان سان وفاداري ۽ قرب ڏيکاريندو آهي. جيڪڏهن ڪو هن سان برائي ڪندو آهي ته اُن کان برائيءَ جو بدلو وٺندو آهي. هو مضبوط جانور آهي. هو ساڙيندڙ بيابانن مان سانده اَسي ميل ڪن پنڌ ڪري سگهندو آهي؛ پر جيڪڏهن پٺيءَ تي بوجهو هوندو اٿس ته هڪ ڏي وقت ٽيهه پنجٽيهه ميل پنڌ ڪري سگهندو آهي. هو هڪ ڏي

وقت ڏهن کان پنجويهن مڻن تائين وزن کڻي سگهندو آهي. هن جي پيٽ ۾ هڪ ٿيلهي هوندي آهي جنهن ۾ هو ڪافي پاڻي کڻي سگهندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هو بيابانن ۾ هفتو ڪن سانده پاڻي پيئڻ کانسواءِ هلي سگهندو آهي.

اُٺ واپار جي لحاظ کان ڏاڍو قيمتي ۽ ڪارائتو آهي. بيابانن اندر سواري ڪرڻ ۽ بار ڍوئڻ لاءِ اهوئي هڪ ڪارائتو ساڌن آهي، جنهنڪري هنکي "بيابان جو جهاز" ڪري چوندا آهن. هنجي کاڌ خوراڪ تي ٿورو خرچ ٿيندو آهي تنهنڪري بار ڍوئڻ لاءِ اهو سستو جانور آهي.

اُٺ عربن لاءِ تمام ڪارائتو جانور آهي. اهي اُٺ جو ماس کائيندا آهن، سندس کير پيئندا آهن ۽ سندس وارن مان برش، ڪپڙا ۽ تنبو ٺاهيندا آهن. اهي هن تي سواري ڪندا آهن ۽ مٿس مال ڍوئي ٻين ملڪن سان واپار ڪندا آهن. اُٺ گهاڻو ۽ ائٽ هلائيندو آهي ۽ گاڏيون به ڇڪيندو آهي.

٦- ٻڪري

ٻڪري هڪ گهرو جانور آهي. هنکي ٻه سڱ ۽ ٻه هيٺ لٽڪندڙ ڪن ٿيندا آهن. سندس ڪُر ڇيريل ٿيندا آهن. هنکي هڪ ننڍو پڇ ٿيندو آهي جو مٿي وريل هوندو آهي. هنکي ٻه ڏگها ٿڻ ٿيندا آهن. هنکي وڏا وار ٿيندا آهن جنکي "ڏاس" چئبو آهي. ٻڪري هڪ ئي وقت، هڪ کان وٺي چئن تائين ٻچا ڄڻيندي آهي.

ٻڪري سڀڪجهه کائيندي آهي. هوءَ دنيا جي گهڻن ديسن ۾ لڀندي آهي. جابلو ٻڪري رواجي ٻڪريءَ کان گهڻو مضبوط ٿيندي آهي.

ٻڪري هڪ ڪارائتو جانور آهي. هوءَ کير ڏيندي آهي. هنجو کير تمام هلڪو ٿيندو آهي، تنهنڪري اهو بيمارن لاءِ فائدي وارو هوندو آهي. کير مان مکڻ ۽ ڏڌ وغيره ٺهندا آهن. ٻڪريءَ جو کير بيمارن کي مالش ڪرڻ جي ڪنب ايندو آهي. ٻڪريءَ کي جنهن به وقت ڏهه ته کير ڏيڻ لاءِ تيار. ماڻهو ٻڪريءَ جو ماس کائيندا آهن. هنجي ڦوڪيل کل جنهنکي "سنڌ" چئبو آهي سا ندين ۽ نهرين ۾ ترڻ جي ڪم آڻبي آهي. هنجي کل چمڙي ۾ تبديل ڪبي آهي. اهو چمڙو چمپلين ۽ ٻ والڪن وغيره ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي. هنجي ڏاس مان مضبوط نوڙيون ۽ رسا ٺهندا

آهن. هنجي هڏين مان ڀاڻ وغيره ٺهندو آهي. مطلب ته ٻڪري اِنسان لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ڦراڻي آهي.

٧- شينهن

شينهن هڪ خوفناڪ جانور آهي. هنجي ڪنڌ تي جيڪي ڊگها وار هوندا آهن سي ڪيس شاندار بڻائيندا آهن. سندس ڪن ننڍا ۽ اکيون تيجدار ٿينديون آهن. هنکي ڊگهيون مڇون ٿينديون آهن. هنجا ڏند مضبوط ۽ تکا ٿيندا آهن جنهنڪري هو ڪچو ماس بلڪل سولائيءَ سان کائي سگهندو آهي. هنجي چنبن ۾ تکا ننهن ٿيندا آهن جيڪي کيس شڪار کي قاسائڻ ۽ کيس چيرڻ ڦاڙڻ جي ڪم ۾ مدد ڪندا آهن. هنجو پڇ ڊگهو ٿيندو آهي جنهنجي ڇيڙيءَ ۾ وارن جو مڇو هوندو آهي.

هو گوشت کائيندو آهي. هو آفريڪا، برما ۽ ڀارت جي ٻيلن ۾ ليندو آهي.

شينهن ڀوائتو پر ڀيڪيدار جانور آهي. هنجو سرير سترو ۽ سگهارو هوندو آهي. هنجي جهنگ جي ڪنهن ٻئي جانور تي دهشت چڙهي ويندي آهي تنهنڪري هنکي "جهنگل جو راجا" ڪري چوندا آهن. هنجي گجگوڙ جانورن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ هيبت (ڊپ) پيدا ڪندي آهي.

ڪيترا مهاراجائون، حاڪم ۽ امير لوڪ شينهن جي شڪار ڪرڻ جا شوقين ٿيندا آهن. اهي شينهن جي شڪار ڪرڻ ۾ پنهنجو شان ۽ فخر سمجهندا آهن. شينهن کي تعليم ڏيئي، ڪيس سرڪس ۾ ڪم آڻبو آهي. هو سرڪس ۾ عجيب ڪم ڪري ڏيکاريندو آهي. راجائون ۽ امير لوڪ هنجي منڍي ڪپي، انهان ماس ڪڍي ان ۾ ڪي دوائون ۽ ٻهون شيون وجهي ڪيس پنهنجن محلن ۽ مڪانن ۾ ۾ سينگار لاءِ رکي ڇڏيندا آهن. مٿي ڪانئوءَ هنجو بت ڪپهه يا ڪاٻر سان ڀري، ميوزم ۾ ڏيک لاءِ رکندا آهن. هنجي چربي تمام ڪمائتي ٿيندي آهي. اُن مان دوا ٺاهي ڪيترين بيمارين ۾ ڪم آڻبي آهي.

٨- نوريئڙو

نوريئڙو هڪ وڻندڙ ۽ سهڻو پراڻي آهي. پڇ ڪانسواءِ هنجو سڄو بت ڪوئي جي بت جهڙو هوندو آهي. هنجا ڪن ننڍا پر ڏاڍا سرلا ٿيندا آهن. هنجا ڏند ڊگها ۽ مضبوط ٿيندا آهن، پر ٻليءَ جي ڏندن وانگر چهنبدار ڪونه هوندا اٿس. سندس اکيون روشن ٿيديون آهن جنکي هو تڪڙو تڪڙو ڦيرائيندو آهي. هو ڊڪڻ جو ڏاڍو چوهو ٿيندو آهي، جنهنڪري هنکي پڪڙڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هنجو پڇ ٻجر هوندو آهي جو

سندس پٺيءَ مٿان ڪمان وانگر ورڪيل هوندو آهي. هن جو رنگ خاڪي ٿيندو آهي، پٺيءَ تي ڪارانجهڙا پٽا ٿيندا اٿس. سندس پيٽ جو رنگ ميرانجهڙو ٿيندو آهي. هڪ ديس ۾ نوريئڙا بادامي رنگ جا ٿيندا آهن. اهي هتان جي نوريئڙن کان قد ۾ گهڻو وڏا ٿيندا آهن. اهي قد ۾ ٻليءَ کان ٿورو ننڍا ٿيندا آهن.

نوريئڙو ڀارت ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ لڀندو آهي. نوريئڙو انن، ميوا ۽ نوريون کائيندو آهي. هو گوشت ڪونه کائيندو آهي.

نوريئڙو ڏاڍو ڦڙت ٿيندو آهي. هو شوخ يا طاقتوار پراڻي ڪينهي. هو گهڻي قدر وڻن وٽ ڊڪندو ۽ ڦرندو نظر ايندو آهي. هو وڻ جي ڏڏر يا ڪڏهن ڪڏهن گهر جي ڇتين يا ڀتين جي ٽنگن يا جارن ۾ آکيرا جوڙيندو آهي، جنهنڪري هو ڏٻ کان آجو هوندو آهي. هن جو گوشت ڪن بيمارين لاءِ مفيد آهي.

—○8○—

٩- طوطو

طوطو هڪ سهڻو ۽ وڻندڙ پکي آهي. هن جو مٿو ڳول ۽ سندس اکيون ننڍيون ۽ ڳول ٿينديون آهن. هن جي چهنب ڳاڙهي، وريل ۽ نوڪدار ٿيندي آهي. هن جي چهنب ۽ چنبو باز پکيءَ وانگر ٿيندا آهن.

هنجي ڳچيءَ جي چوڌاري لعل پٽي هوندي آهي جنهنکي "ڪنٺي" چوندا آهن. هنکي ڊگهو پڇ ٿيندو آهي. عام طرح طوطو سائي رنگ جو ٿيندو آهي. ڪن ديسن ۾ طوطا ٻين رنگن جا به ٿيندا آهن.

طوطو ميوو، ڀاڄيون، مائو، ڳاڙها مرچ، چڻا ۽ ڪڻڪ وغيره کائيندو آهي. چوندا آهن ته جنهن انب کي طوطو ٽڪيندو آهي سو مٺو هوندو آهي.

طوطو دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ لڀندو آهي. هو گهڻو ڪري باغن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

طوطو هڪ شاندار پکي آهي. سندس رنگ دل کي فرحت ڏيندو آهي. طوطي جي لات مٺي ۽ وڻندڙ هوندي آهي. ماڻهو طوطي کي پڪڙي کيس پڃري ۾ بند ڪندا آهن ۽ کيس ڳالهائڻ سيکاريندا آهن. ڪيترا ماڻهو طوطي کي ڏيکاءَ جي لاءِ پاليندا آهن. ننڍا ٻالڪ طوطي کي ڏسي خوش ٿيندا آهن. طوطو سرڪس ۾ به ڪم ڪندو آهي. طوطي کي جيڪي ڪجهه ياد ڪرائبو آهي سو هو بنا سمجهڻ جي ياد ڪندو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو جيڪو ماڻهو بنا سمجهه جي ڪا به ڳالهه ياد ڪندو آهي تنهنلاءِ چوندا آهن ته هن اها ڳالهه طوطي وانگر ياد ڪئي آهي. طوطو هڪ وندرائيندڙ پکي آهي. هنجي دل پوتر ۽ پريم سان ڀرپور هوندي آهي.

١٠- مور

هي هڪ موهيندڙ پکي آهي. هي دنيا جي سندر ۾ سندر پکين مان هڪ ليکيو ويندو آهي. سندس ڳچي ڊگهي ۽ وريل ٿيندي آهي ۽ ساون ۽ نيرن ڪنين سان ڀڪيل هوندي اٿس. هلڻ وقت سندس ڳچي رنگبرنگي نظر ايندي آهي. هن جي مٿي تي ڪلنگي هوندي آهي جا ڪيس وڌيڪ سوڀيا ڏيندي آهي. مور جو پڇ تمام ڊگهو ۽ سهڻو ٿيندو آهي. مور جو کليل پڇ ڏاڍو موهيندڙ لڳندو آهي. جڏهن هو پنهنجو پڇ گولائيءَ ۾ کوليندو آهي تڏهن ساوا نيرا پيلا ۽ سون ورنا رنگ سندس پڇ تي لهرائيندا آهن. هن جي بدن جو رنگ گهاٽو نيرو هوندو آهي. مور جا پير اڻوڻندڙ ۽ خراب هوندا آهن. مور جو آواز سٺو نه هوندو آهي.

مور دنيا جي ڪيترن ديسن ۾ لڀندو آهي پر ڀارت ۾ گهڻي انداز ۾ لڀندو آهي. هو ڀارت جي سبز ٻيلن ۾ رهندو آهي. مور ڪٿي ڪٿي ٻنين، باغن ۽ گهرن جي ڇتين تي گهمندا نظر ايندا آهن.

مور جدا جدا نمونن جا اناج کائيندو آهي. مور جڏهن خوشيءَ ۾ ايندو آهي يا پاڻکي سرخرو ڪرڻ چاهيندو آهي تڏهن پنهنجا ڪنب گولائيءَ ۾ ٽيڙي نچندو آهي. پر جڏهن پنهنجن بدصورت پيرن تي نظر

ٻوندي اُن‌سَ تَڏهن ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. مور کي پنهنجن ڪنين، پڇ ۽ ڪلنگيءَ تي ڏاڍو ناز هوندو آهي. هو بدن ۾ ڳؤرو آهي جنهنڪري گهڻو اوچو اُڏامي ڪونه سگهندو آهي. هو زمينن ۾ اناج وغيره جو نقصان ڪندو آهي.

مور هڪ ڪارائتو پکي آهي. هي نانگ جو دشمن آهي ۽ اُنکي ڏسندو آهي ته ڪيس ماري ڇڏيندو آهي. ڪيترا ماڻهو مور کي پالي، ڪيس پنهنجي گهر ۾ ڏيکاءَ ۽ سينگار لاءِ رکندا آهن. مور جي کنين مان چنور، وڃڻا ۽ ٻيون ڪيتريون شيون ٺهنديون آهن.

١١- ڪانءُ

اهڙو ڪوئي اِنسان ڪونهي جنهن ڪانءَ نه ڏٺو هجي. ڪانو جي چهنب ڊگهي، وريل ۽ نوڪدار ٿيندي آهي، سندس اکيون گول هونديون آهن. ڪانءَ گهڻو ڪري ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي. جابلو ڪانءُ زور ڪارو ٿيندو آهي.

ڪانءُ گهڻو ڪري جتي ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪانءُ سڀ ڪجهه کائيندو آهي. هو ٻوٽا ۽ ڪرڦتي به کائيندو آهي جنهنڪري هو گندو پکي ليکيو ويندو آهي.

ڪانءُ سياڻو پکي سمجهيو ويندو آهي. ڪانوَ کي ڦاسائڻ سولو ڪم ناهي. هو ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ سياڻپ ڪندو آهي ته ڦاسي پوندو آهي. ڪانوَ جي عمر وڏي هوندي آهي، انڪري ڪنهن تمام وڏيءَ عمر واري ماڻهوءَ کي ڏسبو آهي ته ائين چئبو آهي، "ته هن ڪانوَ جي هڏي ڪاٺي آهي." هي وڻن ۾ آکيرو ناهيندو آهي. هو پنهنجو آکيرو لوهه جون تارون وغيره وجهي تمام مضبوط ناهيندو آهي. ڪانءُ ڪنهن ٻار جي هٿ ۾ لولو يا ٻي ڪا به کائڻ جي شيءِ ڏسندو آهي ته اها ڪانئس کسي پنهنجي چهنب ۾ کڻي، ڪنهن وڻ يا ڇت تي ويهي کائيندو آهي.

ڪي ماڻهو ڪانوَ کي قاصد ڪري سمجهندا آهن. جڏهن ڪوئي ڪانءُ گهر جي ڇت تي ويهي لنوندو آهي تڏهن گهر جا ڀاتي ائين سمجهندا آهن ته ڪانءُ ڪنهنجي اچڻ جو نياپو کڻي آيو آهي. اها ڳالهه ڪن حالتن ۾ سچي به نڪرندي آهي.

ڪانوَن ۾ ڏاڍي ٻڌي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو به ڪانءُ ڪٿي مري ويندو آهي ته انيڪ ڪانوَ ان هنڌ اچي ڪٺا ٿيندا آهن ۽ ڪان ڪان ڪري پنهنجي ڏک جي پڌرائي ڪندا آهن.

—෴—

١٢- لوهه

لوهه هڪ تمام ڪارائتو ڌاتو آهي. پراچين زماني کان وٺي لوهه جو اپيوگ ٿيندو آيو آهي. هي ڪاٽين مان کوٽي ڪڍيو آهي. سون وانگر هي شڌ حالت ۾ ڪونه ملندو آهي. هو ڪيترن ڪچين ڌاتن سان ۽ ٻين نيچ ۽ گاڏڙ شين سان گڏيل هوندو آهي. عام طرح لوهه جهڪي ڀوري رنگ جو ٿيندو آهي پر شڌ حالت ۾ سندس چمڪ چانديءَ جهڙي ٿيندي آهي.

لوهه انگلنڊ، سئيڊن، اتر آمريڪا، فرانس، ڀارت وغيره ۾ لڀندو آهي.

لوهه جون هي خاصيتون آهن: شڌ حالت ۾ هي چمڪندو آهي. شيشي وانگر هنجي آرپار ڏسي ڪونه سگهبو آهي. غير ڌاتن کان هي ڳورو آهي. مترڪن جي ٽڪن هيٺ هنکي ٻڙچن جي صورت ۾ آڻي سگهبو آهي. هنکي ڇڪي تارن جي صورت ۾ آڻي سگهبو آهي. هنکي رجائي يا گرم ڪري هن مان ڪيترن روپن واريون شيون ٺاهي سگهبيون آهن.

لوهه جون چار جنسون ٿينديون آهن. سندس پهرئين جنس آهي ڪاڻ مان اصلوڪيءَ حالت ۾ نڪتل لوهه. هي لوهه جو ڪچي ۾ ڪچو نمونو آهي. لوهه جي ٻي جنس آهي پير يا ڍالتو لوهه. اهو لوهه جي ڪچين ڌاتن

ڪي ڪورن ۾ ڳارڻ ۽ پوءِ ڪين واريءَ جي قالبن ۾
وجهڻ سان ٺهندو آهي. هن کي "ٻيڙ" به چئبو آهي.
هي لوه جي ڪنهن به ٻيءَ جنس کان وڌيڪ ٺاڪڻو
۽ سستو هوندو آهي. هن مان پائيپ وغيره ٺهندا آهن.
هي ٺاڪڻو ٿيندو آهي تنهنڪري هن مان تارون
ٺاهي ڪو نه سگهبيون آهن. لوه جي ٻئين جنس آهي
ڪاٺي لوه. هي لوه جو شڌ ۾ شڌ نمونو آهي. هي
پالٽُو لوه وانگر قالبن ۾ نه پوندو آهي، پر هن کي گهڙبو
۽ لپيٽبو آهي. هي پالٽُو لوه کان وڌيڪ مضبوط ٿيندو
آهي تنهنڪري هن مان مشينون ۽ انهن جا پرزا
ٺاهيا آهن.

لوه جي ٽئين جنس آهي رڪ. رڪ لوه جو بهترين
نمونو آهي. لوه ۾ ڪاربان، گندرف، فاسفورس ۽ ٻيون
شيون گڏي رڪ ٺاهيندا آهن. رڪ مان ريل جا پٽا،
اوزار، هٿيار، ڪپ، ڪئنچون وغيره ٺهندا آهن.

رڪ لوه جي سڀني جنسن ۾ وڌيڪ سخت ٿيندو
آهي. رڪ جي شيءِ نه جلد ڪاجندي آهي ۽ نه جلد
مٿس ڪٽ چڙهندي آهي، هن مان کهڙي به روپ
جي شيءِ ٺاهي سگهجي ٿي. هن جي ٺهيل ڌار تکي ۽
چٽادار ٿيندي آهي.

لوه مان سوين ڪارج سڌ ٿين ٿا. انساني ٻروٽيءَ
جي هر ڪيتر ۾ ڪا نه ڪا لوه جي شيءِ ضرور ڏسڻ ۾

ايندي. زراعت ۾ ڪم ايندڙ اوزار، ريل گاڏين ۽ جهازن
جون انجڻيون ۽ فوجي سامگريءَ جو ڪيترين شيون
لوه مان ٺهيل آهن. جيڪڏهن لوه گم ٿي وڃي ته
جيڪر دنيا جو سڄو چرخو ئي بيهجي وڃي.

١٣- ڪوئلو

ڪوئلو هڪ قسم جو ڌاتو آهي. هي ٺاڪنڊون
ٿيندو آهي جنهنڪري جلدي ڀڄي پوندو آهي. هي
جلد ٻرندو آهي جنهنڪري هنکي ٻرڻ طريقي ڪم
آڻبو آهي. هنجو رنگ ڪارو ٿيندو آهي. ڪو ڪوئلو
چمڪ وارو ٿيندو آهي ته ڪو بنا چمڪ وارو.

ڌرتيءَ جي زلزلي ڪري ڪيترا وڻ ۽ ٻوٽا زمين
اندر دٻجي ويندا آهن ۽ اهي ڪيترن سالن کانپوءِ
داب، گرميءَ ۽ گهم جي اثر هيٺ ڪوئلي جو روپ
ٺندا آهن. ڪوئلو کاڻين مان لڀندو آهي. ڪوئلو
ريٽ برٽن، آئرلنڊ، جرمنيءَ، رشيا، فرانس، چين ۽ ڀارت
غيره ۾ لڀندو آهي.

ڪوئلو تمام ڪارائتو ۽ وڏيءَ اهميت وارو آهي.
نسان جي ڪوئلي کانسواءِ ڪانه سري. ڪوئلو رنڌ پچاءَ
ڪمرن کي گرم رکڻ جي ڪم ايندو آهي. ڪوئلي
انسواءِ لوه جي جيڪر قيمت ئي ڪانه رهي. لوه کي

سوڊڻ وقت هنجي ڪچين ڏاڻن کي ڳارڻ لاءِ ڪوئلو ٺي ڪتب ايندو آهي. انجڻين ۾ ٻاڦيءَ مان ٻاڦ پيدا ڪرڻ لاءِ به ڪوئلو ڪم آڻبو آهي. ڪنهن به ديس جي آسودگيءَ جو مدار ڪوئلي تي هوندو آهي. جتي ڪوئلو گهڻي پيماني تي لڀندو آهي اُتي اديوگ زور وٺندو آهي. ڪوئلي مان ڏامر، پرافين تيل ۽ نف جو تيل وغيره تيار ٿيندا آهن.

—०ॐ०—

١٤- چانهه

چانهه هڪ ٻوٽي جي پيدائش آهي. هن ٻوٽي جي اوچائي ٽن کان پنجن فوٽن تائين ٿيندي آهي. هن ٻوٽي جي مٿين اوسر (واڌ) ڇانگڻ سبب بند ٿي ويندي آهي ائين ڪرڻ سان پنن جي واڌ ٻوٽي جي هيٺين پاڱي ۾ ٿيندي آهي. پنن جي ڊيگهه هڪ يا ٻه انچ ٿيندي آهي. انهن جو رنگ سائو ۽ شڪل بيضي جهڙي ٿيندي آهي. هن ٻوٽي جا سُڪل ۽ سيڪيل پن اسان چانهه طور ڪم آڻيندا آهيون.

چانهه جو ٻوٽو بهترين نموني اُتي اُپرندو جتي مينهن جو پاڻي ۽ اُس جام هوندي آهي. چانهه جي ٻوٽن لاءِ گهڻو پاڻي نقصانڪار آهي، تنهنڪري ٻوٽا ڍار واريءَ زمين ۽ ٽڪرين جي سلاميءَ (لاهيءَ) تي پوکبا آهن.

هڪ ٻي منڊ ۾ چار پيرا پن ڇونڊبا آهن. پهرين پنن جي ڇُونڊ اپريل ۾ ٿيندي آهي جڏهن نوَن ٻُوٽن ۾ مڪڙيون ۽ ننڍا پن پيدا ٿيندا آهن. هنکانپوءِ ٻوٽن تي نوان پن ٿيندا آهن انهن پنن جي ڇونڊ وري مي ۽ مهيني ۾ ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح ٽين ڇونڊ جولاءِ ۽ چوٿين ڇونڊ آگسٽ ۾ ٿيندي آهي.

جڏهن پن ڇونڊجي پورا ٿيندا آهن تڏهن ٿوري وقت لاءِ انهن کي اس ۽ هوا ۾ وائڪو ڪبو آهي. هن کانپوءِ انهن کي ٽانڊن جي ٻاه تي سڪائبو ۽ سيڪبو آهي. هنکانپوءِ پنن کي ويڙهيندا ۽ وُر (پيچ) ڏيندا آهن. وري هنن کي ٻيو پيرو گرم ڪبو آهي. ائين ڪرڻ سان اهي وڌيڪ سڪندا آهن ۽ پرڪٽا تي پوندا آهن. پهرين ڇونڊ وارا پن بهترين ۽ سٺي سواد واري چانهه ٺاهيندا آهن. ننڍن پنن مان ٺهيل چانهه سٺي ٿيندي آهي ۽ وڏن پنن مان ٺهيل چانهه سادي ٿيندي آهي. چانهه جو ٻورو پيئڻ ۾ گهٽ سواد ڏيندو آهي. اهو چانهه جي رهيل کهيل پنن مان ٺهندو آهي.

ٻاٽيءَ کي ٽهڪائي ان ۾ چانهه، کنڊ ۽ کير وجهي، ڪيس هڪ ٻه ٽهڪ ڏيئي پيئڻ لائق چانهه تيار ڪبي آهي.

چانهه بدن کي ڦڙت ڪندڙ آهي پر ان سان گڏ نقصان پهچائيندڙ ٻه آهي. ٽهڪندڙ ٻاٽيءَ ۾ چانهه وجهڻ

سان ان ۾ چوڏيءَ جو تيزاب پيدا ٿيندو آهي جو
تندرستيءَ لاءِ نقصانڪار آهي ۽ بدهاضمو ڪندو آهي.

١٥- ناريل جو وڻ

ناريل جو وڻ ڏگهو ۽ نزاڪتدار ٿيندو آهي. سندس اوچائي ڇاليهن فوٽن تائين هوندي آهي. هنکي ٽاريون ڪين ٿين. سندس چوٽيءَ تي پنن جو ڇت ٿيندو آهي. سندس پن ڇهن کان اٺن فوٽن تائين ڏگها ٿيندا آهن تنهنڪري اهي ڪليل ڇتيءَ وانگر پکڙجي ۽ نمي پوندا آهن. ميوو انهي چوٽيءَ تي ڇڳن ۾ هوندو آهي. هرهڪ ڇڳي ۾ اٺڪال ٻارهن ڦل ٿيندا آهن.

ناريل جي وڻ لاءِ گهميل ۽ لوڻياٺي زمين گهرجي، تنهنڪري اهي سامونڊي ڪناري تي سٺي نموني پيدا ٿيندا آهن. اهي لنڪا، ڪوچين ۽ ملبار ڪناري تي گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندا آهن.

ناريل جو وڻ ڏاڍو قيمتي ٿيندو آهي هنجو هرهڪ ڀاڱو ڪو نه ڪو ڪارائتو ڪم ڏيئتو. انجو ٿـڙ جهوپڙين ۾ ڪام يا شهتير جو ڪم ڏيئتو. ٿڙ مان ڪوئي ڪوئي ٻ وندون پيڙيون ناهيون آهن. هنجي پنن مان ٽوڪريون ۽ تڏا نهندا آهن. سندس پنن جي ڪل رڳن مان ٻهارا ٺهندا آهن.

ناريل مان ٻه ڪيترائي ڪارج سڌ ٿين ٿا. ناريل جي مٿان جيڪي سخت تاندورا هوندا آهن تنکي "ڪاٻارو" چئبو آهي. ڪاٻاري مان نوڙيون، برش ۽ گديلا ٺاهيا آهن. ناريل جو ڪوپو سخت ۽ ٺاڪڻٿون ٿيندو آهي. ان مان ڏونگها، پيالا، قولدانيون، ٺڻ ۽ ٻيون ڪارائتيون شيون ٺهنديون آهن. ناريل جي انـــدر جيڪو گورو ٿيندو آهي سو کائڻ جي ڪم ايندو آهي. سڪل گوري کي ڏونگهي يا ڪوپرو چوندا آهن. ڏونگهي طاقت ڏيندڙ چيز آهي. ڏونگهيءَ مان تيل نڪرندو آهي جنهنکي ڪوپري جو تيل چوندا آهن. هي تيل کاڌي جي شين ۾ ۽ لڳن کي لائڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. هنمان ڪيترن قسمن جا خوشبودار تيل ٺاهيا آهن. هي تيل ميڻ ٻتين، صابڻ ۽ ملمن ٺاهڻ جي ڪتب ايندو آهي.

جڏهن ناريل سبز حالت ۾ هوندو آهي ۽ انجي اندر گورو اڃا نهڻ ني هوندو آهي ۽ سندس ڪوپو نـــرم هوندو آهي تڏهن گوري جي جاءِ تي ان ۾ مٺو ۽ صاف پاڻي پريل هوندو آهي. اهو پاڻي تازگــي بخشيندڙ ۽ بدن جي گرمي گهٽائيندو آهي. ڪيترا ماڻهو اهو پاڻي شوق سان پيئندا آهن. اهو بدهاضمي لاءِ مفيد آهي ۽ ماتا جي سيئڙن مٿائڻ لاءِ اثرائتو آهي. ناريل جي ننديءَ پنن مٿان هڪ مکڙيءَ جهڙي نـــرم شئہ ٺهي پوندي آهي. انکي "ناريل جي بند گوبي چئبو آهي.

اها بند گوڙيءَ وانگر ڪائيل آهي. ناريل جي وڻ کي جدا جدا هندن تي وڍ وجهي ان مان رس ڪڍندا آهن. اُن ۾ نشي جو اثر ٿيندو آهي. اُنکي ”تاڙي“ ڪري چوندا آهن. مطلب ته هڪ ناريل جي وڻ مان ڪيترائي ڪم سڌ ٿيندا آهن.

١٦ ڏيـاري

ڏياري سنسڪرت لفظ ديپاوليءَ جو بگڙيـل روپ آهي. ديپاوليءَ جي معنيٰ آهن ڏيئن جي قطار. ڏياريءَ تي اهو نالو انڪري پيو آهي جو هن ڏڻ تي رات جو هندن جا گهر، دڪان ۽ ڪارخانا وغيره ڏيئن يا بجلي بتين سان سينگاريا ويندا آهن. هـي هندن جي مکيه ڏڻن مان هڪ آهي ۽ انگريزي مهيني آڪٽوبر يـا نومبر ۾ ايندو آهي.

چون ٿا ته ڏياريءَ جي موقعي تي انڪري خوشيون ملهايون وينديون آهن جو رامچندر راجا دسرٿ جو پٽ چوڏهن سال بن ۾ پورا ڪري، هن ڏينهن تي پنهنجي گهر ايوڌيا ۾ واپس آيو هو.

ڏياريءَ جي اچڻ کان ڪجهه وقت اڳ دڪان ۽ گهر وغيره صاف ڪيا ويندا آهن ۽ رنگ يا چونو لڳائي ڪين سهڻي نموني سينگاريو ويندو آهي.

ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن موڪل ٿيندي آهي، تنهنڪري هرڪو اِنسان ڪم جي چنتا کان ڇٽل هوندو آهي. نر توڙي ناري، ٻڍو توڙي ٻار اُڇا ڪپڙا پهري، خوشيءَ وچان گهمندو نظر ايندو آهي. بزار جي رونق ته واهه جا وڻندڙ هوندي آهي!

حلوائي، راندڪا وڪڻندڙ ۽ ٻيا پنهنجن دڪانن ۾ اهڙي ته سهڻي سنواءَ سان چيزون ناهي رکندا آهن جو اُتان لنگهيندڙن جو من هرکجي ويندو آهي ۽ اهي انهن جي خريد ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريندا آهن. هرقسم جي دڪان تي پيهه لڳي پيئي هوندي آهي.

رات جو دڪانن ۽ گهرن وغيره ۾ ڏيئا، ٻتيون يا ٻهه رنگي بلب ٻاري ڪين سٺي نموني سينگاريو ويندو آهي. مطلب ته جهجهيءَ روشنيءَ سبب رات به ڏينهن جي ڏيکاري ڏيندي آهي. سڄي رات جو ڪافي پيماني تي آتشبازي جلائي ويندي آهي. رات جو لڪشمي ديويءَ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي ۽ ميلا پڙا جلايا ويندا آهن. مطلب ته ڏياري وڏي پيڪي سان منائي ويندي آهي. ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن کان وني هندن جو نئون سال شروع ٿيندو آهي.

١٧- هولي

هولي هندن جي مکيه ڏڻن مان هڪ آهي. هولي ڦاڳڻ مهيني جي ١٣ تاريخ ڌاري ملهائي ويندي آهي. هن ڏينهن تي صبح جو ساجهر ٿڌي هوا لڳندي آهي، ڏينهن تتي جو ڌوڙيو وسندو آهي ۽ رات جو وري وڻندڙ ٿڌڪار پوندي آهي. هن موقعي تي قدرت جو نظارو به ڏاڍو من موهيندڙ هوندو آهي.

سڀيئي هندو هولي خوشيءَ ۽ موج سان ملهائيندا آهن. هوليءَ جي آکاڻي هن ريت آهي: هرناڪس جو پٽ پهلاد وشنوءَ جي پوڄا ڪندو هو. پڻهس کيس چيو ته، "تون وشنوءَ جي پوڄا ڇڏي منهنجي جئه مناءِ." پهلاد پيءُ جو هي چوڻ ڪونه مڃيو. هنتي سندس پيءُ هرناڪس کي سخت ڪاوڙ لڳي. هن پنهنجيءَ ڀيڻ هولڪا کي چيو ته، "تون پهلاد کي باه ۾ ٻاري ڀسم ڪري ڇڏ." هولڪا ڀاءُ جو حڪم مڃي پهلاد کي باه ۾ جلائڻ ويئي. هولڪا پهلاد کي باه ۾ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر قدرت اهڙي ٿي جو پهلاد کي ڪجهه نه ٿيو اُلٽو هولڪا اُن ۾ سڙي رک ٿي ويئي. هن ڏڻ تي هولڪا جي نالي پٺيان "هولي" نالو پيو آهي.

هن ڏينهن تي هندو واه جون خوشيون منائيندا

آهن! سڄو ڏينهن اهي نچندا، ڳائيندا، وڄائيندا ۽ هڪٻئي تي گلال ڇنڪاريندا ۽ رنگين پاڻي هڻندا رهندا آهن. رات جو اهي ڪليل جاين تي ڪاٺيون گڏ ڪري، مقرر وقت تي انهن کي باه ڏيندا آهن. باه جا ايڏا ته مچ ٻرندا آهن جو انهن جو تئو ڪيتري مفاصلي تائين ٻيٺل ماڻهن کي ستائيندو آهي. ماڻهو انهن باه جي مچن کي پوڄيندا آهن ۽ جڏهن باه ٽانڊن جو روپ وٺندي آهي تڏهن کي شرڌالو پيرين اُگهارا انهن ٽانڊن مٿان هلندا آهن.

★◈★

١٨- جنم اشٽمي

جنم اشٽمي ڪرشن ڀڳوان جي جنم جو ساليانو اُتسو آهي. اهو اُتسو سانوڻ مهيني ۾ ٿيندو آهي. هندن لاءِ هي پوتر ڏينهن آهي. هن شڀ ڏينهن تي رات جو آڌيءَ رات ڪرشن ڀڳوان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، ڇوته اِئين مڃيو ويندو آهي ته هو رات جو انوقت ڄائو هو. هن پوڄا جو من تي گهرو اثر ٿيندو آهي. هيءَ پوڄا اسانکي يادگيري ڏياريٿي ته سچ ۽ انصاف جي جئه آهي ۽ پاپ ۽ ظلم جي ڪئه آهي. هن ڳالهه سمجهڻ لاءِ اسانکي ڪرشن ۽ سندس مامي ڪنس جي آکاڻي جاڻڻ گهرجي جا هن ريت آهي:-

اها اڳڪٿي ٿيل هئي ته ظالم راجا ڪنس جو مرڻ سندس ڀيڻ ديوڪيءَ جي اٺين ٻار هٿان ٿيندو. جڏهن ڪنس جي ڀيڻ کي اٺون ٻار پيٽ ۾ ٿيو تڏهن هن ديوڪيءَ ۽ سندس پتيءَ واسديو کي قيد ۾ بند ڪرائي ڇڏيو. پوري وقت تي ديوڪيءَ کي پٽ ڄائو. ننڍڙين ڄاول ٻالڪ انوقت ڳالهايو ۽ پنهنجي پيءُ واسديو کي چيو، "تون هنوقت ئي مونکي پنهنجي ڪڙتي ۾ ويڙهي جمنا نديءَ جي ٻئي طرف نند ڳنوار جي گهر ۾ وٺي هل. هنجي زال جسودا کي تازو ڪڪي ڄائي آهي. اهي ٻئي هنوقت گهريءَ ننڊ ۾ آهن. تون اتي هلي، مونکي ان ڪڪيءَ جي جاءِ تي سمهاري، تون اها ڪڪي کڻي ترت هتي موٽي اچ. ائين ڪرڻ سان توکي ڪابه تڪليف آڏو ڪرڻ ايندي." هن ائين ڪيو ۽ اُن ڳالهه ۾ ڪامياب ٿيو.

ٻئي ڏينهن تي ڪنس کي خبر پيئي ته ديوڪيءَ کي ٻار ڄائو آهي. هو ٻاڻ ٻار کي مارڻ لاءِ ويو. جڏهين هن ٻار کي کڻي، ڪيس زمين سان سٽي مارڻ ٿي چاهيو، تڏهن اوچتو ٻار سندس هٿن مان گم ٿي ويو. جڏهن ڪرشن ساماڻو تڏهن ڪنس کي ماري ڇڏيائين.

جنم اشٽميءَ تي ڪرشن ڀڳوان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي؛ پر سچ پڇ اها پوڄا سچ ۽ نياءَ جي آهي جنهن جي هميشه ظلم ۽ انياءَ جي مٿان سوڀ آهي.

جنم اشتمي سال ۾ گهت ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اهـا ڳالهه
اسانجي ڌيان تي آڻيندي ته دنيا ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪڍهن
۽ جئه ڪانه ٿي ٿئي.

١٩- چيٽي چنڊ

چيٽي چنڊ خاص سنڌين جو ڌارمڪ ڏينهن آهي. سنڌي هي ڏڻ وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. هن شيءِ ڏينهن تي اڏيري لعل جو جنم ٿيو هو. هنجو جنم سنبت ١٠٠٧ ۾ چيٽ مهيني جي چنڊ تي، آرون جي ڏينهن، سنڌ جي نصرپور شهر ۾، رتن راءِ جي گهر ۾ ٿيو هو.

شري اڏيري لعل جي ڪهاڻي هن ريت آهـي:- اٽڪل ساڍا ڏهه سؤ سال اڳ سنڌ جي گادي ٺٽي ۾، هڪ "مرک" نالي هڪ مسلمان بادشاه راڄ ڪندو هو جو ڏاڍو ظالم هو. هو هندن سان ظلمي ڪارروايون ڪندو هو ۽ ڪين زوريءَ مسلمان ڪندو هـو. هندن تي هنطرح ظلم ٿيندو ڏسي، شري اڏيري لعل اوتار ڌاريو. هن لشڪر گڏ ڪري مرک بادشاه کـي ڏاڍو تنگ ڪيو. ان وچ ۾ مرک کي موقعو مليو ويـو سو اڏيري لعل کي گرفتار ڪري، کيس مسلمان ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪيائين پر ڪامياب ڪونه ٿيو. هڪ

پيري لعل سائين جل جو سؤروپ ڌاري مرک بادشاه
جي محل ۾ گهڙي ويو. ائين ڪرڻ سان مرک جي
محلات ۾ ازغيبي، اجهل ۽ اٿاه پاڻي ڍوڪي آيو.
هي حال ڏسي مرک ۽ سڀئي مسلمان منجهي ويا ۽
وڃي لعل سائينءَ کان معافي ورتائون. لعل سائينءَ کين
معافي ڏيئي چيو، "هن ڪانپوءِ توهان هندن ۽ مسلمانن
جي وچ ۾ ڪو به ڀيد ڪونه رکجو." هنن هي قبول ڪيو
۽ پوءِ لعل سائين گم ٿي ويو. هن وقت به هندو هنکي
"اڏيري لعل" جي نالي سان ۽ مسلمان "زنده پير"
جي نالي سان مڃيندا آهن.

چيٽي چنڊ احمدآباد ۾ وڏي ڀيڪي سان ملهايو
ويندو آهي. هن ڏينهن تي منجهند جو ريوڙي بزار
مان ڏگهي، شاهي سرگس نڪرندي آهي جا رليف روڊ
تان لنگهيندي آهي. هن سرگس جو ڀيڪو ۽ دبدبو ڏسي
مڪاني ماڻهو عجب کائيندا آهن. هن ۾ انيڪ جهانڪيون
هونديون آهن جيڪي سنڌين جي اوچ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ
جي ثابتي ڏينديون آهن. ٽپي ٽپي ٿي، سکو ۽ سيسا
دل کولي، بنا ڀيد ڀاو جي، هر ونندڙ کي ڏنا
ويندا آهن.

هن سرگس ۾ قسمين قسمين جهانڪيون ڏسي، ڏسندڙ
ڌاپ ۽ خوش ٿيندا آهن. شام جو بگلن باجن، دهلن ۽
شرنائين، ناچن ۽ جهمرن جي وچ ۾ بهراڻو صاحب نڪرندو
آهي جيڪو شاهي رستي تان وٺي وڃي نديءَ ۾

پرواه ڪندا آهن. رات جو ڪئي ڪلچرل (سانسڪرتڪ)
پروگرام رکيو ويندو آهي ته ڪئي پڳتيون لڳايون
وينديون آهن، جنهي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اچي دل
وندرائيندا آهن.

٢٠- دسهڙو

دسهڙو هندن جو ڏڻ آهي. هي ڏياري کان ويهه
ڏينهن اڳ ايندو آهي. هي گهڻو ڪري آڪٽوبر ۾
ايندو آهي. هن ڏينهن تي موڪل هوندي آهي. هي
ڏينهن سڄي ڀارت ۾ ملهايو ويندو آهي. هن ڏينهن جي
ڪهاڻي هن ريت آهي:-

گهڻو وقت اڳ، جڏهن راجا دسرٿ ايوڌيا تي راڄ
ڪندو هو تڏهن لنڪا ۾ راوڻ جو راڄ هو. راوڻ کي
ڏهه سسيون هونديون هيون يعني هنجي ڏهه ئي
ڏهن دشائن ۾ هلندي هئي. هو ذات جو برهمڻ هو پر
هنجا ڪرتوت ڪنا هئا. هن لنڪا جو راڄ ٻ ڀوءِ سان
هٿ ڪيو هو. هو ظالم ۽ ضدي هو. جڏهن پنهنجي
پتا جي ڏنل وچن کي پوري ڪرڻ لاءِ رام چوڏهن
سال بن وچي پيو هو، تڏهن هڪ ڀيري رام ۽ لڪشمڻ
جي غير حاضري ۾، راوڻ سادوءَ جا ڪپڙا ڪري،
سيتا کان ڀکيا وٺڻ آيو. جيئن سيتا کيس ڀکيا ڏيڻ

ويئي، تيئن هو زوريءَ سيتا کي پنهنجي ٻيڙ ۾ کڻي، ڪيس لنڪا طرف کڻي ويو. اُتي هو هنڪي ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ سخت ستائڻ لڳو، مگر هن ڏانهس اک کڻي به ڪو نه نهاريو. آخر ڳولا ڪندي رام کي پتو لڳو ته راوڻ سيتا کي کڻي ويو آهي. رام هنومان جي مدد سان باندرن جي فوج وٺي، لنڪا تي ڪاهي ويو ۽ راوڻ سان زبردست لڙائي ڪري کيس ماري ڇڏيائين ۽ سيتا کي پاڻ سان واپس وٺي آيو. ڏسهڙو اهوئي ڏينهن آهي جڏهن رام راوڻ جون ڏهه سسيون ڪپي، کيس ماري، سيتا پنهنجي قبضي ڪئي هئي.

هن ڏينهن شام جو ڪيترن ئي شهرن ۾ راوڻ جا بت ناهي، انهن کي باهيون ڏيئي جلائيندا آهن. هيءَ ڏينهن اسانجي ڏيان تي اها ڳالهه آڻيندو آهي ته سچ جي ظلم مٿان جئه هميشه آهي.

٢١- پندرهين آگسٽ (آزاديءَ جو ڏينهن)

پندرهين آگسٽ ڀارتواسين لاءِ پيارو ۽ مکيه ڏينهن آهي. هن شڀ ڏينهن تي اسانجي ڀارت جي ٻانهپ جا بندن ٽٽا هئا يعني اسانجو ڀارت ديس انگريزن جي حڪومت کان آجو ٿيو هو. هن ڏينهن تي سڄي ڀارت ۾ موڪل هوندي آهي، جنهنڪري هي ڏينهن

ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شان شوڪت ۽ ڀيڪي سان ملهايو ويندو آهي.

اسانجي اسڪول ۾ به هي ڏينهن شاندار نموني ملهايو ويندو آهي. گذريل ١٥ آگسٽ تي اسانجي اسڪول جو سڄو عملو ۽ سڀ وديارٿي اسڪول جي اڳيان وڏي ميدان ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. اُتي اسانجي هيڊ ماستر صاحب اسانکي پندرهينءَ آگسٽ جو مهتو سمجهايو ۽ اسانکي اهو به ٻڌايائين ته اسانجن اڳوانن ڪيترا نه ڪشٽ سهي آزادي حاصل ڪئي هئي. هن پوءِ چيو ته، ”اسانکي پاڻ ۾ ايڪو ۽ ميلاپ رکي، هن تڪليفن سان مليل آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻ گهرجي.“ هنکانپوءِ قومي جهنڊي جي سلامي ڪئي ويئي ۽ انت ۾ راشٽريه گيت ڳائي، ڪارگذاري ختم ڪئي ويئي.

رات جو اسانجي اسڪول شاندار نموني ناٽڪ ڪري ڏيکاريو. هن ناٽڪ جو وشيه به ”آزادي“ هو. هي ناٽڪ سڀني لاءِ مفت ۾ رکيل هو، جنهنڪري اهو هزارين ماڻهو ڏسڻ آيا هئا. ڪيترن آفيسن ۽ گهرن کي روشنيءَ سان سينگاريو ويو هو. ماڻهن ڪيترائي ڦٽاڪا ڦوڙي خوشيون منايون ۽ آنند اُڏايو.

٢٢- ڇويهين جنوري (لوڪراڄ ڏينهن)

ڇويهين جنوري اسانجو لوڪراڄ ڏينهن آهي. اسان ١٩٢٩ع ۾ ٢٦ جنوري تي، اهو قول ڪيو هو ته اسان پنهنجو ڀارت ديش کي انگريزن جي حڪومت کان آجو ڪنداسين. اهوئي ڪارڻ آهي جو ١٩٥٠ع ۾ ٢٦ جنوريءَ تي اسان ڀارت ۾ لوڪراڄ شروع ڪيو. ڀارتواسين لاءِ ڇويهين جنوري مکيه ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي سڄي ڀارت ۾ موڪل هوندي آهي. ڀارتواسي هي ڏينهن خوشيءَ ۽ فخر سان ملهائيندا آهن.

گذريل سال اسانجي اسڪول ۾ ٢٦ جنوريءَ جو ڏينهن وڏي شان شوڪت سان ملهايو هو. ان ڏينهن تي صبح جو ساڍهي ساڍي ستين بجي، اسانجي اسڪول مان بئنڊ سان ٻارهن سون شاگردن جي سرگس نڪتي هئي. جيئن سرگس شاهي رستي تان آزاد ميدان طرف هلندي پئي ويئي، تيئن واٽ تي ٻين اسڪولن جون سرگسون به ان سان شامل ٿينديون پئي ويئون، تانجو هڪ عاليشان سرگس بڻجي اچــي آزاد ميدان تي پهتي. واٽ تي ڏٺوسين ته ڪيترن گهرن ۽ آفيسن تي قومي جهنڊا هوا جي حساب سان لهرائي رهيا هئا. آزاد ميدان تي شهر جو مملتدار ۽ ٻيا آفيسر به، اڳي حاضر ٿيا هئا. مملتدار اسانکي لوڪراڄ ڏينهن جو مطلب سمجهايو ۽

اسانکي صلاح ڏنائين ته اسان پنهنجي ديس سان سچا ۽ وفادار رهون ۽ سنڌ س آزادي برقرار ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ جان ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيون. هنکانپوءِ هن قومي جهنڊي جي سلامي ڪئي ۽ ماڻهو ڇڙوڪڙ ٿي ويا. هن ڏينهن تي اسانجي اسڪول ۾ مٺائي ورهائي وئي.

رات جو گهرن ۽ آفيسن کي بتين ۽ بجليءَ جي ٻهرنگي بلبن سان سينگاريو ويو هو. اسانجي اسڪول رات جو وندرائيندڙ ڊرامو به ڪيو هو. اسان شهر جي رونق ڏسڻ لاءِ رات جو خوب شهر ۾ گهمياسين. آخر رات جو ٻارهين بجي ٿڪجي ٽٽجي اچي پنهنجي گهرن ۾ آرامي ٿياسين.

٢٣- ڇترپتي شيواجي

شيواجي ڀارت جو وير ١٦٢٧ع ۾ ڄائو هو. هنجو پتا سهاجي هڪ جاگيردار هو. شيواجيءَ جي ماتا جو نالو جيجي بائي هو. هوءَ ڌرمشٽ ۽ گڻوان استري هئي. ننڍپڻ ۾ هوءَ سدائين شيواجيءَ کي ڌرمي ۽ ويرن جي ويرتائن جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي جي هنجي جيءَ ۾ جڏ ٻات ڦوڪينديون هيون. هنکي ننڍپڻ کانوني مدو راج ٻڻائڻ جي زوردار چاهنا هئي. عليمت کان

هيس پر ٻين سڀني ڳالهين جي تعليم پرائي هئائين. هو هوشيار گهوڙيسوار ۽ تکو تلوار يو هو. هو پالي هلائڻ ۾ ٻه پڙ هو. هو جنگي فن ۾ هوشيار هو. هن ۾ جريت ۽ جانبازيءَ جا گڻ هئا، جنهنڪري هو جلد ئي جبرو ۽ جانٺو جنگي جوڌو بڻجي پيو. مطلب تہ سترهن سالن جي عمر ۾ هن موجي جيون شروع ڪيو. هنجي ڌارمڪ جذبات ۽ جريت نوجوان مرهٽن تي ڏاڍو اثر ڪيو، جنهنڪري اهي وڏي تعداد ۾ هنجي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لڳا. هن پارت مان مسلمانن جو راڄ اکوڙڻ ٿي چاهيو. هن پهريائين بيجاپور جي سلطان جا ڪيترا پهاڙي قلعا هٿ ڪيا ۽ پوءِ اورنگزيب کي بہ خوب ڏوڪا چڻايائين. اورنگزيب آخر تنگ ٿي، شيواجيءَ جي انهن قلعن ۽ جاين تان سروري قبول ڪئي جيڪي هن، هن مهل تاءِ پنهنجي هٿ ۾ آندا هئا. هنکي پهاڙي قلعن هٿ ڪرڻ جو عجب ڏانءُ هو تنهنڪري هنکي سڏيندا ئي "پهاڙي ڪوئو" هئا. اگرچ هن چڪرين ۾ ڪيترا ڌاڙهو ماريا هئا پر تڏهن بہ هو دياوان ۽ سخي هو.

هو اورنگزيب کان چترائيءَ ۽ پڻ ڪلا ۾ وڌيڪ هو. هڪ ڀيري اورنگزيب ٺڳيءَ جي نموني شيواجيءَ کي پاڻوٽ گهرائي جيل ۾ بند ڪيو جتان هو هوشياريءَ سان پنهنجو پاڻ ميوي جي ٽوڪري ۾ لڪائي ٻاهر نڪري آيو. هو ڪڏهن بہ عورت يا ٻار کي هٿ

کين لائيندو هو، جيڪو به مال هنکي هٿ ايندو هو سو مسڪينن ۽ محتاجن کي ورهائي ڏيندو هو.

٢٤- گرو نانڪ صاحب

گرو نانڪ صاحب ٻين پيغمبرن وانگر هڪ نئين ڌرم جو پايو وڌو ۽ اهو هو سک ڌرم. گرو نانڪ ١٤٦٩ع ۾ لاهور ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هنجو پيءُ غريب هوندو هو. هو ڳوٺ جي هڪ پاٺشالا ۾ پڙهيو هو. ننڍي کان وٺي ئي سٺي ذهن وارو هوندو هو. هنکي پڙهڻ لاءِ ڏاڍو شوق هوندو هو. هو سنسڪرت ۽ پارسيءَ ۾ ڏاڍو هوشيار هوندو هو ۽ انهن ٻنهي ڀاشائن ۾ ڪيترين ڪوتائون به ناهيون هيائين.

ٻالپڻ کان وٺي ئي گرونانڪ تي ايشور ڀڳتيءَ جو رنگ چڙهيل هو، جنهنڪري هو گهڻو وقت هنجي ڌيان ۾ گذاريندو هو. هن جي پيءُ جي مرضي هئي ته سندس پٽ ڌنڌو ڌاڙي ڪري ڪيس روزگار ڪمائڻ ۾ مدد ڪري، پر هنجي ڌنڌي يا ڪنهن دنيوي وهنوار سان دل ڪانه لڳندي هئي. هنکي رات ڏينهن پنهنجي ايشور جي ڳنوار هئي. هنکي شادي به ڪرائي ويئي پر تڏهن به هنجو ڌيان پرڀوءَ ۾ ئي ڪتل رهيو. ٣٦ سالن جي عمر ۾ گرونانڪ سنياسي بڻيو. هن گهر ۽

سنسار سان واسطا ٽوڙي ڇڏيا. هو ڀارت جي اندر ۽ ڀارت کان ٻاهر پوتر آستان ڏسندو رهيو. هو ياترا پوري ڪري وري پنهنجي وطن ڏانهن موٽيو. اتي هو پنهنجي نئين ڌرم جو زور شور سان پرچار ڪرڻ لڳو. هن جي ڌرم ذات پات جو ڀيد بلڪل مٽائي ڇڏيو هو. هنجي ڌرم جا اهڃاڻ تہ سنا ۽ سهائيندڙ سڌانت هئا جو اهي ڪيترن ماڻهن کــي پسند پيا. ڪيترن ماڻهن پنهنجو ڌرم ڇــڏي هنجو ڌرم اختيار ڪيو. انهن ۾ ڪيترا مسلمان بہ هئا. جن گرونانڪ جو نئون سک ڌرم اختيار ڪيو تنکي "سک" چوڻ لڳا.

گرو نانڪ اعليٰ چرتر جو ماڻهو هو. هو سچ جو طالب ۽ سچو تپسري هو. هنجي رهڻي سادي هوندي هئي. هو ذات پات جو ڀيد ڪرڻ ـــ هو تنهنڪري هو ڪيترين هندن جون مشهور ٿيل رسمون عمل ۾ ڪين آڻيندو هو. هن ڪڏهن بہ جٽيو ڪونہ پاتو. هو ۱۵۳۹ع ۾ گذاري ويو.

۲۵- سوامي وويڪانند

نريندرناٿ جيڪو پوءِ سوامي وويڪانند جي نالي سان دنيا ۾ مشهور ٿيو سو بسوناٿ ناٿ دت جو پٽ هو. هو ۱۸٦۳ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڄائو هو.

نريندرناٿ جڏهن ننڍو هوندو هو تڏهن ڏنگايون ڪندو هو پر تنهن هوندي به ٻالپڻ ۾ منجهس ٽڪيءَ سمجهه ۽ مهانتا جا آثار ظاهر هئا. ننڍپڻ ۾ هنجو ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس ڪونه هو، تنهنڪري هو ناستڪ هو. هو گهڻن ئي وڏن ماڻهن سان مليو پر ڪو به هنکي ايشور جي هستيءَ جي خاطرخواه ثابتي ڏيئي ڪونه سگهيو. هڪ ڀيري هن شري رامڪرشن جي عجيب شڪتين جي ڳالهه ٻڌي، سو پنهنجن دوستن سان گڏجي هنوت ويو. رامڪرشن هنکي ايشور جي هستيءَ جي اهڙي ته پڪي ثابتي ڏني جو هنجو ڀڳوان ۾ پورو ڀروسو جمي ويو. هنڪانپوءِ هو رامڪرشن کي پنهنجو گرو ڪري مڃڻ لڳو. هيءَ ڳالهه ١٨٨٤ع ٿي جڏهن نريندرناٿ بي - اي جو امتحان ڏنو هو. رامڪرشن ١٨٨٦ع ۾ گذاري ويو جنهنڪري نريندرناٿ پنهنجي گروءَ جــو سمورو ڪارڄ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. هنڪانپوءِ نريندرناٿ سنياس اختيار ڪيو ۽ پنهنجو نالو مٽائي سوامي وويڪانند رکيائين.

رامڪرشن جي موت کانپوءِ وويڪانند جي اها ئي چاهنا هئي ته هو پرديس وڃي پنهنجي اُتم ڌرم يعني وئدڪ ڌرم جو پرچار ڪري. ١٨٩٣ع ۾ آمريڪا جي شڪاگو شهر ۾ دنيا جي سڀني ڌرمن جي عيوضين جي ڪانفرنس ٿيڻي هئي. وويڪانند کي به هندو ڌرم جو عيوضي چونڊي، ڪيس اوڏانهن موڪليو ويو. هن

شڪاگو ۾ جيڪو هندو ڌرم تي قابليت ڀريو ڀاشڻ ڪيو، تنهن اتي جي ماڻهن تي جادوءَ جو اثر ڪيو جنهنڪري هو ٿوري ئي وقت ۾ اُتي مشهور ٿي ويو. هن ڀاشڻ ڪانپوءِ ڪيترا پرديسي ماڻهو هن جا چيلا ٿيا. هو ١٨٩٦ع ۾ پنهنجن چيلن سان گڏ ڀارت ڏانهن موٽيو. هن ڀارت جي اندر ۽ ڀارت کان ٻاهر ڪيترائي رامڪرشن جي نالي تي آشرم کوليا. ان لڳاتار جاکوڙ سندس صحت تي وڏو اثر ڪيو. هو ١٩٠٢ع ۾ گذاري ويو.

سوامي وويڪانند وڏو ڌرم گرو ٿي گذريو آهي. هو اوچي چرتر جو ماڻهو ۽ وڏو ديش ڀڳت هو.

——o§o——

٢٦- مهاتما گانڌي

ڀارت اهڙا گهڻائي اعليٰ درجي جا انسان پيدا ڪيا آهن جن ڀارت جي ساري جوڳي سيوا ڪئي آهي. مهاتما گانڌي انهن مان هڪ هو.

موهنداس ڪرمچند گانڌي جو دنيا ۾ ”مهاتما گانڌيءَ“ جي نالي سان مشهور آهي، سو ٢ آڪٽوبر ١٨٦٩ع ۾ پوربندر شهر ۾ ڄائو هو. هن جو پتا پوربندر رياست جو ديوان هو. مهاتما گانڌيءَ جي ماءُ ڌرمشٽ هئي. هوءَ روز مندر ۾ ويندي هئي. هن جي سلڇڻي ماتا جو گانڌيءَ جي جيون تي وڏو اثر ٿيو. هن شروعاتي

گجراتي ٽوڙي انگريزي سکيا ڪاٺياواڙ ۾ ورتي ۽ پوءِ وڪالت پاس ڪرڻ لاءِ انگلنڊ ويو. وڪالت جي ڊگري هٿ ڪري هُو ٽن سالن کانپوءِ ڀارت ۾ موٽي آيو ۽ بمبئيءَ ۾ اچي وڪالت جو ڌنڌو شروع ڪيائين پر ان ۾ ڪامياب ڪونه ويو. ١٨٩٥ع ۾ هو آفريڪا ۾ هندستانين جي حقن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ ويو. آخر هن ڪيترين تڪليفن سهي هندستانين کي حق وٺي ڏنا. هو ١٩١٤ع ۾ ڀارت ۾ موٽي آيو. هتي به هنکي ڀارتواسين جي حقن لاءِ لڙڻو پيو. ١٩٢٠ع ۾ جڏهن لوڪمانيه تلڪ گذاري ويو تڏهن هو هندوستاني قوم جو رهبر بڻيو. هن ديس کي آزاد ڪرائڻ جو ڪم زور شور سان پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. هن آزاديءَ جي هلچل شانتيءَ سان هلائي. هو اهنسا ۽ ستيه جو سهارو وٺي آزاديءَ جي پڌ ۾ گهڙي پيو ۽ آخر سوڀ پاتائين. هنجي لڳاتار اُدم سان ڀارت ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ انگريزن جي حڪومت کان آزاد ٿيو.

مهاتما گانڌي ايماندار ۽ سچ جو ڪوڏيو هو. هو ستيه ۽ اهنسا جو پڪو پوڄاري هو. هنجو ايشور ۾ پورن وشواس هو. هو ماس ۽ شرابخوريءَ کان پري هو. هو لائق لکڻ وارو ۽ ڳالهائڻ وارو هو. هو هيٺن جو همراه ۽ مسڪينن جو مددگار هو. هنوت ذات پات جو ڀيد بلڪل ڪونه هو. هو ڳوٺن جو پڪو سڌارڪ هو ۽ ايشور

جو ٻ پ رهندو هوس. هو سنو ليکڪ ۽ وڏوان هو.
هو ٣٠ جنوري ١٩٤٨ع ۾ دهليءَ جي شهر ۾ شهيد ٿيو. هن مهان پرش جي موت تي سڄيءَ دنيا ماتم مچايو.

—⁂—

٢٧- راڻو پرتاپ

راڻو پرتاپ ميواڙ جي راجپوت راجا اُديسنگ جو پٽ هو. هو اڪبر جي وقت ۾ رهندو هو.

اڪبر هندستان ۾ مغل حڪومت وڌائڻ لاءِ ڪيترن راجائن کي آڻ مڃائي سندن ملڪ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو هو. هو آخر ميواڙ جي گاديءَ چتور تي به ڪاهي ويو. اديسنگ اڪبر جي اتاه ۽ آزمودگار لشڪر اڳيان بيهي نه سگهيو، جنهنڪري هو اراولي ٽڪرين ڏانهن ڀڄي ويو جتي هو ٿورن سالن ۾ مري ويو.

جڏهن راڻو پرتاپ ميواڙ جو راجا ٿيو تڏهن انجام ڪيائين ته، ”جيسين سڄو ميواڙ وري پنهنجي هٿ نه ڪندس تيسين نه پلنگن تي سمهندس، نه ٿالهن ۾ کاڌو کائيندس ۽ نه وار يا ڏاڙهي لهرائيندس.“ هن انجام کي پوري ڪرڻ لاءِ، هو لشڪر گڏ ڪري مغلن سان اٽڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. اڪبر کي هن ڳالهه جي خبر پئجي ويئي. هن راڻي جي مقابلي لاءِ سليم هٿ لشڪر موڪليو. راجپوتن ۽ مغلن جي وچ ۾ سخت

لڙائي لڳي. وچھ ونئي راڻي سليم ڏانهن ڀالو اُڇلايو جو سليم بدران وڃي سندس هاٿيءَ کي لڳو. هاٿي سور وچان سليم سوڌو وٺي ڀڳو جنهنڪري سليم بچي ويو.

اڪبر چالاڪي ڪري، لوڀ ڏيئي، کيترائي هندو راجائون ۽ راڻي پرتاپ جا مائٽ پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيا هئا. خود سندس سڳو ڀاءُ ڪيس ڇڏي وڃي اڪبر سان شامل ٿيو هو. ان هوندي به راڻو ڇپ ڪري نه ويٺو. آخر هيلديگهاٽ وٽ شهزادي سليم ۽ راڻي پرتاپ جي وچ ۾ سخت لڙائي لڳي. راجپوت گهڻي بهادريءَ سان لڙيا. راڻي اڪيلي سر پنهنجي تلوار سان کيترائي مغل سپاهي ماري وڌا پر کيس آخر جبلن ۾ ڀڄي وڃڻو پيو. اُتي هن ۽ سندس ٻارن ڏاڍيون تڪليفون ڏٺيون. آخر هو اُتي مري ويو.

راڻو پرتاپ ويرتا جو ڀنڊار، اٽل ارادي وارو ۽ اجيت شڪتيءَ وارو اِنسان هو. هن ۾ فوجي شڪتي خوب ڀريل هئي. هو سومان پسند هو ۽ ڪنهن اڳيان سر جهڪائڻ ڪين ڄاڻندو هو. هنکي پنهنجي وطن لاءِ پيار هو.

٢٨- رامڪرشن پرمهنس

رامڪرشن دنيا جي مهان پرشن مان هڪ ٿي گذريو آهي. هو ٢٠ فيبروري ١٨٣٣ع ۾ هوگلي ضلعي جي ڪمرپڪر ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هو کوديرام برهمڻ جو پٽ هو. هنجا ماءُ پيءُ غريب هئا پر سنيءَ چال چلگت ۽ چڱين خصلتن وارا هئا. هنجي ماءُ چندرمڻي ايشور جي ڀڳتياڻي هئي. رامڪرشن تي ٻالڪپڻ کان وٺي ايشور پريم جو رنگ چڙهيل هو جنهنڪري ڪٽنب جي پالنا جو ڪم ڪيس ڪرڻو پيو. هو آخر دکشنيشور جي مندر ۾ پوڄاري مقرر ڪيو ويو جتي هو ڪاليءَ جي پوڄا ڪندو هو. هنجي اهائي خواهش هوندي هئي تہ مان ڪيئن بہ ڪري ايشور جو درشن ڪريان. هو گهڻو وقت ايشور جي ڌيان ۾ رهندو هو. ايڏي تہ ايشور جي لگن لڳل هوندي هيس جو کاڌو پيتو کائڻ بہ وسري ويندو هوس. هنجي مائٽن کيس ڀڳتيءَ جي راه تان هٽائڻ لاءِ سندس شادي ننڍيءَ ڇوڪريءَ شارداماڻيءَ سان ڪرائي. شادي هنکي ڀڳوان جي طرف کان موڙي نہ سگهي. شاديءَ کان سنت پوءِ هو وڃي جهنگ ۾ رهيو. اُتي هن ٻارهن سال خوب تپسيائون ڪيون ۽ ساڌن ساڌيا. آخر کيس ايشور جو درشن مليو. سندس زال جڏهن وڏي ٿي تڏهن پنهنجي پتيءَ بابت

ڳهڻو ڪجھ پڙهڻ لڳي. هوءَ سچي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پتيءَ وٽ ويئي. رامڪرشن هنکي ڏسي، سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ کيس چيائين ته، "مان هر استريءَ کي ماتا جي دِرشٽيءَ سان ڏسڻ سکيو آهيان." هن جڏهن پتيءَ کي اِهڙي درجي تي پهتل ڏٺو تڏهن کيس دنيوي وهنوار ۾ آڻڻ نه چاهيائين. هنڪانپوءِ هوءَ پڻ هنجي چيلي ٿي رهي.

هن ٻين ڌرمن جو پڻ اڀياس ڪيو جنمان کيس اها خبر پيئي ته سڀني ڌرمن جو مول مقصد هڪ ئي آهي ۽ سڀني ڌرمن ۾ ايشور جي حاصل ڪرڻ جو رستو ڏيکاريل آهي. هن ڏٺو ته جنس جو آتما سان ڪوبہ واسطو ڪونه آهي تنهنڪري جو اِنسان جنس جو خيال ڇڏي سو پورن پُرش ٿي سگهيٿو.

هو ماڻهن کي پنهنجي روحاني آزمودن جي قل ڏيڻ لاءِ ڪلڪتي جي ويجهو وڃي رهيو. انيڪ ماڻهو هن جي سکيائن ۽ اُپديشن ٻڌڻ لاءِ هن وٽ ايندا هئا. هو هر ڪنهن کي اها صلاح ڏيندو هو تہ، "روحاني ڪمال کي پهچڻ لاءِ پنهنجي چال چوکي رکو ۽ گهٽوان ٿيو." هو چوندو هو ته، سڀ ذاتيون ۽ فرقا هڪجهڙا آهن ۽ انهن ۾ ڪوبہ تفاوت رکڻ نہ گهرجي."

هوُ چوندو هو تہ سچو ڌرم آهي ٻين جي سيوا ڪرڻ. هن کي منش جاتيءَ جي سيوا لاءِ گهڻو چاهه هو. جيڪو هن

وٽ مدد لاءِ ويندو هو تہ هن کي هو بنا ڀيد ڀاو جي
مدد ڪندو هو.

هن رامڪرشن مشن جو پايو وڌو. هاڻي بہ رامڪرشن
مشن وارا نہ فقط ڀارت ۾ پر دنيا جي جدا جدا ڀاڱن ۾
غريبن جي سيوا ڪندا آهن؛ مسڪينن کي مدد ڪندا
آهن، دردين کي دوا ڏيندا آهن ۽ ليڪچر ڪري ماڻهن
۾ ڌرمي خيال وجهندا آهن. ١٨٨٦ع ۾، ويدن جا منتر
اُچاريندي هن هيءُ چولو ڇڏيو.

سندس موت ڪانپوءِ هن جي چيلن، جن دنيا کي
تياڳيو هو ۽ سنياسي بڻيا هئا تن رامڪرشن جي سکيائن
۽ سدانتن جو سڄيءَ دنيا ۾ پرچار ڪيو. ان وقت جا
ڪيترا پرکيات ماڻهو جهڙوڪ ڪيشب چندر سين، سوامي
ويڪانند ۽ سادو هيرانند وغيره هن جا چيلا ٿيا هئا.

٢٩- سوامي ديانند سرسوتي

مولشنڪر جو پوءِ دنيا ۾ "سوامي ديانند سرسوتيءَ"
جي نالي سان مشهور ٿيو سو ڪاٺياواڙ ۾ مورويءَ جي
پرسان ٽنڪارا ڳوٺ ۾ ١٨٢٤ع ۾ ڄائو هو. هو وڏو
سڌارڪ ٿي گذريو آهي. هن هندو ڌرم کي زور وٺايو
۽ "آريہ سماج" جو پايو وڌو.

هو سنسڪرت جو سٺو ڄاڻو هو. هن ڪيترن ئي
ڌرمي پستڪن جو اڀياس ڪيو هو. هن پاڻ بہ ڪيترا

ڪتاب لکيا هئا جنهن پڙهڻ لاءِ هن ماڻهن ۾ چاهه پيدا ڪيو هو. هن "ستيارٿ پرڪاش" نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن هنجو نالو ڏاڍو مشهور ڪيو. هن ان ڪتاب ۾ صاف لکيو آهي ته "هندو ڌرم ۾ ٻين ڌرمن جي ڀيٽ ۾ گهڻيون خوبيون آهن." هن آريه سماج برپا ڪري ماڻهن کي هندو ڌرم جي خوبين کان چڱيءَ طرح واقف ڪيو. هو چوندو هو ته "جيڪڏهن ڪنهن ٻه ڌرم يا پنٿ وارو هندو ڌرم اختيار ڪرڻ چاهي ته انکي هندو ڌرم ۾ آڻڻ ڏوهه ناهي." هن پاڻ به ڪيترا ٻين ڌرمن جا ماڻهو پنهنجي هندو ڌرم ۾ آندا."

هن هندو ڌرم جو خوب پرچار ڪيو. هو چوندو هو ته "هندو ڌرم ذات پات جو ڀيد رکڻ نٿو سيکاري. هندو ڌرم سيکاريٿو ته سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن.

سوامي ديانند سماج سڌارڪ به هو. هو ستي لڪڙي جي برخلاف هو ۽ هن ان انياءَ سان ڀريل رواج کي بند ڪرڻ جي سخت ڪوشش ڪئي. هن ذات پات جي ڀيد ڀاو مٽائڻ جي به ڪافي ڪوشش ڪئي.

سوامي ديانند جو ان ڳالهه تي زور هو ته شاگردن کي وديا سان گڏ سٺا اچرڻ سيکاريا وڃن ۽ منجهن سٺا گڻ وڌا وڃن. سرير کي تندرست رکڻ لاءِ هو ڪسرت جي فائدي ۾ هو. هو ۱۸۸۳ع ۾ اجمير ۾ مري ويو.

سوامي ديانند هندو ڌرم جو سرگرم پرچارڪ هو تنهنڪري هرڪو هندو هنجو نالو گهڻيءَ عزت سان ڳنهندو آهي.

٣٠- لوڪمانيه تلڪ

ٻـال گنگاڌر تلڪ جو دنيا ۾ ”لوڪمانيه تلڪ“ جي نالي سان مشهور ٿيـو سو اٽڪل هڪ سؤ ٽيرهن سال اڳ، مهاراشٽر جي رتناگري ضلع جي چکل گانو ۾ ڄائو هو. هنجو پيءُ برهمڻ هو ۽ ماستري ڪندو هو. لوڪمانيه تلڪ ننڍي کان ذهن وارو ۽ هوشيار هو. هُو حسابن ۽ سنسڪرت ۾ هميشه پهريون نمبر ايندو هو. هن آخر وڪالت جو امتحان ڏنو.

تلڪ وڏو ديش ڀڳت هو. هُو هڪ بيباڪ انسان هو. هي پهريون ئي شخص هو جنهن بيباڪيءَ سان نعرو هنيو هو، ”آزادي اسانجي جنم جو حق آهي ۽ اها اسان ڪيئن به ڪري حاصل ڪنداسين.“ هنکي پيسي ڪمائڻ جو حرص ڪونه هو. هنکي ماڻهن جـي سيوا ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. پوني ۾ نيو انگلش اسڪول ۽ ناميارو فرگوزن ڪاليج به هن جـي محنت سان کليا. ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ هو ٻـه اخبارون ڪڍندو هو، هڪ انگريزيءَ ۾ ۽ ٻي مرهٽيءَ ۾. هو انهن اخبارن دوارا نوجوان ڀارتواسين ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جوش ڦوڪيندو هو. هن ڪيترا دفعا جيل جي سزا ڀوڳي. هو ديش ڀڳت هو. هن پنهنجي ديس جي تن، من ۽ ڌن سان سيوا ڪئي. بيمار رهندي به

هو ڏوهي هلچل هلائيندو رهيو. هو تمام ساد و هو ۽ منجهس سوديشي ڀاو خوب ڀريل هو. هن سرير تي ڪڏهن به ولايتي وڳو نه پاتو. هنجو اُديش هو هندو مسلم ايڪتا آڻڻ. هن هندن ۽ مسلمان جي وچ ۾ ايڪي ۽ ميلاپ آڻڻ لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيو. هو اٽل ارادي وارو اِنسان هو. هوُ جا ڳالهه چوندو هو سا ضرور ڪندو هو.

هن مرهٽي ٻوليءَ ۾ "گيتا رهسيه" نالـــي ڪتاب لکيو جو مرهٽي ساهت جو ڳهڻو آهي.

اهو هندستان جو هيرو ۽ اعليٰ قومي رهبر ۱ آگسٽ ۱۹۲۰ع ۾ هن لوڪ مان لاڏاڻو ڪري ويو.

۳۱- نيتاجي (سڀاش چندر بوس)

سڀاش چندر بوس جو سڄيءَ دنيا ۾ "نيتاجي" جي نالي سان مشهور آهـــي سو ۲۳ جنوري ۱۸۹۷ع ۾، ڪٽڪ جـي شهر ۾ جانڪي ناٿ بنگاليءَ جـي گهر ۾ ڄائو هو. جانڪي ناٿ سرڪاري وڪيل هو.

سڀاش چندر بوس تيز فهم ۽ هوشيار وديارٿي هو. هوُ پنهنجي ذهـــن ۽ هوشياريءَ سبب ولايت مان آءِ - سي - ايس جو امتحان پاس ڪري مـوٽيو. سنت ئي کيس سٺي نوڪري ملي. ان وقت يعني ۱۹۲۱ع ۾ مهاتما گانڌيءَ نوجوانن کي اسڪولن ۽ نوڪرين ڇڏڻ

لاءِ اپيل ڪئي هئي. هن جوشيلي نوجوان ٻ مهاتما گانڌيءَ جو سڏ اونايو ۽ پنهنجي نوڪري ڇڏي اچي آزاديءَ جي هلچل ۾ شامل ٿيو. هنجي تقرير ۾ بجليءَ جهڙو اثر هو. هوُ قربانيءَ جو پتلو هو. ڀارت جا نوجوان هن همت واري جوان مٿان موهت هوندا هئا. هوُ قابليت ۽ هوشياريءَ ڪري ٿي ڀيرا انڊين نئشنل ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿيو.

ڀارت جي آزاديءَ واري هلچل ۾ سرگرم ڀاڱو وٺڻ سبب ١٩٤١ع ۾ ڪيس سندس ئي گهر ۾ نظربند رکيو ويو. هو گهڻيءَ چالاڪيءَ ۽ خبرداريءَ سان اُتان ڀڄي نڪتو ۽ آخر وڃي جرمنيءَ ۾ پهتو. اُنوقت ٻي ڏهاڀاري لڙائي چالو هئي. هو پوءِ جپان ويو. هن ڀارت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جرمنيءَ ۽ جپان جي اڌڪارين سان ڳالهيون هلايون. هنن هنکي ڀارت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ مدد ڏيڻ ڪئي. آخر هن آزاد هند فوج تيار ڪئي جنهن ۾ اهي هندستاني هندو ۽ مسلمان جوان اچي ڀرتي ٿيا جيڪي ڀارت کان ٻاهر رهندا هئا.

جيڪي هندستاني ٻين ديسن ۾ رهندا هئا تن هن ڪارج لاءِ نيتاجيءَ کي تن، من ۽ ڌن جي خوب مدد ڪئي. آزاد فوج جي ڪاميابين آزاديءَ جي هلچل ۾ نئون ساهه ڦوڪيو ۽ هندستاني فوجن ۾ ٻه ديش ڀڳتيءَ جو ڀاو پيدا ڪيو. آزاد فوج ڀارت جي حدن اندر اچي

داخل ٿي پر جرمنيءَ جي هار سبب اهالاچار ٿي پوئتي موٽي ويئي.

نيتاجي ١٨ آگسٽ ١٩٤٥ع تي هوائي جهاز جي حادثي ۾ مري ويو. ڀارت کي جيڪا آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ آزادي ملي تنهن ۾ نيتاجيءَ جو وڏو حصو هو.

نيتاجي خود قربانيءَ، بيبڪپائيءَ بهادريءَ ۽ ديش ڀڳتيءَ سبب ڀارتواسين کي هميشه ياد رهندو.

٣٢- سردار ولڀ ڀائي پٽيل

ولڀ ڀائي زوير ڀائي پٽيل آنند جي ويجهو ڪرمسد ڳوٺ ۾ ١٨٧٦ع ۾ ڄائو هو. هو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هوندو هو. سندس حافظو به تمام سٺو هو. هن ولايت وڃي وڪالت جو امتحان ڏنو جنهن ۾ هو پهريون نمبر آيو.

هو جڏهن ڀارت ۾ آيو تڏهن گهڻو وقت وڪالت ڪانه ڪيائين. هنکي پنهنجي ديس کي آزاد ڪرڻ جو جنون ڄاڳيو. هو وڪالت ڇڏي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪُهري پيو. انهن ڪنڌي هن ڏاڍيون تڪليفون ڀوڳيون. هن ڪيترا ڀيرا جيل به ڪاٽيو.

هو بدن جو مضبوط هوندو هو. هنجي ڇاتيءَ اندر شينهن جي دل هوندي هئي. هنجو غريبن لاءِ ڏاڍو هڏ ڪرڪندو هو. هو خاص هارين تي ڪو به ظلم

سهي ڪو نہ سگهندو هو. هن جڏهن ڏٺو تہ سرڪار هارين سان ظلم ٿي ڪري ۽ ڪين ڪا ٻہ سهوليت ڪانہ ٿي ڏئي تڏهن هنجي جيءَ ۾ جوش جاڳيو ۽ هن هارين جي ڏکن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي. هن انهن ۾ سجاڳي ۽ ايڪتا آندي ۽ ڪين سرڪار جي برخلاف ڇيڙيو. هن پنهنجي اڳوانيءَ هيٺ باردوليءَ ۾ سرڪار کي ڍلن نہ ڏيڻ جو تحرڪ هلايو. سرڪار خوب ڪيس ۽ سندس ساٿين کي تڪليفون ڏنيون پر هي مڙس پوئتي نہ هٽيو. آخر سرڪار کي آڻ مڃڻي پيئي. هن هارين ۾ ايڪو ۽ سجاڳي آندي تنهنڪري ماڻهو ڪيس "سردار" ڪري سڏيندا هئا.

آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ هنکي نائب پردان منتريءَ طريقي چونڊيو ويو. هن پنهنجو ڪاروبار سياڻپ ۽ قابليت سان هلايو. هنجي عقلمنديءَ ۽ مدبريءَ سبب، ڀارت جي اندر جيڪي ٻہ رياستون هيون سي ڀارت سان ملايون ويئون. هن ٻيا بہ ڪيترا سڌارا ڪيا.

هي شير مڙس ١٩٥١ع ۾ گذاري ويو. هن دلير جو نالو هميشہ ڀارتواسين کي ياد رهندو.

٣٣- جواهرلعل نهرو

جواهرلعل موتيلعل نهرو ١۴ نومبر ١٨٨٩ع ۾ الله‌آباد ۾ ڄائو هو. هنجو پيءُ مشهور وڪيل هو. هنجو پيءُ وڏي پيسي وارو هو، تنهنڪري جواهرلعل عيش ۽ آرام سان پليو ۽ نپنو هو.

هنجي شروعاتي تعليم سندس گهر ۾ ٿي. هنکي سندس گهر ۾ ٿي انگريزي ماستريائي پڙهائيندي هئي. هنکانپوء هو انگلنڊ ويو ۽ وڃي هئرو هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. هن پوءِ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان جنتو وديا (Zoology) سان ايم-ايس-سي پاس ڪئي. پوءِ بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو. هن ١٩١٩ع ۾ ڪملا سان شادي ڪئي.

١٩١٦ع ۾ هن جي ٿوري وقت لاءِ مهاتما گانڌيءَ سان ملاقات ٿي. هن ملاقات جو جواهرلعل تي وڏو اثر پيو. هو وڪالت ڇڏي ڀارت جي آزاديءَ واريءَ لڙائيءَ ۾ ٽپي پيو. هن ڪيترئي تڪليفون ڏٺيون ۽ ڪيترائي ڀيرا جيل ۾ ويو. هو پنهنجي لياقت ۽ قابليت جي ڪري ٻه ڀيرا انڊين نئشنل ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿيو. ١٩٢٩ع واري ڪانگريس بئٺڪ ۾ هن پنهنجي پرمکپٽي هيٺ پورن سوراج حاصل ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو.

۱۹۴۷ع ۾ جڏهن ڀارت انگريزن جي حڪومت کان آجو ٿيو تڏهن هو ڀارت جو پهريون پردان منتري چونڊيو ويو. هنجي رهبريءَ هيٺ ڀارت جو نالو سڄيءَ دنيا ۾ وڃي ويو. ٻين ديشن جا مهان پرش ڪيترن منجهيل مسئلن تي هن مدبر کان صلاح وٺندا هئا. هو ۲۷ مئي ۱۹۶۴ع ۾ گذاري ويو.

هو هڪ قابل ليکڪ هو. هنجا ٽي ڪتاب مشهور آهن: ۱- (جواهرلعل جي) آتم ڪٿا ۲- وشو اتهاس جون جهلڪيون ۳- ڀارت جي کوج. هنکي پنهنجي ديس لاءِ اٿاهه پيار هو. هن پنهنجي جيون جو هڪ هڪ پل ڀارت جي بهبودي ۽ ڀلي لاءِ عرف ڪيو. هو ٻارن کي ڏاڍو پيارو لڳندو هو. هو وڏو وِدوان، سورهيه سپاهي ۽ اعليٰ درجي جو انسان هو.

۳۴- لعل بهادر شاستري

لال بهادر شاستري جو جنم ۲ آڪٽوبر ۱۹۰۴ع ۾ اتر پرديش جي مغلسراءِ شهر ۾ ٿيو هـو. سندس پتا سڪول ماستر هـو. لعل بهادر اڃا ننڍو ئـي هيو جو سندس پيءُ گذاري ويو. هن اوائلي تعليم واراڻسيءَ ۾ ورتي. ۱۹۲۱ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سڏ تي هو اسڪول ڇڏي وڃي آزاديءَ جي هلچل ۾ گهڙيو. ائين ڪندي

هنکي جيل جي سزا ملي. آزاد ٿيڻ کانپوءِ ڪاشي ودياپيٺ مان هن "شاستريءَ" جي ڊگري ورتي. آزاديءَ جي هلچل ۾ هن ڪيترا ڀيرا جيل جي سزا ڀوڳي.

هنجي سچائي، قربانيءَ ۽ قابليت ڏسي، کيس اتر پرديش ۾ وزير مقرر ڪيو ويو. ۱۹۵۲ع ۾ هو مرڪزي سرڪار ۾ ريلوي منتري ٿيو ۽ ۱۹٦۱ع ۾ گرھ منتري ٿيو. هو جواهرلعل جي موت کانپوءِ ۱۹٦۴ع ۾ پردان منتري چونڊيو ويو.

لعل بهادر ڀارت جو فقط ۱۸ مهينا پردان منتري ٿي رهيو پر ان عرصي اندر جا هن ڪاروبار ۾ قابليت، هوشياريءَ ۽ سياڻپ ڏيکاري سان ڪڏهن به وسرڻ جي ناهي. هنجي وقت ۾ پاڪستان ڀارت تي ڪاهيو. هنجي رهبريءَ هيٺ ڀارت پاڪستان کي خوب ٽوٽا چٻايا. روس جي دعوت تي پاڪستان جو پريزيڊنٽ ايوب خان ۽ لعل بهادر شاستري تاشقند ۾ ناھ جي ڳالهين ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. اُتي به هن سمجھ ۽ قابليت کان ڪم وٺي ايوب خان سان اقرارنامو ڪيو.

تاشقند ۾ جنهن ڏينهن لعل بهادر اقرارنامو ڪيو تنهن رات جو هو اوچتو رت جي دوري ٿيڻ ڪري گذاري ويو. هن جي اوچتو موت تي سڄيءَ دنيا ماتم مچايو.

لعل بهادر سچو ديش ڀڳت هو. هو قد جو ننڍو ۽ هو پر وڏن ڪمن ڪرڻ وارو اِنسان هو. اگرچ هر نماڻو ۽

غريب هو پر تنهن ۾ اٽل ارادي ۽ مضبوط دل وارو هو. هو ڪنهن به پيسي جي پنيان ڪين هو. هو غريبيءَ ۾ ڄائو ۽ غريبيءَ ۾ مئو. هن ”جئہ جوان ۽ جئہ ڪسان“ جو نعرو هڻي، جوانن ۽ هارين کي خوب اُتساهت ڪيو.

٣٥- نرسي مهتا

نرسي مهتا ١٤١٤ع ۾ جهوناڳڙهہ ضلعي جي تلاجا ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هنجي پتا جو نالو ڪرشن دامودر هو. هو برهمڻ ڪٽنب ۾ ڄائو هو. نرسي مهتا جا مائٽ ڪٽا برهمڻ هئا جنهنڪري هنن وٽ ڏاڍي ڇوت ڇات ۽ ذات پات جو ڀيد ڀاو هوندو هو.

نرسي مهتا ڀڳوان جو ڀڳت هو. هن وٽ ڀيد ڀاو بلڪل ڪونہ هو. هو شودرن سان گڏ ڳائيندو وڄائيندو هو، جنهنڪري مائٽ هنکي پاڻ وٽ ويهڻو بہ ڪونہ سهندا هئا. جيئن پوءِ تيئن نرسي ڀڳت جو پريم مسڪينن ۽ گهٽ ذات وارن سان وڌندو رهيو. سندس مائٽن هي حال ڏسي کيس گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ڪو بہ مائٽ هنکي پاڻ وٽ اچڻ ڪونہ ڏيندو هو. هن اهو سڀ ڪجهہ سهت ڪيو.

هن وٽ ذات پات جو ڀيد بلڪل ڪونہ هو ڇو تہ

هو ٻڌو ٻي جاڻندو هو ته جتي ذات پات جو ڀيد آهي
اُتي ايشور درشن ڪونه ڏيندو. هنڪي جاڻ هئي تـــه
ايشور کي شانتي ۽ پريم وڻندا آهـــن تنهنڪري هو
ماڻهن کي صلاح ڏيندو هو ته توهان ڪلڪلات ۽ اڻبڻت
ڇڏي پاڻ ۾ پريم رکو.

اهو نرسي مهتا جنهنکي ڪو ويجهو اچڻ ڪونه ڏيندو
هو سو آخر ايشور جي پريم رنـگ ۾ رڱجي ويو ۽ اهي
ماڻهو جيڪي هنکان پري ڀڄندا هئا سي هنجا شش
بڻجي پيا.

نرسي مهتا سنو ڳائيندڙ ۽ ڪوي هو. هنجي آواز
۾ رس ۽ ميناج هوندو هو. هن ڪيترائي گيت ۽ ڀڄن
ٺاهيا هئا. هو جڏهن ڀڄن يـا گيت ڳائيندو هـو تڏهن
ڪڏهن ڪڏهن بيخود بڻجي ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن
مستيءَ ۾ اچي نچندو هو. هنجو ڀڄن جو تمام مشهور آهي
انجي شروعات آهي: ”وئشنو جن تو تيني رڪي ڪهيئي
جي پيڙ پرائي جاڻي ري“- هي مهاتما گانڌيءَ جـــو
پيارو ڀڄن هو. هو سنه ۱۴۸۱ع ۾ گذاري ويو.

۳۶- راجيندر پرساد

ڊاڪٽر راجيندر پرساد ڀارت جي مهان پرشن مـان
هڪ ٿي گذريو آهي. هو بهار پرانت ۾ ، جيراديئي ڳوٺ

۾ ۳ ڊسمبر ۱۸۸۴ع ۾ ڄائو هو. هنجو پتا ان ڳوٺ جو زميندار هو. هو ننڍي کان سٺي ذهن وارو هو. هن فرسٽ ڪلاس ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ ايم. اي ۽ وڪالت جو امتحان پاس ڪيائين. هو پوءِ ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو. ان کانپوءِ هن وڪالت جو ڌنڌو شروع ڪيو. هن وڪالت ۾ خوب نالو ڪڍيو ۽ جام ناڻو ڪمايائين. ناڻو هنکي خوش ڪري ڪونه سگھيو ڇو ته هنکي ديش جي سيوا جي لگن لڳل هئي. هو وڪالت ڇڏي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ گهڙي پيو. هو مهاتما گانڌيءَ جو پورو حمايتي هو. هن ڪيترائي ڀيرا جيل جي سزا ڀوڳي.

هو ۱۹۳۴ع ۾ بمبئي ڪانگريس اجلاس جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. هنجي تندرستي نيڪ ڪانه رهندي هئي تنهن هوندي به هن ديس جي سيوا جو ڪاريه هٿان نه ڇڏيو. ۱۹۳۵ع ۾ جڏهن بهار ۾ ڌرتي ڌٻي ۽ انيڪ ماڻهو دکي ۽ بي گهر بڻيا تڏهن هن اتي دل وجان سان ستايلن جي سيوا ڪئي ۽ عام ماڻهن ۾ پاڻکي خوب پيارو ڪيائين.

ڀارت جي آزاديءَ کانپوءِ هو ڀارت جي جوڙجڪي اسيمبليءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. هن انجو خوب قابليت ۽ فهميدگيءَ سان ڪاروبار هلايو. هنکي ۲۶ جنوري ۱۹۵۰ع ۾ ڀارت جي لوڪراڄ جو پهريون پريزيڊنٽ

چونڊيو ويو. هو ٻه ڀيرا راشٽرپتي چونڊيو ويو ۽ ٽيون ڀيرو هن راشٽرپتي ٿيڻ کان انڪار ڪيو. هو پاڻ هڪ آشرم ۾ وڃي رهيو جتي هو ١٩٦٣ع ۾ گذاري ويو.

راجيندر پرساد هڪ سادي ۽ رهت وارو انسان هو. هو هڪ اعليٰ اڳوان، وڏو ودوان، هوشيار ليکڪ ۽ آدرشي انسان هو.

٣٧- اندرا گانڌي

شريمتي اندرا فيروز گانڌي جا پنڊت جواهرلعل نهروءَ جي ڌيءَ آهي سا نومبر ١٩١٧ع ۾ ڄائي هئي. هيءَ پيءُ جو اڪيلو ٻار هئي انهنڪري هو هنکي تمام گهڻو پيار ڪندو هو. هوءَ پهريائين گروديو ٽئگور جي شانتي نڪيتن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي. هوءَ پوءِ اوچ ودِيا پرائڻ لاءِ پهريائين سئٽزرلنڊ ۽ پوءِ آڪسفورڊ ۾ ويئي. هنجي شادي ١٩٤٢ع ۾ پارسي نوجوان فيروز گانڌيءَ سان ٿي جنهن مان کيس ٻه پٽ آهن: هڪ راجيو ۽ ٻيو سنجيو.

هنجو ڪن ڳالهين جي ڪري پنهنجي پتيءَ سان اختلاف ٿي پيو جنهنڪري هوءَ ان کان الڳ ٿي پنهنجي پتا سان گڏ رهڻ لڳي ۽ سمورو وقت پنهنجي پيءُ جي شيوا ۾ گذارڻ لڳي.

هوءَ هڪ پيرو پنهنجيءَ قابليت ۽ هوشياريءَ جي ڪري آل انڊيا ڪانگريس جي پردان بڻي. جواهرلعل جي مرڻ کانپوءِ، لعل بهادر شاستريءَ هنکي سماچار ۽ آڪاش واڻي کاتي جو منتري ڪري ڪنيو. هن پنهنجي وقت ۾ پڌرائي ۽ سماچار کاتي جو سرشتو جهوني لائين تان ڦيرائي نئين لائين تي آندو.

لعل بهادر شاستريءَ کانپوءِ، جنوري ١٩٦٦ع ۾ هوءَ ڀارت جي نئون پردان منتري بڻي. هوءَ گهڻي قابليت ۽ هوشياريءَ سان حڪومت جو ڪاروبار هلائي رهي آهي.

شريمتي اندرا گانڌي هڪ فهميدي سياستدان ۽ وڏي سماج سڌارڪ آهي. هنکي ڀارت جي استرين جي مسئلن جي سٺي ڄاڻ آهي ۽ انهن جي حل ڪرڻ جو هنکي سٺو ڏانءُ آهي.

٣٨- ميران ٻائي

ميران ٻائيءَ جو نالو هر ڀارتواسيءَ ٻڌو هوندو. هوءَ اٽڪل چار سؤ پنجهٺ سال اڳ، راجپوتانا ۾ ميرت نالي ڳوٺ ۾ ڄائي هئي. هنجي شادي چتور جي راجا ڪمڀاسنگهه سان ٿي هئي.

ننڍي ڪانئي ئي هنجي ڪرشن ڀڳوان سان لنؤ

لڳل هُئي جنهنڪري هوءَ اِنجي ڀڪي پوڄارڻ هُئي. شادي ڪرڻ کانپوءِ به هوءَ اوتري ئي چاهه ۽ سڪ سان ڪرشن ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندي هُئي. هوءَ سڄو سڄو ڏينهن ڪرشن جي ڌيان ۽ ڀڳتيءَ جي ڌن ۾ رهندي هُئي، جنهنڪري ساهري گهر جو ڪو به ڪم ڪار ڪو نه ڪندي هُئي. سندس ساهرا مٿس ناراض هُئا. تنهن کانسواءِ هوءَ روز مندر ۾ وڃي مٺي آواز سان ڀڄن ڳائيندي هُئي. هنجي ڀڄن ٻڌڻ لاءِ تمام گهڻا ماڻهو مندر ۾ ايندا هُئا. هيءَ ڳالهه سندس پتيءَ کي ڪانه وڻي، تنهنڪري هو ميران کي مارائڻ جا گهاٽ گهڙڻ لڳو. هڪ ڀيري وِهه جو پيالو پيئڻ لاءِ ڏياري موڪليائينس، جو هوءَ امرت سمجهي خوشيءَ سان پي ويئي مگر کيس ڪجهه ڪو نه ٿيو. ٻئي ڀيري ڳچيءَ ۾ ويڙهڻ لاءِ واسينگ نانگ ڏياري موڪليائينس. هن اهو پنهنجي ڳچيءَ ۾ ۾ ويڙهي ڇڏيو جو پاڻ سان بدلجي هار بڻجي پيو. جڏهن راجا ڏٺو ته ميران کي مارڻ جا سڀ رستا بيڪار بڻيا آهن، تڏهن کيس گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. ميران پوءِ ڀيرين پنڌ ڀڄن ڳائيندي، ماڻهو موهيندي وڃي بندراٻن ۾ نڪتي جتي هوءَ هڪ مندر ۾ ڪرشن جي شيوا ڪرڻ لڳي. اُتي هوءَ ڪافي وقت رهي. اُتان پوءِ ڪاٺياواڙ ۾ دوارڪا جي شهر ۾ ويئي جتي هوءَ چڱو وقت رهي.

ميران جو نالو هنوقت سڄي ڀارت ۾ وڃي ويو هو. چتور ۾ ته نندي ٽوڙي وڏي جي وات تي ميران جو نالو هو. ڪمپاسنگهه جڏهن هي ڏٺو تڏهن ڏاڍو پڇتايائين. هن پوءِ ماڻهو موڪلي ميران کي گهر ۾ گهرايو. ميران پوءِ ڪجهه وقت اتي رهندي هئي ته، ڪجهه وقت بندرابن ۾.

ميران جا ناهيل پڙن اڄ به ماڻهن کي ڏاڍو وڻندا آهن ۽ ڪيترا ماڻهو اهي وڏي چاه ۽ سڪ مان ڳائيندا آهن.

٣٩- گرو گوبند سنگهه

گرو گو بند سنگهه گرو تيغ بهادر جو پٽ هو. هنجو جنم پاٽنا ۾ ٿيو هو. جڏهن سندس پتا کي اورنگزيب شهيد ڪرايو تڏهن هو پندرهن سالن جو هو. هو آخرين سک گرو هو. هنکي ڏهين پاتشاهي ڪري چوندا هئا. هو هنديءَ سنسڪرت ۽ پارسيءَ جو تمام ڄاڻو هو. هن پارسيءَ ۾ "ظفرنامو" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو.

هن خالصا پنٿ جو پايو وڌو. جيڪو خالصا پنٿ قبول ڪندو هو تنهنکي "سنگهه" جو خطاب ملندو هو ۽ پوءِ اهو "سک" ڪري سڏبو هو. هر سک جون پنج نشانيون آهن :- ١- ڪيس ٢- ڪنگي ٣- ڪرپان ٤- ڪڇو ٥- ڪڙي.

جڏهن اورنگزيب هندن تي سخت ظلم ڪرڻ لڳو تڏهن گوبند سنگهه هيءَ ڳالهه سهي ڪان سگهيو. هندن تان ڪشت متاثر ۽ پنهنجي پيءُ جي بدلي وٺڻ لاءِ هن لشڪر تيار ڪيو ۽ اورنگزيب سان خوب ڇڪريون کاڌائين. دشمن سان لڙائي ڪندي هنجا ٻه وڏا پٽ شهيد ٿي ويا. هن ذرا به دل نه هاري. هو همت ۽ حوصلي سان دشمن سان لڙندو رهيو.

گرو گوبند سنگهه وٽ ذات پات جو ڀيد اصل ڪونه هو. هو هميشه ائين چوندو هو ته ”اهائي قوم مضبوط ۽ زوردار رهندي جنهن جي اندر ڀيد ڀاو ۽ ڇوت ڇات ناهي.“ هندن جي چئن ورنن کي ملائي، هن هڪ ڪرڻ ٿي چاهيو، انڪري هن سک پنٿ ڇنئي ورنن لاءِ کلو رکيو. هنجو اهو به اُديش هو ته هندو مسلمانن جو ڀيد متائي ٻنهي ۾ محبت ۽ ميلاپ آڻيان. هو مسڪينن جو مددگار ۽ هيڻن جو همراه هو.

گرو گوبند سنگهه پنهنجي سڄي عمر هندو ڌرم جي رکشا ڪرڻ ۽ پنهنجي پنٿ جي ڦهلائڻ ۾ صرف ڪئي. هو جهڙو پاڻ پهلوان ۽ نڊر هو تهڙا ئي سندس پٽ هئا. سندس ٻن وڏن پٽن لڙائيءَ ۾ شهادت ماڻي ۽ باقي رهيل ٻن پٽن کي اسلام نه قبولڻ ڪري، پٽ ۾ چڻايو ويو.

گرو گوبند سنگهه ١٧٠٨ع ۾ شهيد ٿيو. اهڙيءَ طرح سندس سڄو ڪٽنب هندو ڌرم جي رکشا ڪرڻ ۾ شهيد ٿي ويو.

٤٠- سنت ڪنور رام

ڪنور رام پٽ تارا رام سنڌ جي اندر جروارن ۾، ١٨٨٥ع ۾ سنت سترامداس جي آشيرواد سان ڄائو هو.

هو پنهنجيءَ ماتا تيرٿ بائيءَ کي ٻالڪپڻ ۾ ٻين ٻارن وانگر تنگ ڪونه ڪندو هو. هو ساتئيڪي سڀاو وارو ٻالڪ هو. پنجين سالين جي عمر ۾ هو هندو سنڌي اکر سکيو. هو ننڍي هوندي روز کير وڪڻندو هو ۽ جيڪو پئسو وڪري مان ايندو هوس سو اچي پنهنجيءَ ماتا کي ڏيندو هو.

ڪنور ٿورو وڏو ٿيو ته پنهنجي ستگروءَ سترامداس سان گڏ رهڻ لڳو. هو ڪيس سڀ ڪجهه سمجهندو هو ۽ سدائين هنجي آگيا ۾ رهندو هو. نه رڳو ايترو پر رات ڏينهن هنجي دل وجان سان شيوا ڪندو هو ۽ هنجي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي پوري طرح پيروي ڪندو هو. سترامداس ڪيس ڳائڻ وديا ۽ گرمکي اکرن سيکارڻ جو بندوبست ڪيو. ٿوريءَ وقت ۾ سنت ڪنور رام سنڌ جو ناميارو ڀڳت بڻجي پيو. هنجي آواز ۾ ڏاڍو ميٺاج هوندو هو.

ڪنور رام شادي ڪئي پر تڏهن به هو ڪنول جي گل جيان سنسار ۾ نرليپ رهندو هو. ڪنور رام ۽ سندس زال رهڙڪيءَ ۾، سترامداس جي دربار ۾ رهي، سندس شيوا ڪندا هئا.

ڪنور رام ڏاڍو نماڻو هوندو هو. سڀ سان نمي ڳڌبو هو. جيڪو هن سان ملڻ ايندو هو تنهنکي هو پنهنجيءَ ڇاتيءَ سان لائيندو هو. هو وقت ٻڇائي لولن ۽ لنگڙن جي شيوا ڪندو هو. هو پنهنجن هٿن سان پورهيو ڪندو هو ۽ کيس ڪنهن به قسم جي وڏائي ڪانه هوندي هئي. هو پڳهين مان جيڪو به پئسو ڪمائيندو هو سو غريبن ۽ محتاجن، لولن ۽ لنگڙن کي ورهائي ڏيندو هو يا ٻين سٺن ڪمن ۾ سڪارتو ڪندو هو. هنوٽ ذات پات جو ڀيد ڀاو بلڪل ڪونه هو.

هن نومبر ١٩٣٩ع ۾ شهادت ماڻي. هنجي اوچتو خون ٿي وڃڻ تي سڄيءَ سنڌ ۾ واويلا مچي ويئي.

—o§o—

١٤- ساڌو واسواڻي

ٽانوَرداس ليلارام واسواڻي، جو پوءِ "ساڌو واسواڻي" يا "ٽي-ايل-واسواڻي" جي نالي سان مشهور ٿيو سو حيدرآباد سنڌ جي اندر ١٨٧٩ع ۾ ڄائو هو.

هنجا ماءُ پيءُ ايشور جا ڀڳت هئا، جنهنڪري هن ۾ به سندن اثر هيٺ پريم ۽ ڀڳتي ڀاو ڀريل هئا. هو سٺي ذهن وارو ۽ محنتي شاگرد هو. هُو فرسٽ ڪلاس ۾ ايم-اي ڏيئي، پهرياٺين پروفيسر ۽ پوءِ پرنسيپال ٿيو.

هنکي ٻاروءَ سان ٻريم هو ۽ ڪيس خلق جي خدمت جو خيال هو، تنهنڪري هن شادي نه ڪري، اڪيلو رهڻ پسند ڪيو. هنجي حياتيءَ جو مقصد هو ٻچڙن جي پگهتي، دکين جي شيوا ۽ پلل ماڻهن کي سنئين رستي تي آڻڻ.

١٩١٠ع ۾ جرمنيءَ ۾ جيڪو سيني ڊرمن جو سميلن ٿيو تنهن ۾ هنکي ڀاڳ وٺڻ جو موقعو ڏنو ويو. هن اُتي سندر ڀاشڻ ڪري ماڻهن کي موهي ڇڏيو. آزاديءَ جي هلچل وقت هن هڪ انگريزي اخبار ”نيو ٽائيمس“ ۽ ڪيترن ڪتابن دواران ديش جي نوجوانن ۾ جاڳرتا آندي ۽ منجهن آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ گهڙي پڙڻ لاءِ جذبو جاڳايو. هو ننڍين ٻچڙن ۾ وڃي اُتي جي ماڻهن ۾ پگهتي ڀاو، پريم ڀاو ۽ شيوا ڀاو پيدا ڪندو هو.

هن حيدرآباد سنڌ ۾ ميران اسڪول چالو ڪيو هو. ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ هو پوني ۾ اچي رهيو هو ۽ اُتي ٻه سائنٽي ڏالي سان اسڪول چالو ڪيائين جو هاڻي وڏي شاهي ڪاليج تي پهتو آهي. پنهنجي پيغام کي پري پري پهچائڻ لاءِ هن ڪيترين انگريزي توڙي سنڌي اخبارون چالو ڪيون ۽ رسالا ڪڍيا.

هو هيڻن جو همراه، مسڪينن جو مددگار هو ۽ ماڻهن جي ڪلياڻ لاءِ ڪافي خرچ ڪندو هو. هو نمرتا وارو ۽ دياوان هو. هو سادگيءَ وارو هو مگر هنجا خيال اوچا

هوندا هئا. هو ناليٰ وارو ڪويِ ۽ ليکڪ بہ هو.

هن ۱۹۶۶ع ۾ پوني جي اندر وفات ڪئي. هن جي موت تي ديش ۽ وديش جي اندر دک جي لهر ڇانئجي ويئي. هاڻي بہ پوني اندر سندس سماڌيءَ تي سوين شردالو سيس جهڪائڻ ۽ آسيس وٺڻ ايندا آهن.

—∘∘∘—

۴۲- بهار جي مند

سال ۾ جيڪي مندون ٿين ٿيون تن سڀني ۾ بهار جي مند وڌيڪ وڻندڙ ٿيندي آهي جنهنڪري هنکي چوندا ٿي "رتين جي راڻي" آهن. هيءَ مند سياريءَ جي ڪٽائيندڙ سيءَ کانپوء ايندي آهي تنهنڪري هنجو ڏاڍو قدر ٿيندو آهي. هيءَ مند بہ مهنا هلندي آهي يعني ۱۵ فيبروريءَ کان ۱۵ اپريل تائين.

هن مند ۾ نہ ٿيندا آهن سياري وارا سيءَ ۽ نہ اونهاري واريءَ اُڪرس. هن مند جي هوا تن کي تازگي ۽ روح کي راحت ڏيندي آهي. سيبائيندڙ هوا سبب هرڪنهن جي ڪم ڪرڻ تي دل ٿيندي آهي. ماڻهن توڙي جانورن ۾ ڦڙتائي هوندي آهي. هن مند ۾ هندن جو مکيہ ڏڻ هوليءَ جو ايندو آهي جو شاندار نموني ۾ ملهائبو آهي.

هن مند ۾ قدرت جو نظارو نيڻ ٺار هوندو آهي.

وٽن ۾ ساوا بڻ پيدا ٿيندا آهن ۽ مکڙيون منهن کولينديون آهن. زمينون، ميدان، جبل ۽ ماڙيون ساوڪ سان ڇانئجي وينديون آهن. باغن ۾ بهاري لڳي ويندي آهي. انهن ۾ انيڪ پرڪارن جا خوشبودار گل پيدا ٿيندا آهن جيڪي دل کي فرحت ڏيندا آهن. مطلب ته باغن جي بهاري سرير جي ٿڪاوت دور ڪري ڪيس چست ۽ ڦڙت بڻائيندي آهي. هن مند ۾ نه رڳو ماڻهن ۽ جانورن جو جگت خوب خوشيءَ ۾ سمايل هوندو آهي پر ونسپتيءَ جي دنيا به آنند ۾ هوندي آهي. پکي مٺيون ٻوليون ٻولي دل کي آنند ڏيندا آهن. هن مند ۾ چنڊ جي چانڊاڻ دل کي وڏيڪ وڻندي آهي. هن مند ۾ بيماري گهٽ ڏيکاري ڏيندي آهي. مطلب ته هن موج ڏيندڙ مند ۾ ماڻهو جا مرون، پکي جا پسون موج ۽ مزي ۾ هوندا آهن. هن مند جي هوا هلڪي ۽ ساه کي سيبائيندڙ هوندي آهي تنهنڪري اسڪولن ۽ ڪاليجن جا امتحان هن مند ۾ ٿيندا آهن. هن مند ۾ ڪٽڪ وڏي پيماني تي لهندي آهي، جنهنڪري ماڻهن جي ٻک دور ٿي ويندي آهي.

٤٣- برسات جي مند

هيءَ مند چار مهنا هلندي آهي: جون، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر. اونهاري ۾ جو پاڻي سمنڊن ۽ ندين مان ٻاڦ جي صورت ۾ غائب ٿي ويندو آهي سو ڪڪرن جي صورت وٺي هن مند ۾ مينهن وسائيندو آهي. عام طرح هن مند کي "چوماسو" سڏبو آهي. ڀارت جي اندر، هن مند ۾ خاص ڪري بنگال ۽ آسام ۾ سخت مينهن پوندا آهن.

هن مند ۾ آڪاس ۾ وڄون ڪنوڻديون آهن ۽ گجگوڙ جا ڪن ڪيڏندڙ ڪڙڪا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ابتري ساندهه برسات پوندي آهي جو ڪيترا ڏينهن ته سج ئي نظر ڪونه ايندو آهي. سخت ۽ ساندهه برساتين جي ڪري اچ وڃ بند ٿي ويندي آهي. ڪيترا رستا ته ڪنهن به ڪم جا ڪونه ٿيندا آهن. ماڻهن جون مشغوليون بند ٿي وينديون آهن. مزور مزوريءَ لاءِ سڪندا آهن. پکين ۽ جانورن کي کاڌو ملڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. شهرن ۽ ڳوٺن جي رونق اُسي ڦٿي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ضروري ڪمن ڪرڻ جو به موقعو ڪونه ملندو آهي. هن مند ۾ شاديون گهٽ ڪري ڪونه ٿينديون آهن.

هن مند ۾ نديون ۽ نارا پاڻيءَ سان ڀرجي وهندا

آهن. سمنڊ ۾ ڪافي پاڻي چڙهندو آهي ۽ انهيءَ پاڻيءَ ۾ ڪافي اٿل پٿل ٿيندي آهي، جنهنڪري سمنڊ ۾ مسافري ڪرڻ جو ڪائنو ڪم ٿيندو آهي. سخت برساتين سبب ٻوڏون پونديون آهن جنهن ڪيئي انسان ۽ جانور ٻڏي مري ويندا آهن. فصل چٽ ٿي ويندا آهن جنهنڪري ڪيترن هنڌ ڏڪر پوندو آهي.

هن مند ۾ قدرت جو نظارو دل کي فرحت ڏيندو آهي. ميدانن، ماٿرين ۽ جبلن تي ساوڪ ڇانئجي ويندي آهي. جبلن تان پاڻيءَ جا جهرڻا هيٺ لهڻ وقت دل کي فرحت ڏيندا آهن. ڳوٺن ۽ شهرن جو ڪن ڪچرو گهڻي قدر لڙهي ويندو آهي، جنهنڪري اهي صاف ۽ سٺا نظر ايندا آهن. هن مند ۾ جنم اشٽمي ۽ رکڙي ٻنڌن جا ڏڻ ايندا آهن. ڀارت جي آزاديءَ جو ڏينهن ۱۵ هن مند ۾ ايندو آهي.

هن مند ۾ هاري مشغول رهندو آهي ڇو ته هيءَ هنجي ٻج پوکڻ جي مند آهي. هي وقت هن لاءِ سخت مشغوليءَ جو هوندو آهي. هن مند ۾ ٻاجهري، جوئر، ساريون ۽ داليون وغيره پوکبيون آهن. هيءَ اناج پيدا ڪرڻ جي مند آهي تنهنڪري هرڪو ماڻهو هنجي دل وجان سان آجيان ڪندو آهي.

۴۴- سياري جي مند

سيارو سرءُ کانپوءِ ايندو آهي. سياري جا سيءَ ڊسمبر ۽ جنوريءَ ۾ پوندا آهن. اسانجو ڀارت خط استوا جي ويجهو آهي تنهنڪري اُتي اهڙي ٿڌ ڪانه پوندي آهي. ڀارت جي اتر پاڱي ۾ خاص ڪري ڪشمير دارجيلنگ ۽ سملي ۾ سخت ٿڌيون پونديون آهن.

هن مند ۾ راتيون وڏيون ۽ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن. ڏينهن جو صبح جي وقت گهڻو ڌنڌ ڇانيل هوندو آهي جو سج اڀرڻ سان غائب ٿي ويندو آهي. هن مند ۾ سج ۾ ٽيڪ ۽ تپت گهٽ هوندي آهي جنهنڪري هيءَ مند هرڪنهن کي وڻندي آهي. مڪر سنڪرات جو ڏڻ هن مند ۾ ايندو آهي.

سياري جي مند ڪم ڪرڻ جي لحاظ کان بهترين آهي. هن مند ۾ هرڪو ماڻهو ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪري سگهندو آهي، ڇوته هن ۾ اونهاري واري سست ڪندڙ گرمي ڪانهي. جن هنڌن تي سخت ٿڌ پوندي آهي اُتي ماڻهو مضبوط اوني ڪپڙا پائي ڪم ڪار ڪري سگهندا آهن.

سياري جي مند راندين ڪرڻ لاءِ تمام سٺي آهي. ڪرڪيٽ، فوٽ بال ۽ هاڪيءَ جي راندين لاءِ هيءَ مند ماڻهن کي وڌيڪ پسند هوندي آهي. هن مند ۾ وڻن

جا پن ڇڻي پوندا آهن تنهنڪري وڻن جي رونق مزيدار ڪانه هوندي آهي. هن مند ۾ ميچي جام ملندي آهي. سياري ۾ تنهن هئڻ سبب ڪاٻه ڪائڻ جي شئ جلدي خراب نه ٿيندي آهي.

هن مند ۾ هرڪو انسان يا جانور ڦڙت نظر ايندو آهي. هيءَ مند شيل شڪار ڪرڻ لاءِ سٺي آهي. ڪنهن ٻه اوچي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ ماڻهو هيءَ مند پسند ڪندا آهن.

—o—

٤٥- اونهاري جي مند

اسانجو پارت خط استوا جي ويجهو آهي تنهنڪري اونهاري ۾ هتي خاص ڪري ڏکڻ پارت ۾ گرمي جام ٿيندي آهي. هن مند ۾ پارت ۾ ڪتي نه سخت گرميون ٿينديون آهن. سخت گرميءَ سبب سرير ۾ پگهر وهندو آهي جنهنڪري سرير ۾ سستي پيدا ٿيندي آهي ۽ ڪم ڪرڻ تي دل نه لڳندي آهي. گرميءَ سبب نه ڏينهن جو آرام ايندو آهي ۽ نه رات جو سک.

هن مند ۾ هوا ۾ گهم بلڪل ڪانه هوندي آهي جنهنڪري هن مند ۾ گرم جهولا ۽ ساڙيندڙ هوائون لڳنديون آهن. ڏينهن ۽ رات جو ڪڏهن ته اهڙي بت ٿيندي آهي جو هيانءُ پيو ماندو ٿيندو

آهي. گرميءَ سبب جانور ۽ پکي به پريشان هوندا آهن. سخت گرميءَ سبب سرير تي آرايون ۽ ڦرڙيون نڪري پونديون آهن. منجهند ڪانءُ، سخت تپت سبب ڪو به ڪم مشڪل ڪري سگهبو آهي.

هن مند ۾ سمنڊن، ندين ۽ ڍنڍن جو پاڻي سج جي ساڙيندڙ ڪرڻن سبب ٻاڦ ٿي ويندو آهي ۽ تراڪڙين ڪڏن جو پاڻي سڪي ويندو آهي. هن مند ۾ پاڻي ملڻ جي تڪليف ٿيندي آهي. هن مند ۾ سرير ۾ سستي رهندي آهي ۽ ٿوريئي ڪم ڪرڻ سان سرير ٿڪجي پوندو آهي.

هن مند ۾ ڪالرا ۽ ماتا جهڙيون بيماريون ڦاٿي نڪرنديون آهن. هن مند ۾ ڪنهن به قسم جو مزو نه هوندو آهي.

هن مند ۾ ميوا جام پچندا آهن، جنهنڪري ميوي کائڻ جي موج هن مند ۾ هوندي آهي. هن مند جا ميوا آهن: انب، هنداڻا، گدرا، ڏاڙهون، ڦاروان، ليچيون ۽ ٻيا رسدا ميوار.

٤٦- ڪرڪيٽ راند

هيءَ انگريزي راند آهي پر هن راند کيڏڻ جو شوق ڪيترن دور ديسن ۾ رهندڙ ماڻهن کي به آهي. ڀارت

۾ هن راند جو ڪافي مان آهي.

هن راند ۾، ٻارهن ٻارهن رانديگرن جون ٻه ٽوليون ڀاڱو وٺنديون آهن. هيءَ راند وڏي ۽ سڌي سنئين ميدان تي ڪبي آهي. گاهه سان ڇانيل ميدان تي هيءَ راند وڌيڪ مزو ڏيندي آهي. هن ۾ هڪ ٽولي وارو وٺندي آهي ۽ ٻي ٽولي پڙ جهليندي آهي.

هن راند لاءِ هڪ بال، ٻه بيٽون، ڇهه ڪاٺيون (اسٽمپون) ۽ چار ائيون ڪم اينديون آهن.

راند شروع ٿيڻ کان اڳ، ٻه ٽوليون پاڻ ۾ اکر پوري ڪنديون آهن ۽ جيڪا ٽولي ان ۾ کٽندي آهي تنهن تي اها ڳالهه ڇڏيل هوندي آهي ته وارو وٺي يا پڙ جهلي. وارو وٺندڙ ٽولي پنهنجا ٻه رانديگر ميدان ۾ واري وٺڻ يا وڪيٽن کي بچائڻ لاءِ موڪليندي آهي. واري وٺندڙ جو فرض آهي بال کي ڌڪ هڻڻ، ڊڪون ڪرڻ ۽ وڪيٽن کي لڳڻ کان بال کي روڪڻ. حريف ٽوليءَ جو ڪم آهي واري وٺندڙ کي ڊڪون (رنسون) نه ڏيڻ يا سندس وڪيٽ کي بال هڻي ڪيس آئوٽ ڪرڻ يا هنجي بال جي جهپ وٺڻ. هڪ وارو وٺندڙ آئوٽ ٿيندو آهي ته ٻيو انهي جاءِ تي ايندو آهي. اهڙيءَ طرح راند هلندي رهندي آهي جيسين ان ٽوليءَ جا ڏهه ڄڻا آئوٽ ٿين. ٻارهون رانديگر ڀاڱيدار نه هئڻ جي حالت ۾ خود بخود راند ڪرڻ بند ڪندو

آهي. انهن ڪرڻ سان راند جو هڪڙو وارو پورو ٿيندو آهي. هنڪانپوءِ ٻي ٽولي وارو وٺڻ ويندي آهي. ڪرڪيٽ مئچ ۾ هرهڪ ٽوليءَ کي ٻه دارا ملندا آهن.

پڙ جهليندڙ ٽوليءَ جا يارهن ڄڻا هنطرح ڪم ڪندا آهن: ڇهه ڄڻا واري وٺندڙ جي سڄي طرف پڙ جهلڻ لاءِ بيهاريا ويندا آهن ۽ ٽي ڄڻا سندس کٻي طرف. هڪ بال ڏيندو آهي ۽ هڪ وڪيٽ جي پٺيان لاءِ بيهندو آهي.

ميدان جو ٽڪر جنهن تي بئٽ بال راند کبي آهي تنهنکي "پچ" چئبو آهي. هن پچ تي ٽي ڪاٺيون هڪ هنڌ کوڙيون آهن ۽ سندس سڌيءَ لائين ۾ ٻاويهن وال جي مفاصلي تي ٻين ٽي ڪاٺيون کوڙيون آهن. اهي ڪاٺيون اُن انچن جي ويڪر روڪينديون آهن جيئن بال انهن جي وچ مان لنگهي نه سگهي. انهن ڪاٺين جي چوٽين تي ٻه اِٽيون اهڙيءَ طرح رکيون آهن جئن انهن جا ڇيڙا پاڻ ۾ وچينءَ ڪاٺيءَ مٿان ملن.

هرهڪ بولر (بال ڏيندڙ) ڇهه بال ڏيندو آهي. تنهن کانپوءِ هنجي اوور ٿيندي آهي. هنڪانپوءِ ٻيو بولر بال ڏيندو آهي. وارو وٺندڙ بال کي ڌڪ هڻي يا بال جو ڌڪ ڳسائي سامهون وڪيٽ طرف ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ سامهون بيٺل رانديگر هنجي وڪيٽ طرف. جيترا ڀيرا اهي پنهنجون جايون پاڻ ۾

مٿائيندا آهن اوتريون ڊوڙون ڪندا آهن.

وارو وٺندڙ رانديگر هنطرح آئوٽ ٿي سگهندو آهي.
جيڪڏهن بولر جو بال سنڌس وڪيٽ جي ڪنهن ٻه
ڪاٺيءَ کي لڳي اُنهي ڪيرائي ڇڏي يا سنڌس جهپ
ٿي وڃي يا ڊوڙندي ساڄهون واريءَ وڪيٽ تـــي
پهچڻ کان اڳ، ان وڪيٽ جي ڪاٺيءَ کي ڪو ٻه بال
هٿي ڪيرائي ڇڏي يـا رانديگر پنهنجو پير مقرر ٿيل
حد ليڪي کان ٻاهر رکي ۽ ان حالت ۾ وڪيٽ ڪيپر
بال اڇلائي ڪاٻه وڪيٽ جي ڪاٺي ڪيرائي ڇڏي.
جيڪڏهن وارو وٺندڙ وڪيٽ کي پنهنجن ٽنگن سان
ٻڪي ڇڏي ۽ ان حالت ۾ بال سنڌس ڪاٻـيءَ ٽنگ
کي لڳي ته هو آئوٽ ليکيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ڌڪ هڻندڙ بال کي اهڙو ڌڪ هڻي جو
بال ميدان جي حد اورانگهي وڃي ته ڌڪ هڻندڙ کي
چار ڊوڙون ملنديون آهن پر جيڪڏهن بال زمين کي
ڇهڻ کانسواءِ هوا مان هلي حد ليڪو ٽپي وڃي ته کيس
ڇهه ڊوڙون ملنديون آهن. جيڪي ڊوڙون بال کي
ڌڪ هڻڻ کانسواءِ ملنديون آهن تنکي ”بائيز“ چئبو آهي.

رانڊ ۾ ٻه امپاير (امين) هوندا آهـــن. هڪ امين
هڪ وڪيٽ وٽ بيهندو آهي ۽ ٻيو ٻـــيءَ وڪيٽ
وٽ. انهن امينن جو فيصلو هر حالت ۾ آخرين هوندو
آهي. هرهڪ ٽوليءَ کي هڪ ماڻهو هوندو آهي جيڪو

پنهنجيءَ ٽوليءَ جون ڊوڙون لکندو رهندو آهي.

ٻن وارن ۾ جنهن جون ڊوڙون وڌيڪ هونديون آهن سا پارٽي ڪامياب ظاهر ڪبي آهي.

ڪرڪيٽ راند ۾ ڪيترائي فائدا آهن: هيءَ راند بدن لاءِ سٺي ورزش آهي. هن راند ۾ بدن جا سڀيئي عضوا چرپر ۾ رهندا. تنهن کانسواءِ هيءَ راند صبر، اورچائي، انتظام، مڃتا ۽ سهڪار سيکاريندي.

۴۷- لغڙ بازي

لغڙ بازي هڪ وڻندڙ راند آهي. جوان ۽ ٻار تہ، ڇڏيو پر ٻڍا بہ پتنگ وڏي چاهہ مان اڏائيندا آهن. پتنگ سنهيءَ پنيءَ ۽ بانس جي ڪمانن مان ٺهيل هوندا آهن.

لغڙن اڏائڻ جو وڏو اتسو گهڻو ڪري ۱۴ جنوري تي ٿيندو آهي. هن اتسو کي "اترائڻ" ڪري چئبو آهي. هن ڏينهن تي، صبح جو تمام ساجهر، ٻڍا توڙي جوان، ذالون توڙي مرد پتنگن اڏائڻ ۾ لڳي ويندا آهن. ڌاڳي سان ويڙهيل وڏا ريل يا وڏيون چرخيون سندن هٿن ۾ ڦرنديون ڏسبيون آهن. ڌاڳي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪن مصالحن جو ٺهيل مانجهو لڳايو ويندو آهي.

اُترارڻ جي ڏينهن جيڏانهن نهار، تيڏانهن پتنگ نظر ايندا آهن. ميدان، اگڙ، ڇتيون، سمنڊ ۽ ندين جا ڪنارا پتنگ بازن سان ڀريل نظر ايندا آهن. سارو آڀ پتنگن سان ڇانئجي ويندو آهي. رنگبرنگي پتنگن سبب آڪاس جو نظارو ڏاڍو سٺو نظر ايندو آهي.

هن راند ۾ ٻه ٻين راندين وانگر حريفائي ٿيندي آهي. هڪ پتنگ باز ٻئي پتنگ باز جي پتنگ کي ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. حريفائيءَ ۾ پتنگ باز ڏاڍيءَ هوشياريءَ ۽ حرفت بازيءَ کان ڪم وٺندا آهن. ڪٽيل لغڙ کي ڪيترائي ماڻهو پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پتنگ بازيءَ ۾ ڪيترا حادثا به ٿيندا آهن.

پتنگ بازيءَ سان اکين کي خاص طرح ۽ سرير جي عضون کي عام طرح ڪسرت ملندي آهي.

۴۸- هڻو تڻو (يا ڪبڏي) راند

هڻو تڻو به هڪ وندرائيندڙ راند آهي جا ڳوٺاڻا ٻار پارڻواسي ڏهڻي چاهه مان ڪندا آهن.

هيءَ راند ٻن ڌرين جي وچ ۾ ٿيندي آهي. هر هڪ ڌر ۾ ڏهه رانديگر ٿيندا آهن. هيءَ راند سڌي سنئين ميدان تي کيڏبي آهي. راند ڪرڻ واري هنڌ کي سفيد ليڪ سان ٻن ڀاڱن ۾ ورهائبو آهي. پوءِ ڏهه رانديگر

هڪ بلاڪ ۾ ٻيهندا آهن ۽ ڏهه ٻئي بلاڪ ۾. پوءِ ڪنهن به بلاڪ مان هڪ رانديگر سانده هتوُ تتوُ چوندو ٻئي بلاڪ ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ اُتي ڪنهن به رانديگر يا رانديگرن کي هٿ لائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُن بلاڪ جا رانديگر وري هنکي پنهنجي بلاڪ جي حد اندر پڪڙي رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن هو هٿ لائي، سانده هتوُ تتوُ چوندي سلامتيءَ سان پنهنجيءَ حد اندر پهچي ويو ته هٿ لڳل رانديگر يا رانديگر آئوٽ ليکيا ويندا پر جيڪڏهن هو پنهنجي بلاڪ جي حد اندر پهچڻ کان اڳ پڪڙجي پيو ۽ هتوُ تتوُ چوندي پاڻ ڇڏائي نه سگهيو ته پوءِ هو آئوٽ ليکجڻ ۾ ايندو. ساڳيءَ طرح ٻئي بلاڪ جو رانديگر به ائين ڪندو آهي. ڪتندڙ رانديگر پنهنجي آئوٽ ٿيل ساٿيءَ کي وري جيئاري به سگهندو آهي. مطلب ته جڏهن ڪنهن به بلاڪ جا سڀيئي رانديگر آئوٽ ٿي ويندا آهن تڏهن اها راند پوري ٿيندي آهي. هن راند جون ٽورناميٽس به ٿينديون آهن. هن راند مان سرير کي سٺي ڪسرت ملندي آهي.

۴۹- ڀونڪمپ (زلزلو)

ڀونڪمپ يا ڌرتيءَ جو ڌڏڻ اِنسان جي مٿان اوچتو ڪڙڪندڙ آفتن مان هڪ آهي.

زمين جي اندر ويل پاڻي جڏهن ٻاڦ جي صورت وٺندو آهي ۽ اها ٻاڦ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي تڏهن ڌرتي ڌڏندي آهي. ان ڌرتيءَ جي ڌڏڻ کي "ڀونڪمپ" چئبو آهي.

جڏهن ڌرتي ڌڏندي آهي تڏهن گهر، دڪان، ڇتيون، بالڪنيون ۽ وڻ وغيره ڪري اچي پٽ پوندا آهن. ڌرتيءَ ڌڏڻ وقت سجاڳ ماڻهو ڀاڄڪي بچائڻ لاءِ گهرن مان نڪري کليل ميدانن ۽ وڏن رستن ڏانهن ڊوڙندا آهن. جيڪي ماڻهو ٻاهر نڪري نہ سگهندا آهن سي ڪرندڙ ڇتين يا ديوارين هيٺان دٻجي مري ويندا آهن. ماڻهن ۾ هراس مچي ويندو آهي. مرد منجهي ويندا آهن، زالون ڪيڪون ڪنديون آهن ۽ ٻار ٻاڪارڻ شروع ڪندا آهن. هرڪنهن کي اچي پنهنجي لڳندي آهي جنهنڪري ڪو بہ ڪنهنکي مدد ڪري نہ سگهندو آهي.

ڌرتيءَ جي سخت ڌڏڻ سبب ڪافي نقصان ٿيندا آهن. شهر ۽ ڳوٺ تباهہ ٿي ويندا آهن. ندين جو وهڪرو بدلجي ويندو آهي. جاين ۽ ڌرتين ۾ ڦوٽيون پئجي

وينديون آهن. فصل ناس تي ويندا آهن. ريلوي پٽا ۽ ڪانٽا ڏنگا ٿي ويندا آهن ۽ ڪٽي ڪٽي ٻاهيون اُگهنديون آهن.

سرڪار ۾ تڪڙي چرپر اچي ويندي آهي. اها ستايلن کي هڪدم هر قسم جي مدد ڏيڻ شروع ڪندي آهي. سرڪار ڪوٺائيءَ جو ڪم بنا دير شروع ڪرائي ڇڏيندي آهي ۽ ڏرتيءَ اندر دٻيل مال ۽ ماڻهن ۽ جانورن جا لاش ٻاهر ڪڍائيندي آهي. سوم سيوڪ ۽ سنت ائي ستايلن جي سهائتا لاءِ نڪري پوندا آهن. زخميلن کي بنا دير جي اسپتالن ڏانهن روانو ڪيو ويندو آهي. بي گهر اِنسانن کي في الحال تنبن ۾ رهايو ويندو آهي. انهن کي مفت کاڌو ۽ ڪپڙو ڏنو ويندو آهي. مطلب ته سرڪار ستايلن کي ٺهين سر وسائڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪندي آهي.

ڀونڪمپ جا نظارا دل ڏاريندڙ هوندا آهن. شل ايشور اهڙن آپدائن کان بچائي!

٥٠- ٻوڏن جا راڳا

چوماسي جي مند ۾ جڏهن سخت برساتيون پونديون آهن ۽ برسات جو پاڻي ندين ۾ سمائجي نه سگهندو آهي تڏهن پاڻي نديءَ مان اُٿلي پوندو آهي.

ھن پاڻيءَ جي اُٿل کي "ٻوڏ" چئبو آهي.

ٻوڏ جو پاڻي اوچتو ايندو آهي، جنهنڪري ڪيترو جان ۽ مال جو نقصان ٿيندو آهي. پاڻيءَ جي اوچتي اچڻ سبب ماڻهو پاڻڪي يا پنهنجي مال سامان کي بچائي ڪونه سگهندا آهن، جنهنڪري ٻوڏ جي وهڪري ۾ ڪيترا ماڻهو ۽ جانور ٻڏي يا گهلجي ويندا آهن ۽ ٻيون به ڪيتريون شيون ۽ وڻ گهلجي گم ٿي ويندا آهن. ان ۾ فصل چٽ ٿي ويندا آهن ۽ ڪيترا ڪچا گهر ۽ دڪان ڊهي اچي پٽ پوندا آهن. ڪن ٻوڏن جي ستايلن جي حالت بلڪل قياس جوڳي ٿي پوندي آهي. نه هوندو اٽن کائڻ لاءِ کاڌو، نه بدن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا ۽ نه رهڻ لاءِ مڪان. اچ وڃ جا رستا ڪپجي ويندا آهن جنهنڪري هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ مشڪل ٿي پوندو آهي.

ٻوڏ جي پاڻيءَ جي هٽڻ کانپوءِ ڳوٺن ۽ شهرن جي قياس جوڳي حالت هوندي آهي. گهٽين ۽ رستن تي مٽيءَ ۽ ريتيءَ جا ڍير لڳا پيا هوندا آهن. جانورن ۽ ماڻهن جا لاش لٽ ۾ لٿيل نظر ايندا آهن. جيڪڏهن ترت ڪوٺائيءَ ۽ صفائيءَ جو بندوبست نه ڪبو آهي ته ته اُتي بيماريون ڦاٿي نڪرنديون آهن. ٻوڏ جي ڪري ڏڪر منهن ڪڍندو آهي، جنهنڪري انيڪ ماڻهو ٻکن ۾ بيحال ٿي پوندا آهن ۽ رستن بند هئڻ سبب شين

جا اگهہ چوٽ چڙهي ويندا آهن.

سرڪار ٻوڏ جي سٽايلن کي ٽڪڙي مدد ڏيڻ شروع ڪندي آهي. سرڪار سٽايلن کي کاڌو، ڪپڙو ۽ اجهو ڏيڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي اجائي ڍل نہ ڪندي آهي. سوم سيوڪ ٻوڏ جي ايراضين ۾ وڃي سٽايلن کي هرڪا مدد ڪندا آهن. هن موقعي تي داني پرش دل کولي دان ڏيندا آهن.

١٥- باهہ ۾ جلندڙ گهر

سياري جي مند هئي ۽ رات جو وقت. مان بہ ٻين ماڻهن وانگر ننڊ ۾ هوس. اوچتو ساندهہ وڄندڙ گهنڊ جو آواز منهنجي ڪن تي پهتو. مان بستري تان ٽپو ڏيئي، اُٿي ڪڙتو ٽيس ۽ گهر کان ٻاهر ڊوڙي ويس. مونکي اُتي معلوم ٿيو تہ ٻزار ۾ هڪ وچولي ماڻهوءَ جي گهر کي باهہ لڳي آهي. مان هڪدم اوڏانهن ڊوڙي ويس. مڪان-مالڪ کي ڪنهن بہ نموني جاڳ ٿي هئي، تنهن پنهنجي گهر جي ماڙيءَ تان هيٺ ٽپو ڏنو هو ۽ پنهنجي ٽنگ ڀڃي وڌي هئي. هو ويچارو سور جو سٽايل مدد لاءِ رڙيون ڪري رهيو هو. باهہ گهر جي پهرئين طبقي ۾ هڪ ڪمري کي وڃڙي ويئي هئي جنهن ۾ مڪان-مالڪ جي زال ۽ ٻہ ٻار سڙي ڀسم ٿي

ويا هئا. گهر اندر رکيل ڪاٺ جنو سامان ۽ دريون
دروازا ٻه جلي خاڪ ٿي ويا هئا. مڪان-مالڪ جو ننڍو
ٻار جنهن ٻچي وڃي پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ اجهو ورتو
هو سو درد ڀريون دانهون ڪري رهيو هو ته، ”ڀڳوان
جي واسطي مونکي بچايو.“

عين ان وقت باه وسائيندڙ ٽولو به اچي اتي پهتو.
باه وسائيندڙ هڪدم باه وسائڻ جي ڪم کي لڳي
ويا. انهن مان هڪڙو بهادر هڪدم جلندڙ گهر جي
اندر ڪنهن سلامتيءَ واري پاسي کان گهڙي ويو ۽
بنا دير جي مڪان-مالڪ جي ٻار کي پٺيءَ پاڙهون
ڪڍي هيٺ لهي آيو. ڪيس ۾ مڪان-مالڪ جي ٻار
کي ڪن عضون تي باه جي سخت لهس اچي ويئي هئي.
جنهنڪري انهن کي هڪدم اسپتال ۾ روانو ڪيو ويو.

باه وسائيندڙن باه وسائي ڇڏي پر مڪان-مالڪ
ان ڀيانڪ باه ۾ برباد ٿي ويو. زال ۽ ٻه ٻار سڙي ويس.
پاڻ جلو ٿي پيو ۽ ٻار به لهسجي پيس. سڄو گهر ۽ سامان
سڙي رک ٿي ويس. هيءَ حالت ڏسي هو بيهوش
ٿي ويو ۽ کيس به اسپتال ڏانهن موڪليو ويو. هي دل
ڏاريندڙ نظارو ڏسي منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽
مان روئندو پنهنجي گهر ڏانهن موٽيس.

٥٢- منهنجو اسڪول

منهنجو اسڪول اسانجي شهر جي سڀني اسڪولن کان سٺو ۽ وڏو آهي. منهنجي اسڪول جي عمارت ڏاهوڪي ٺهيل آهي. منهنجو اسڪول ۱۹٦۷ع ۾ ٺهي راس ٿيو هو جنهنڪري بلڪل نئون پيو لڳي. اهو ٽن ماڙن وارو مڪان آهي. هن ۾ ٻاويهه ڪشادا ۽ هوادار ڪلاس آهن جن ۾ هڪ هزار کان مٿي وديارٿي تعليم وٺي رهيا آهن. تنهن کانسواءِ منهنجي اسڪول ۾ هڪ پريوگ شالا ۽ چٽر شالا به آهي. اسانجي پريوگ شالا ۾ تجربن ڪرڻ لاءِ ضروري گهربل سامگري آهي.

منهنجي اسڪول ۾ اٽڪل پنجٽيهه ماستر، ٽي ڪلارڪ ۽ پنج پٽيوالا آهن. اسانجا ماستر آزمودگار، محنتي ۽ قابل آهن. اهي اسان تي ڏاڍو مهربان آهن. انهن جو اسان سان اهڙو سنبنڌ آهي جهڙو پيئن جو پٽن سان. اسانجو پرنسيپال هڪ قابل ۽ هوشيار انسان آهي. هنجي قابليت ۽ روب سبب اسانجي اسڪول ۾ تمام سٺو انتظام رهندو آهي.

منهنجي اسڪول ۾ روزانو پرارٿنا ٿيندي آهي. منهنجي اسڪول کي شاندار لئبرري آهي. هن لئبرريءَ ۾ هر وشيه تي گهڻيءَ خبرداريءَ سان پسند ڪيل پستڪ موجود آهن. هتي سنڌي، گجراتي، هندي

۽ انگريزي اخبارون ۽ مخزنون ب موجود هونديون آهن. وديارٿي رسيس يا واندڪائيءَ جي وقت انهن جو اپيوگ ڪندا آهن.

منهنجي اسڪول جو ميدان تمام وڏو آهي. شام جو اسڪول بند ٿيڻ کانپوءِ، وديارٿي ان ۾ جدا جدا قسمن جون رانديون ڪندا آهن.

منهنجي اسڪول ۾ هڪ ڊبيٽنگ سوسائٽي آهي جا مهيني ۾ ٻه ڀيرا ڪنهن ب چونڊيل وشيه تي بحث مباحثي ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪندي آهي. منهنجي اسڪول ۾ ٻيون ب ڪيتريون پروٽيون آهن جن ۾ وديارٿي گهڻو چاهه وٺندا آهن. مونکي پنهنجو اسڪول ڏاڍو وڻندو آهي.

٥٣- منهنجي اسڪول جي رانديون جو ميدان

اِنسان جو دماغ تڏهن سالم هوندو جڏهن هنجو سرير سالم هوندو. سرير کي سالم ۽ سگهي رکڻ لاءِ رانديون جو کيڏڻ ضروري آهي ۽ رانديون کيڏڻ لاءِ سٺو ميدان کپي.

منهنجي اسڪول کي هڪ وڏو شاهي ميدان آهي جو سڄوئي ڇهه سان ڇانيل آهي. ميدان تي گهمڻ سان ائين معلوم ٿيندو آهي جڻ ته مخمل تي گهمي رهيا

آهيون . اسانجو سرسبز ميدان اکين کي آرام ۽ آنند
ڏيندڙ آهي .

اسان ان ميدان تي طرح طرح جون رانديون ڪندا
آهيون . اسان اتي ڪرڪيٽ، والي بال، بئڊمنٽن،
هتو تتو ۽ کوکو وغيره رانديون ڪندا آهيون .

کليل ميدان ۾ راندين ڪرڻ سان بدن ۽ دماغ تي
وڏو اثر پويٿو . اهي رانديون نه فقط اسانجو سرير سگهو
ڪن ٿيون پر اسانجو دماغ به درست (ٺيڪ) ڪن ٿيون .
اهي اسانکي انتظام سيکارين ٿيون . اسان راندين جي
ميدان ۾ جيڪا قابليت، ڪلا، هوشياري ۽ چالاڪي
ڏيکاريون ٿا سا اسانکي وڏي هوندي دنيوي ڪمن
۾ ڪم اچيٿي . راندين جو ميدان اسانجي چال چلگت
ٺاهڻ ۾ به اهم پارٽ ادا ڪريٿو .

ميدان ۾ راندين ڪرڻ سان سرير کي ڪافي ڪسرت
۽ تازي هوا ملي ٿي . ڪسرت ڪرڻ سبب سرير ۾ ٿڪاوت
ٿئي ٿي جنهنڪري کاڌو به مزي سان کائجي ٿو ۽
ننڊ به سٺي ڪجي ٿي .

راندين جو سٺو ميدان اسڪول لاءِ نعمت آهي .

۵۴- منهنجي اسڪول جي لئبرري

ڪنهن بہ وديارٿيءَ کي سمورو علم استاد مان ملي نٿو سگهي. هنڪري جيڪڏهن جدا جدا وشين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تہ ڪيس جدا جدا وشين تي لکيل ڪتاب پڙهڻ گهرجن ۽ اهي ڪتاب هڪ سٺيءَ لئبرريءَ مان ئي ملي سگهندا.

منهنجي اسڪول کي عاليشان لئبرري آهي. لئبرريءَ جو مڪان سٺو، ڪشادو ۽ وائڪو آهي. اسانجي لئبرريءَ ۾ ڪافي لوه ۽ ڪاٺ جا نهيل ڪبٽ سندر نموني رکيل آهن جن ۾ پنجن هزارن کان وڌيڪ پستڪ رکيل آهن جي بلڪل خبرداريءَ ۽ خيال سان چونڊ ڪيل آهن. اسانجي لئبرريءَ جا ڪتاب جدا جدا وشين موجب جدا جدا ڪبٽن ۾ رکيل آهن. اسانجي لئبرريءَ ۾ ڪيتريون اخبارون ۽ مخزنون موجود هونديون آهن. اسانکي جڏهن واندڪائي ملندي آهي تڏهن لئبرريءَ ۾ وڃي پنهنجيءَ پسنديءَ موجب ڪتاب، اخبارون ۽ مخزنون پڙهندا آهيون.

اسان کي اسڪول لئبرري هئڻ ۾ ڪيترائي فائدا آهن. الڳ الڳ ڪتابن، مخزنن ۽ اخبارن پڙهڻ سان اسانجي عام ڄاڻ وڌي ٿي، اسانجا دماغ ۽ ويچار وڌن ٿا ۽ اسانجي درشٽي وشال ٿئي ٿي. ڪجهہ بہ شانتيءَ

سان پڙهڻ جي اسان ۾ عادت پوي ٿي.

اسانجي لئبرريءَ جو ڪم هڪ ماستر کي سونپيل آهي جو ان ڪم کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

٥٥- منهنجي اسڪول جو انعامي جلسو

جيڪي وديارٿي جدا جدا وشين ۾ يا پنهنجي پنهنجي ڪلاس ۾ پهريان نمبر ايندا آهن تنجي قدر سڃاڻڻ لاءِ کين انعام ڏنا ويندا آهن. اسانجي اسڪول ۾ بہ هر سال اهڙي قسم جو جلسو ٿيندو آهي جنتي لياقتي وديارٿين جيءَ کين انعام ڏيڻ سان، قدرشناسي ڪئي ويندي آهي.

اسانجي اسڪول انعامي جلسو گذريل فبروريءَ ۾ ڪيو هو. ان موقعي تي گجرات جي مکيہ پرڌان کي مکيہ مهمان طريقي گهرايو ويو هو. هو پوري پنجين بجي اسڪول ۾ پهچي ويو. اسانجي پرنسيپال هنجي سٺي نموني آجيان ڪئي. هنکي پوءِ اسڪول جي وڏي هال ۾ شاندار نموني سينگاريل اسٽيج تي ڪرچ مٿان ويهاريو ويو. اهو سڄو هال شاگردن جي مائٽن سان ڀريل هو.

هن جلسي جي شروعات پرارٿنا جي گيت سان ڪئي ويئي. هي گيت اسڪول جي ڇوڪرين مٺي ۽ سندر

نمونيٰ ڳائو. ھنڪانپوءِ ھڪ ننڍو ناٽڪ پيش ڪيو ويو جو حاضرينن کي ڏاڍو پسند پيو. ھن ڪانپوءِ اسانجي پرنسيپال اُتي مکيہ مھمان جي واقفيت ڏني ۽ اسڪول بابت تيار ٿيل ساليانيٰ رپورٽ پڙھي جنھن ۾ ھن حاضرينن کي اسڪول جي سٺن نتيجن ۽ ٻين پروگرامن کان واقف ڪيو.

ھنڪانپوءِ مکيہ مھمان اُٿي ٿورو ڳالھايو. ھن اسانجي پرنسيپال ۽ ماسترن کي ڏاڍو ساراھيو. ھن انھن شاگردن جي بہ واکاڻ ڪئي جن ناٽڪ ۾ پارٽ ورتو ھو. ھن شاگردن کي ڪي سٺيون نصيحتون بہ ڏنيون.

پڇاڙيءَ ۾ انعامن جي ورڇ ٿي. جيڪي شاگرد پنھنجن پنھنجن ڪلاسن ۾ يا الڳ الڳ مکيہ وشين ۾ پھريان نمبر آيا ھئا تنکي مکيہ مھمان انعام ڏنا. مونکي بہ حسابي ڪمن ۾ پھرئين نمبر اچڻ ڪري انعام مليو.

آخر ۾ راشٽريہ گيت ڳائڻ وقت اسان سڀئي اُٿي بيٺا ھئاسين. ھنڪانپوءِ حاضر ماڻھو ڇڙو ڪڙ ٿي پنھنجن گھرن ڏانھن موٽيا.

٥٦- منھنجي اسڪولي حياتي

منھنجي اسڪولي حياتي موج ۽ مزي واري آھي. مونکي ڏک ڏيکاري ئي ڪو نہ ڏين. مان آھيان پيءُ

ماءُ جي سهاري، تنهنڪري نہ آجيرڪا جي اُٺڻ تي ستائيندي اٿم ۽ نہ انگ ۽ اَجهي جي انتظاري. سڀ ڪجهہ نهڪيو نڪيو پيو ملندو اٿم. منهنجو پيءُ شاهوڪار آهي، جنهنڪري مان شاگرد هوندي بہ سٺي حياتي گذاري رهيو آهيان. شڪر ايشور جو، جو شاهوڪاريءَ مون ۾ ڪنهن عادتون پيدا ڪونہ ڪيون آهن.

مان صبح جو ساجهر اُٿندو آهيان ۽ ڏنڌڪار ۾ ويهي اسڪول جا مليل ڪم ڪندو آهيان. هنن ڪمن ڪرڻ کان مان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻائيندو آهيان. پوءِ مان ضروري هاج لاهي، سنان پاٺي ڪري، نيرن ڪندو آهيان. نيرن ڪرڻ کانپوءِ ڊرائيور موٽر پنهنجيءَ ڪار ۾ وٺي اسڪول ڇڏي ايندو آهي. مان هميشه وقت سر اسڪول پهچي ويندو آهيان. مان ذهن جي سبني ڪلاسن ۾ پهريون نمبر آهيان. ڪلاس ۾ جيڪي ڪجهہ ماستر صاحب سيکاريندا آهن سو پوري ڌيان سان ٻڌندو آهيان. مان ڪلاس ۾ سانت ڪري ويهندو آهيان. شور ۽ شرارت مان ڪين ڄاڻان. مان اُستادن جي آگيا ۾ رهندو آهيان ۽ انهن جي هدايتن موجب هلندو آهيان.

مان اسڪول جي هر پروڳتيءَ ۾ ڀاڱو وٺندو آهيان. ڊراما ۾ ائڪٽر جو پارٽ بہ سٺو ڪري ڄاڻان، موٽڪي

ڳائڻ جو بہ ڏاڍو شوق آهي. مان پنهنجي مٺڙ آواز سان ٻڌندڙن کي مست بڻائي ڇڏيندو آهيان. مان اسڪول يا ڪلاس جي ڊبيٽ (واڪ يڌ) ۾ سڀني بحث بازي ڪندو آهيان. پنهنجيءَ گفتار کي مذاق جي چٽ ڏيئي ٻڌندڙن کي خوب وندرائيندو ۽ کلائيندو آهيان.

مونکي راندين جو بہ ڏاڍو شوق آهي. والي بال لاءِ خاص چاهہ اٿم. جڏهن اسانجو اسڪول، ڪنهن بہ ٻئي اسڪول سان والي بال مئچ کرڻ ويندو آهي تڏهن مونکي پنهنجيءَ ٽيم جو ڪئپٽن ڪري موڪليندو آهي. مونکي سماجڪ قصن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري منهنجو سڄي اسڪول ۾ نالو وڏو آهي. پرنسيپال ۽ استاد مونکي ڏاڍو چاهيندا آهن. مونکي پرنسپال لاءِ مان، استادن لاءِ عزت، ساٿين لاءِ سڪ ۽ ننڍڙن لاءِ پيار آهي. مونکي بہ سڀ ڏاڍو پائيندا آهن. منهنجي اسڪولي حياتي خوب خوشيءَ ۽ مزي واري آهي. مونکي ان تي ناز آهي.

—o✱o—

۵۷- اسانجي اسڪول جي پڪنڪ (محفل)

هڪ پيري اسڪول جي طرفان شهر کان باهر کانو پينو ڪيو ويو. هن محفل ۾ اٽڪل هڪ سؤ شاگرد

شامل ٿيا. صبح جو ساجهر پاڙي ٽي ڪيل بسين ۾
چڙهي سرڪيج ۾ "مستري فارم" تي وياسين. هي هڪ
وڏو فارم آهي، جو اٽڪل هڪ سؤ ايڪڙن ۾ ٿيندو.
اُتي پهچڻ سان اسان ٿورو آرام ڪيوسين. هنڪانپوءِ
اسڪول جي پٽيوالن چانهه تيار ڪئي هئي، سا پيتيسين
جنهنڪري اسانجن سرين ۾ ڦڙتي اچي وئي.

پندرهن منٽن ڪانپوءِ اسان گهمڻ لاءِ نڪتاسين. هن
فارم ۾ هرڪا مندائتي ٻوڪ ۽ ڀاڄي ٿيندي آهي. هن
۾ ڪيترن ئي قسمن جي ميون جا وڻ ڏٺاسين. فارم
جي مالڪ اسانکي خوب ميوو کارايو. فارم وڏو هو،
جنهنڪري ان ۾ گهمندي اسان کي ڪافي ٿڪ ٿيو.
اسان پوءِ موٽي ڪجهه وقت لاءِ سمهي رهياسين. اٽڪل ٻن
ڪلاڪن ڪانپوءِ اسان اُٿياسين. ٿورو واٽ ڇوري، اسان
راندين ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. راندين ۾ اسانجن استادن
به ڀاڱو ورتو.

هنڪانپوءِ اسان هٿ منهن ڌوئي رسوئي کاڌيسين.
رسوئي هرڪنهن جي دل وڻان هئي سو کائي خوب
ڍءُ ڪيوسين.

اٽڪل ٽين بجي اسان ڪل خوشيءَ ۽ وندر جو پروگرام
شروع ڪيو. ڪي ڳائڻ ۾ مست ته ڪي وڄائڻ ۾. ڪن
ناچ ڪيو ته ڪن جهمريون پاتيون. ڪن مذاقي ٽوٽڪا
ٻڌايا ته ڪن وندرائيندڙ ڪهاڻيون ٻڌايون. مطلب ته

هن موج ۽ مزي ۾ وقت جلد گذري ويو.

سج لهڻ جي ڪئي ته اسان به موٽي پنهنجن گهرن ۾ آياسين.

٥٨- اسڪول سان موڪلاڻيءَ جو ڏينهن

مارچ جي پهرئين هفتي ۾ اسانکي پنهنجي پياري اسڪول سان هميشه لاءِ الوداع ڪرڻي پيئي.

ڏهين وارن وديارٿين اسانکي موڪلاڻيءَ جي پارٽي ڏيڻي ڪئي هئي. مقرر ڏينهن تي ڏهين درجي ۽ ايس-ايس-سي ڪلاس جا سڀ وديارٿي اچي اسڪول جي وڏي هال ۾ ڪٺا ٿيا هئا. پرنسيپال ۽ ماستر صاحب به آئي مقرر وقت تي اچي ويا. اسان سڀني انهن جو سواگت ڪيو.

ڏهين وارن وديارٿين اسٽيج تي هڪ تمام سندر سماجڪ ناٽڪ ڪيو، جو سڀني کي ڏاڍو پسند پيو. هنڪانپوءِ پيا به ڪيترائي وندرائيندڙ اسم اسٽيج تي ڪيا ويا، جن اسان سڀني کي موج ۾ آڻــي ڇڏيو. هڪڙيءَ ڇوڪريءَ ته ناچ ڪرڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو. ناچ جي روپ ۾ پتنگ بازي ڪري ڏيکاريائين. هيءُ وندر جو اسم اسانکي ڏاڍو وڻيو. اسان خوب تاڙيون وڄايون. سنگيت ۾ به هنن واه جا موج مچائي

ڇڏي! هن جي قواليءَ اسانجي دل ۾ آنند جون ڇوليون پيدا ڪري ڇڏيون.

هنکانپوءِ اسانجي پرنسيپال هڪ سندر ڀاشڻ ڪيو. هن ناٽڪ ۾ سنگيت وغيره ۾ ڀاڱو وٺندڙن کي خوب ساراهيو. هن اسانکي اها سکيا ڏني ته، "جو انسان سچيءَ دل سان محنت ڪريٿو سو پنهنجي ڪاريه ۾ اوس ڪامياب ٿئيٿو." هن پوءِ اسانجي ٻاري ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ شڀ اڇائون ظاهر ڪيون.

هنکانپوءِ کائو شروع ٿيو. اسانجي کائڻ لاءِ طرح طرح جون شيون آنديون ويٿون هيون. کائي خوب پيٽ ڪيوسين. پڄاڙيءَ ۾ هرهڪ کي آئيسڪريم جو پيالو ڏنو ويو.

هنکانپوءِ مان پنهنجي سائين طرفان، اسڪول جي ماستر صاحبن ۽ وديارٿين کان الڳ ٿيڻ تي ڏک ظاهر ڪيو. مون پنهنجي پرنسيپال ۽ ماستر صاحبن جا، سندن سندر پڙهائيءَ، محنت ۽ رهنمائيءَ لاءِ ٿورا مڃيا. مان ڏهين درجي جي شاگردن جي شڪرادائي ڪئي جن اسانکي وداعي پارٽي ڏيڻ ۾ ايڏي تڪليف ورتي هئي. هنکانپوءِ هي شغل پورو ٿيو ۽ هرڪو موٽي پنهنجي گهر ويو.

—***—

٥٩- منهنجي اسڪول جو ڪلارڪ

اسانجي اسڪول جو ڪلارڪ بلڪل قابل، آزمودگار ۽ ايماندار آهي. هنکي اسڪول جي ڳالهين جي گهڻي ڄاڻ آهي. هو اسانجي پرنسيپال جو ساڄو هٿ آهي. هوُ تعليمي کاتي جي قاعدن ۽ قانونن کان چڱي طرح واقف آهي. هنکي پوريءَ طرح ڄاڻ آهي ته ڪهڙو ڪاغذ ڪهڙي فائيل ۾ پيو آهي. هنجي فائيلنگ جو ڪم باقاعدي آهي. اسڪول جو سمورو حساب ڪتاب هو رکندو آهي.

هو ڏاڍو محنتي آهي. هو وقت سر اسڪول ۾ ايندو آهي. هو شاگردن کي وس آهر هرڪا مدد ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو به وديارٿي في نه ڪٺي ايندو آهي ته انجو ايباس بگاڙي انکي گهر ڏانهن نه موڪليندو آهي ۽ پر هنکي ٻئي ڏينهن تي في آڻڻ لاءِ چوندو آهي. هو شاگردن کي مدد ڪرڻ ۾ گس گساءُ يا اجائي ڍل ڪانه ڪندو آهي. هو ماسترن صاحبن سان عزت ۽ پيار پريو ورتاءُ ڪندو آهي. هو ڪنهن جي خلاف پرنسيپال جا ڪن نه پريندو آهي. هو ڪنهن جو به مندو ناهي. هو پٽيوالن کي به پيار سان هلائيندو آهي. هو هوشيار آهي. هنکي ماسترن ۽ پٽيوالن مان ڪم ڪڍڻ جو عجيب ڏانءُ آهي.

اسانجي اسڪول جو ڪلارڪ هڪ نيڪ اِنسان آهي.

٦٠- منهنجي اسڪول جو شيطان ڇوڪرو

اسانجي اسڪول ۾ هڪڙو ڇوڪرو آهي جنهن کي حرڪت ڪرڻ کانسواءِ آرام ئي نہ ايندو آهي. هنجو نالو نرينڊر آهي. هو هن وقت ايس-ايس-سي ڪلاس ۾ مون سان گڏ پڙهندو آهي. هو هڪ شاهوڪار جو سڪيلڌو پٽ آهي جنهنڪري هو گهڻو بگڙيل آهي. هو ڪڏهن بہ ڪلاس ۾ ماٺ ڪري نہ ويهندو آهي. ڪڏهن پنهنجي ڪلاس ماستر جي اهل ڪندو تہ ڪڏهن روئندڙ ٻار جو آواز ڪندو تہ ڪڏهن گڏهہ وانگر هينگون ڏيندو تہ ڪڏهن ڪنهن شاگرد جا ڪتاب هڪ هنڌان ڪڍي وڃي ٻئي هنڌ رکندو تہ ڪڏهن ڪنهن جي چمپل ڪڍي وڃي لڪائي رکندو. هو اهڙو تہ بيڊپو ڇوڪرو آهي جو ڇوڪرين سان حرڪت ڪندي بہ ڪنهنجو پٺ نہ ٿيندو اٿس. هو ٻن ڇوڪرين جون چوٽيون هڪٻئي سان اهڙي نموني ٻڌي ڇڏيندو آهي جو ڪين خبر ئي ڪانہ پوندي آهي. ڪلاس ماستر بہ گهڻوئي سمجهائيندو اٿس پر هن تي ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي. اسڪول جي هيڊ ماستر اڳيان سو اهڙو ٿي ويندو آهي جهڙو ڪوئو ٻليءَ اڳيان؛ پر اهو بہ ٿوري وقت لاءِ. مطلب تہ هن مان ماستر بہ ڏاڍو تنگ هوندا آهن. هو رسيس ۾ جاٽي ٻجهي ٻال راند ڪندو آهي.

هڪ ڀيري اُتان هڪ ٻاهريون ماڻهو اچي لنگهيو جنهن جو مٿو گنجو هو. هن نه ته اهڙو ۽ نه ڳوڙهي مٿي جو وار هنيس جو هو ٻالاٽيون ڪائي ڪري پيو. نرينده وار هٽي هڪدم پڇي ويو. هو ويچارو مٿو ڪنهندو هلندو رهيو.

هڪ ڀيري هڪ ڇوڪري ٽڪڙي ٻي آئي. هن ڪيلي جي کل ڪٽي ڏاڪڻ جي هڪ ڏاڪي تي ڦٽي ڪئي. اها ڇوڪري جڏهن ڏاڪڻ تان هيٺ پئي لٿي تڏهن سندس پير کل تان ترڪي ويو ۽ هوءَ ڏاڪڻ تان ليٽڙيون پائيندي وڃي هيٺ ڪري. هن، هيٺ ڪريل ڏسي، ٻري ڪان ڇيس، "ڪانئا ڪرينءَ ڪين اچان؟"

هو تمام ڏنگو ڇوڪرو آهي. اسڪول جا سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هنڪان ڊڄندا آهن. جهڙو تهڙو ماستر ته هن سان ڳالهائي ئي ڪونه سگهندو آهي.

هو جڏهن اسڪول ۾ نه ايندو آهي تڏهن سڀ شاگرد توڙي ماستر ڏاڍو خوش ٿيندا آهن.

٦١- بس ڪنڊڪٽر

بس ڪنڊڪٽر خاڪي پوشاڪ پائيندو آهي. هنجي ڪاٻي پاسي ڪان ٽڪيٽ- پيٽي لٽڪيل ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هو صبح جو ساجهر اُٿي بس ڊيپوءَ ۾ ويندو

آهي. اُتان هو ٽڪيٽ- پيٽي ۽ وقت جو چارٽ وغيره وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪندو آهي. هنڪانپوءِ هنجي بس تي ڊيوٽي شروع ٿيندي آهي. هو گهنٽيءَ جي ذريعي دوارن بس کي هلائيندو يا بيهاريندو آهي. بس هلندي، هنکي مسافرن کي ٽڪيٽون ڦاڙي ڏيڻيون پونديون آهن ۽ ڪانئن پئسا وٺڻو پوندو آهي. هرڪنهن بس-اسٽئنڊ تان هنکي سنيالي حساب موجب ماڻهو ڪٽڻا پوندا آهن ڇوته بس جي اندر ڪيترا مسافر ڪٽڻا آهن تنجو اندازو مقرر ٿيل هوندو آهي. هو ڪوشش ڪري مقرر ٿيل اندازکان وڌيڪ مسافر بس ۾ نه ڪٽندو آهي. هنکي بس تڏهن هلائڻي آهي جڏهن مسافر بس جي دروازي کان اندر اچي چڪن.

جڏهن بس پنهنجي ماڳ تي پهچندي آهي ۽ ٿورو وقت بيهندي آهي تڏهن ڪنڊڪٽر کي ٿورو آرام ملندو آهي. هوُ ان وقت جي اندر چانهه پاڻي ڪري يا بيڙي وغيره پي پاڻکي تازوتوانو ڪندو آهي. وري واپس موٽڻ وقت، ساڳيءَ طرح سندس ڊيوٽي شروع ٿيندي آهي.

عام طرح بس ڪنڊڪٽر سٺي سڀاو وارو ٿيندو آهي. هو مسافرن سان سٺي نموني ۾ ورتاءُ ڪندو آهي. هو ٻڍن، جڏن ۽ ٻارن وغيره جو خاص خيال رکندو آهي ۽ انهن کي چڙهڻ لهڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

ڪنهن ڪنهن مسافر کي، سندس ڪم جي سخت اهميت
محسوس ڪري، بس ۾ جاءِ نه هوندي به، ڪٽڻ جي
ڪوشش ڪندو آهي. هو مسافرن سان پيسي جي
ڏي وٺ ايمانداريءَ سان ڪندو آهي. جڏهن مقرر
تيل انداز کان وڌيڪ ماڻهن ڪٽڻ کان انڪار ڪندو
آهي تڏهن کهري سڀاو وارا ماڻهو هن سان وڙهي پوندا آهن.
ڪو ڪو بس ڪنڊڪٽر بي ايمان ٿيندو آهي.
هو مسافرن جي پيسن کائي وڃڻ جي هرڪا ڪوشش
ڪندو آهي ۽ موقعي ملڻ تي ٽڪيٽ نه ڦاڙي مسافرن
کان وڌل پيسا ڦبائي ويندو آهي.
جڏهن ڪنڊڪٽر جي ڊيوٽي پوري ٿيندي آهي
تڏهن پنهنجي وڪري جي روڪڙ، ٽڪيٽ-پيٽي ۽
ٽائم چارٽ ڪنهن مقرر تيل ماڻهوءَ جي حوالي ڪري،
پاڻ پنهنجي گهر ڏانهن موٽ ڪائيندو آهي.

٦٢- پوليس وارو

پوليس وارو خاڪي يونيفارم پهريندو آهي ۽ سندس
ڪمر پٽي کان هڪ ڏنڊڪي لٽڪندڙ نظر ايندي آهي.
هنکي قميص مٿان بئج لڳل هوندي آهي. هو بلڪل
ڦڙت ۽ چالاڪ نظر ايندو آهي.
پوليس واري جي نوڪريءَ جو ڪم به نڪاڻو

ڪونهي. ڪڏهن هنکي ٽاٽي ۾ ڏسبو آهي ته ڪڏهن
ڪنهن رستي جي ڪنڊ تي ته ڪڏهن گهڻن رستن جي
ميلاپ واريءَ جاءِ تي. وقتي هنکي چورن، لٽيرن ۽
بدمعاشن جي پٺيان ڊوڙڻو پوندو آهي ۽ ڪيس وڳوڙي
ٽولن کي چڙو ڪرڻو پوندو آهي يا انهن کي
ضابطي هيٺ آڻڻو پوندو اٿس. ڪٿي به سرڪس نڪري
يا هڙتال ٿئي يا دنگو فساد ٿئي ته هنکي هڪدم اُتي
حاضر رهي ڪيس انتظام رکڻو آهي. حادثي يا خون يا
چوريءَ جي حالت ۾ هنکي واردات تي وڃي ڪيس
انجي چڱيءَ طرح تپاس ڪرڻي آهي. هنکي هرڪو ڪم
ڦڙتائيءَ ۽ خبرداريءَ سان ڪرڻو آهي. ڪنهن به ضروري
ڳالهه جو عمل هنکي بنا دير ڪرڻو آهي.

جهيڙن ۽ تڪرارن، لڙاين ۽ لڇاين کي روڪڻ لاءِ ۽
انتظام رکڻ لاءِ هنکي سئنيما، بئنڪ، اسٽيشن ۽ ڪنهن
نڪرندڙ سرڪس ۾ حاضر رهڻو پوندو آهي.

هنکي رستي تي هلندڙ گاڏين، موٽرن ۽ سائيڪلن
وغيره کي باقاعدي هلائڻو پوندو آهي جئن ڪو به
حادثو نه ٿئي. هنکي رات جو پهرو ڏيڻو پوندو آهي.
هنکي، هر وقت ماڻهن کي بدمعاشن ۽ داداگيرن کان
بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي. هنجي حياتي
جوکم واري آهي. وڏن فسادن ۽ گوڙن بکيڙن ۾ هنکي
پنهنجي حياتيءَ وڃائڻ جو انديشو رهندو آهي. هنکي

گناهن جي تلاش ۾ ڪافي پاڻ پتوڙڻو پوندو آهي.

هن جو ڪم آهي گناهن کي بند ڪرڻ، پر ڏاهن ۽ هو پاڻ گناه ڪندو رهندو آهي. هو پيسا ڪائي جوئارين، بدمعاشن ۽ شرابخورن جي ڪڌن ڪمن تي چشمپوشي ڪندو آهي. هو ماڻهن مان پيسا ڪائي کين اجوڳو فائدو ڏيندو آهي. هو گهوڙن ۽ لارين ڦيرائيندڙن کي ڏاڍو حيران ڪندو آهي. هو، کين پڪڙڻ جي ڌمڪي ڏيئي، ڪانئن ٿورا پئسا ڪڍي، ڇڏي ڏيندو اٿن.

پوليس وارو گهڻو پڙهيل هوندو آهي جنهنڪري سندس پگهار ٿوري هوندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هو پيسي ڪمائڻ لاءِ ڪڌا رستا اختيار ڪندو آهي

هو هڪ ڪارائتو شهراداري آهي. هن ڪانسواءِ جتي ڪٿي جيڪر اشانتي، شور ۽ شرارت مچي وڃي.

٦٣- ٽپالي

ٽپاليءَ کي هرڪو سڃاڻي. هو خاڪي ڪپڙا پائيندو آهي ۽ خاڪي ٿيلهي پنهنجي ڪلهي تان لٽڪائي هلندو آهي.

هو صبح جو ساجهر اٿي، مقرر وقت تي ڊاڪ-گهر (پوسٽ آفيس) ۾ ويندو آهي. جيڪا ٽپال ٻين پاسن

ڪان ايندي آهي تنهن تي ٽپال آفيس جو سڪو هڻندو آهي. پوءِ ان ٽپال کي ڇانٽيندو آهي ۽ اها ٽپال پاڙن، رستن ۽ گهٽين موجب ٿاهي رکندو آهي. پوءِ هو رجسٽرڊ پارسل، مني آرڊر ۽ وڏا لفافا وغيره پنهنجي ٿيلهيءَ ۾ وجهي، هٿ وسيلي ٽپال پنهنجي هٿ ۾ رکي، ورهائڻ لاءِ نڪرندو آهي. هن کي گرميءَ توڙي ٿڌ، مينهن توڙي واچ ۾ هي ڪم ڪرڻو ٿي آهي. هن کي نه رڳو رستن تي يا گهٽين مان ٽپال ورهائڻ لاءِ هلڻو پوندو آهي پر وڏن مڪانن ۾ ڪيس هيٺ مٿي لهه چڙهه به ڪرڻي پوندي آهي. هن جي حياتي تڪليف واري آهي. هو ٽپال ورهائي پنهنجي گهر ڏانهن ويندو آهي ۽ پوءِ رسوئي ڪائي، ٿورو آرام ڪري، ٽپال جي ٻيءَ ورهپ لاءِ وري ڪيس ٽپال آفيس ۾ وڃڻو پوندو آهي. هن کي ڏين مان ٽپال کڻي، ٽپال آفيس ۾ ڪٺي وڃڻ جو به ڪم ڪرڻو پوندو آهي. هو ڏين مان نڪتل خطن يا پارسلن وغيره تي ٽپال آفيس جو سڪو هڻي ڪين ڇانٽيندو آهي ۽ پوءِ انهن خطن، پارسلن وغيره کي ٿيلهين ۾ وجهي، ڪين سيل ڪري ٻاهر موڪلڻ لاءِ تيار رکندو آهي.

ٽپاليءَ جي اچڻ جي وقت جو هر ڪو انتظار ڪندو آهي. هو ڪن کي خوشيءَ جون خبرون آڻي ڏيندو ته ڪن کي ڏک جون. هن جو ڪم سادو پر تڪليف

ڀريو آهي. سنڌس جيون ۾ نه آهي مزو نه موج.

نيپاليءَ جي پگهار پوري پني آهي پر تڏهن به هو
ڪنهن ڪان خرچي گهري ڪونه وٺندو آهي. ڏياريءَ
جي موقعي تي ماڻهو ڪيس خوشيءَ وچان بخشيش ڏيندا
آهن. نيپالي جنتا جو هڪ ڪارائتو شيوادار آهي.

—⁂—

٦٤- ڊاڪٽر

ڊاڪٽر جي حياتي قولن ڇانئين سيج ناهي. ٻاهرئين
نموني ته هو خوب ناڻو ڪمائي ٿو، بنگلن ۾ رهي ٿو،
ڪم ڪرڻ لاءِ نوڪر رکي ٿو، موٽرڪار ۾ گهمي ٿو، اوچا
طعام کائي ٿو ۽ عمدا ڪپڙا پهري ٿو؛ پر سچ پڇ ڊاڪٽر
جي حياتي ڪٺن ۽ وڏيءَ جوابداريءَ واري آهي.
ڊاڪٽر کي ڪڏهن به پورو آرام نٿو ملي. هو ڪڏهن
به ان خواهش سان آرام نه ڪندو آهي ته هو ٻنا وگهن
جي پوريءَ طرح آرام ڪري اٿندو. ڪڏهن ڪڏهن
اڃا اک ئي مس لائيندو آهي ته ڪنهن سخت بيمار
جو ماڻهو ڪوٺڻ ايندو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس
گهريءَ ننڊ مان بيمار جي گهر وڃڻ لاءِ اُٿاريو ويندو
آهي. مطلب ته سنڌس جيون ۾ اهڙا انيڪ موقعا اچن
ٿا، جڏهن ڪيس ننڊ ڦٽائڙي يا اڌ رونيءَ مان اُٿي نازڪ
حالت واري بيمار وٽ وڃڻو پوي ٿو. مينهن، واچ، گرميءَ

۽ اُن ۾ به ضروري حالتن هيٺ، ڪيس بيمارن يا خوفناڪ حادثي هيٺ آيل انسانن کي ڏسڻ لاءِ ويٺو آهي. ڊاڪٽر عام طرح مريضن جي مرض متاثر ۽ انسانن کي موت کان بچائڻ لاءِ ڪامياب ويٺو. هو ان ڪاميابيءَ کي پنهنجي محنت ۽ چاڪريءَ جو حاصل ڪيل انعام سمجهي ٿو.

عام طرح هر ڪنهن ڊاڪٽر جا هيٺيان اصول هئڻ گهرجن: مريضن جو مرض متاثر ۽ انهن کي هر ڪا مدد ڪرڻ. هنن سان پيار پرٿي نموني ڳالهائڻ. هنن کي آٿت ڏيڻ ۽ انهن سان همدردي ڏيکارڻ. هنن کان دوا لاءِ واجبي پيسو وٺڻ. مسڪين مريضن جو مفت علاج ڪرڻ. دواخاني ۾ وقت سر اچي بيمارن کي چڱيءَ طرح چڪاسڻ ۽ ڪين گهربل دوا ڏيڻ. نازڪ حالت وارن مريضن وٽ بنا دير وڃڻ. مگر ڪي ڊاڪٽر آهن جيڪي مٿي ڏنل اصولن مان ڪن جو پنگ ڪندا آهن.

اڄڪلهه دوائن ۽ جراحت ۾ جيڪا تڪڙي ترقي ٿي رهي آهي تنهن کان ڊاڪٽر کي واقف رهڻ گهرجي ۽ ڪيس هر مريض کي پنهنجيءَ قابليت ۽ چاڻ جو پورو لاڀ ڏيڻ گهرجي.

٦٥- ريلوي حمال (ڪولي)

ريلوي حمال کي هرڪو سڃاڻي. هو سفيد ڌوتي، لعل قميص ۽ لعل پٽڪو پهريندو آهي. هنجي قميص مٿان ٻلو لڳل هوندو آهي جنهن مان خبر پوندي آهي ته هو ريلوي جو ڪولي آهي.

هو بدن جو جانٺو هوندو آهي. هو وزندار شيون جهڙوڪ: پيٽيون ۽ بسترا پنهنجي مٿي تي کڻندو آهي ۽ ننڍيون ۽ هلڪيون شيون پنهنجي هٿن ۾ کڻندو آهي.

ريلوي گاڏيءَ جي اچڻ کان اڳ ڪي ڪولي پليٽفارم تي ٻيٺا يا پٽ مٿان ليٽيل نظر ايندا آهن، ڪي پليٽفارم تي گهمندا نظر ايندا آهن ۽ ڪي گاڏيءَ ۾ ويندڙ مسافرن جو سامان رکشائن، موٽرن وغيره تان لاهي پليٽفارم تي کڻي ويندا نظر ايندا آهن. ڪي ٻيڙي پيئندا ۽ ڪي هڪٻئي سان ڳالهيون ڪندا نظر ايندا آهن.

جڏهن گاڏي اچڻ واري هوندي آهي، تڏهن هو پليٽفارم تي پنهنجيءَ سهوليت سان هڪ جاءِ هٿ ڪري ويهي رهندو آهي. جڏهن گاڏي پليٽفارم تي ايندي آهي تڏهن هو پنهنجي سامهون بيٺل گاڏي ۾، سامان هيٺ لاهڻ يا انکي پليٽفارم کان ٻاهر کڻي وڃڻ لاءِ گهڙي ويندو آهي. هنکي ڪڏهن ڀاري بوجهي

سان پل اورانگهٽي پوندي آهي.

پليٽفارم تي حمال اسانکي هر ڪنهن قسم جي گهربل مدد ڪندو آهي. هو اسانجو سامان گاڏيءَ ۾ چاڙهيندو ۽ ان مان هيٺ لاهيندو آهي يا اهو پليٽفارم کان ٻاهر ڪيڏي رڪشائن يا موٽرن وغيره ۾ رکندو آهي. هو اسانکي گاڏيءَ جي اندر ويهڻ يا سمهڻ جي جاءِ وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

هنجي مزوريءَ جو اگهه مقرر ٿيل آهي، تڏهن به هو اڪثر ڦڏو ڪري وڌيڪ مزوري وٺندو آهي. خاص ڪري شادين جي موقعن تي هو وڌيڪ مزوري وٺندو آهي.

هنجي حياتي ڪٺن آهي. هو ڳورا بار کڻي ٿڪجي پوندو آهي پر تڏهن به پنهنجي ۽ پنهنجي پروار جي پالنا لاءِ کيس ائين ڪرڻو پوندو آهي. هو صبح کان رات تائين پورهيو ڪندو آهي. هنکي پورهئي کانسواءِ ڇوٽڪو ڪونهي.

٦٦- اسپتال جي نرس جي جيون ۾ هڪ ڏينهن

جو انسان اسپتال ۾ ويو هوندو تنهن نرس ضرور ڏٺي هوندي. هوءَ سفيد يونيفارم ۾ ڦڙتائيءَ سان گهمندي نظر ايندي آهي. هنکي نه رڳو سفيد

فراڪ پيل هوندو آهي پر هنجي ٽوپي، جوراب ۽ بوٽ به سفيد هوندا آهن.

هوءَ صبح جو ساجهر اُٿندي آهي ۽ اسپتال ۾ وڃڻ لاءِ تڪڙي تياري ڪندي آهي. هوءَ ناشتو ڪري گهربل سامان جي بئگ کڻي اسپتال ڏانهن رواني ٿيندي آهي.

اسپتال ۾ پهچڻ سان هوءَ ڊريسنگ روم ۾ وڃي پنهنجا خانگي ڪپڙا بدلائي، سفيد يونيفارم پائيندي آهي ۽ پوءِ وڃي پنهنجيءَ ڊيوٽيءَ تي چڙهندي آهي. هوءَ بنا دير جي پنهنجي وارڊ ۾ چڪر ڏيڻ شروع ڪندي آهي ۽ جيڪي بيمار هن جي سنڀال هيٺ هوندا آهن، تن مان هرهڪ کي چڪاسڻ شروع ڪندي آهي. هوءَ واري سر هرهڪ بيمار جي نبض ۽ ٽيمپريچر ڏسندي آهي ۽ سندس بستري جي پرسان رکيل چارٽ پريندي آهي. هوءَ پوءِ هنکي دوا ڏيندي آهي ۽ جيڪڏهن سڀئي هٿٺي هوندي اٿس ته هنکي سڀئي هٽندي آهي. هوءَ زخمي انسانن جي ڦٽن جي ملم پٽي ڪندي آهي ۽ انهن جون شڪايتون به ٻڌندي آهي.

هوءَ گهڻو ڪري سمورو وقت پيرن پر ڪڙي هوندي آهي ۽ کيس آرام ڪرڻ يا ساهه پٽڻ جو وجهه به مشڪل ملندو آهي.

هنجو سياءُ تڏو هوندو آهي. صبر، ڪلمڪائي، سانت

۽ همدردي هنجون خاص خوبيون هونديون آهن. هنڪي وقتي شوخ طبع ڊاڪٽرن ۽ ڪهري سپاهي وارن مريضن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. هوءَ ڌمڪجي نه وينديي آهي. هوءَ صبر سان ماٺ ۾ پنهنجي فرض ادائي ڪندي رهندي آهي. هوءَ پنهنجن آفيسرن سان ادب ۽ عزت سان هلندي آهي. هوءَ بيمارن جي مائٽن سان به سٺو ورتاءُ ڪندي آهي ۽ کين ڌيان ۽ صبر سان ٻڌندي آهي. هوءَ مريضن سان منهن تي مرڪ آڻي ڳالهائيندي آهي ۽ کين هر وقت آٿت ڏيندي رهندي آهي. مريضن جي نازڪ حالت ڏسي، هوءَ هڪدم ڊاڪٽر يا سول سرجن کي ڪوٺي ايندي آهي.

شام جو جڏهن سندس ڊيوٽي پوري ٿيندي آهي تڏهن هوءَ يونيفارم مٽائي، خانگي ڪپڙا پائي، پنهنجي گهر ڏانهن موٽندي آهي.

٦٧- هاريءَ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن

هاري هڪ مسڪين ۽ محنتي انسان آهي. هو هميشه سادا ڪپڙا پهريندو آهي.

هاري صبح جو سويل اٿندو آهي. هو ضروري حاجت لاهي نيرن ڪندو آهي. هو پوءِ زمين ۾ ڪم ايندڙ اوزار ساڻ کڻي زمين تي ويندو آهي. ضرورت پوندي

انُس تہ ڏاندن جو جوڙو بہ اوڏانھن ڪاھي ويندو آھي.

ھو منجھند تائين پنھنجيءَ ٻنيءَ ۾ سخت ڪم ڪندو آھي. منجھند ٽاڻي، سندس زال سندس کائڻ لاءِ گھران ڪاڌو کڻي ايندي آھي. ھو پوءِ ڪم بند ڪري، ڪنھن وڻ جي ڇانوَ ھيٺ، ھٿ منھن ڌوئي ماني کائڻ لاءِ ويھندو آھي. ھو ماني کائي پٽ تي ٿي ليٽي پوندو آھي. جڏھن آرام ڪري اٿندو آھي تڏھن وري زمين جي اندر ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آھي. سندس زال بہ کيس ڪم ڪرائڻ ۾ مدد ڪندي آھي.

سج لٿي جو ھو پنھنجي گھر ڏانھن واپس ايندو آھي. ھو سنان ڪري پنھنجو سرير صاف ۽ تازو توانو ڪندو آھي. ھو پوءِ چانھہ ۽ بيڙي پي پاٺ ڪي قرت ڪندو آھي. ھنڪانپوءِ ھو گھر کان ٻاھر وڃي پاڻ وندرائيندو آھي. ھو ڪٿي ويھي پنھنجن يارن ۽ عزيزن سان ٽڙو ٽڪاءُ ھڻندو آھي ۽ انھن سان اوپاريون لھواريون ڳالھيون ڪندو آھي.

رات جو ھو گھر موٽندو آھي. ھنوقت ھنجي رات جي رسوئي تيار ھوندي آھي. ھو اھا رسوئي پنھنجن ٻارن ۽ زال سان گڏجي کائيندو آھي. ھن کانپوءِ ھو پنھنجن ٻارن سان ڳالھيون ٻولھيون ڪري پنھنجي دل وندرائيندو آھي. ڏينھن جو سخت پورھئي سبب

هو تڪاوٽ محسوس ڪندو آهي، جنهنڪري رات جو هنڪي گهري ننڊ ورني ويندي آهي.

٦٨- جوان (يا سپاهيءَ) جي جيون ۾ هڪ ڏينهن

جوان هميشه بدن جو مضبوط ۽ قوت ڀريو آهي.

جوان هر روز اسر جو ننڊ مان اٿندو آهي. هو ضروري هاج لاهي، پنهنجي ڊيوٽيءَ جي تياري ڪندو آهي. هو پنهنجي بندوق صاف ڪندو آهي ۽ اُنکي تيل وغيره ڏيندو آهي. هو پنهنجو بوٽ پالش ڪري چلڪائيندو آهي. هنڪانپوءِ هو يونيفارم پائيندو آهي ۽ ڇانهن ڀي قواعد جي ميدان تي ويندو آهي. هنڪي اُتي بنا ڪنهن غلطيءَ جي چستيءَ ۽ ڦرتيءَ سان قواعد ڪرڻو پوندو آهي. قواعد ڪرڻ کانپوءِ هو موٽي پنهنجي روم ۾ ايندو آهي. هو پوءِ سنان پاڻي ڪري پاڻکي تازو توانو ڪندو آهي. هو پوءِ ڪئنٽين ۾ وڃي ناشتو ڪندو آهي. هنڪانپوءِ سندس ڊيوٽي شروع ٿيندي آهي. هنڪي پنهنجي بالا آفيسر جي هدايت موجب ڪم ڪرڻو پوندو آهي.

منجهند جو رسوئي کائڻ لاءِ هو ڪئنٽين ۾ ويندو آهي. هن کانپوءِ هو ٿورو آرام ڪندو آهي ۽ وري

پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويندو آهي.

سانجهيءَ جو هو ڪم کان آزاد ٿي پنهنجي ڪمري ۾ ايندو آهي. هو پوءِ يونيفارم مٽائي رواجي ڪپڙا پائيندو آهي ۽ ٿوري ساهي پٽي، راندين جي ميدان تي راندين ڪرڻ لاءِ ويندو آهي. ڪلاڪ کن راند ڪري هو موٽي پنهنجي روم ۾ ايندو آهي. هو پوءِ هٿ منهن ڌوئي ڪئنٽين ۾ رات جي روٽي کائڻ ويندو آهي. هن کانپوءِ هو ٿورو گهمي گهتي، اخبار يا ڪنهن قصي جي پڙهڻ ۾ لڳي ويندو آهي. جڏهن پڙهي ٿڪبو آهي تڏهن بستري تي ليٽي پوندو آهي ۽ ڪيس سنت ننڊ ڪٽي ويندي آهي.

٦٩- ڌوٻيءَ جي جيون ۾ هڪ ڏينهن

ڌوٻي پاڻ جو اٿندو آهي. هو ضروري ڪاج لاهي، چانهه پيئندو آهي. هن کانپوءِ هو رات جو ڪنب تي چاڙهيل ڪپڙا گڏهه تي رکي انهن کي گهاٽ تي ڌوئڻ ويندو آهي. هو اهي ڪپڙا نهر يا نديءَ يا بند يا تلاءَ تي ڌوئڻ ويندو آهي. ميل ڪڍڻ لاءِ هو اهي ڪپڙا ڦرهي تي زور سان سٽيندو آهي. پوءِ اهي ڪپڙا پاڻيءَ ۾ ڇاڇولي، نچوڙي، رسيءَ تي يا نديءَ جي واريءَ تي يا ڪنهن گاهه سان ڇانيل زمين تي

سڪڻا وڃهندو آهي. منجهند ڌاري جڏهن ڪپڙا
ڌوپي ۽ سڪي لهندا اٿس تڏهن هو اهي ڪپڙا گڏه
تي رکي، پنهنجي گهر ڏانهن موٽندو آهي. هو پوءِ
پنهنجو ڪاڄ ڪائي ٿورو آرام ڪندو آهي. هنڪانپوءِ هو
ڪپڙن تي وڌل نشانين دوارا گهر گهر جا ڌوتل ڪپڙا
الڳ ڪندو آهي ۽ انهن تي پاڻي ڇنڊڪاري، اهي
ماٺي رکندو آهي. ٿوري وقت ڪانپوءِ هو انهن ڪپڙن
کي استري ڪرڻ شروع ڪندو آهي ۽ پوءِ هڪ استري
ڪيل ڪپڙو سنئين طرح ٻئي استري ٿيل ڪپڙي جي
مٿان رکي ٿهي ڪندو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن به
گراهڪ جا سمورا ڪپڙا استري ٿي چڪندا اٿس تڏهن
هو اهڙا ڪپڙن جي ٿهي ڪڍي ڪنهن تختي تي يا
ڪپٽ ۾ وجهي رکندو آهي. اهڙيءَ طرح هو ٻين گهرن
جا ڪپڙا به استري ڪري رکندو آهي. ان ڏينهن تي،
جنهنکي، ڪيس ڌوتل ڪپڙا ڏيڻا هوندا آهن، تنهنکي
گهر ڏيڻ ويندو آهي ۽ ان گهر جي ڀاتين جا ٿيل ميرا
ڪپڙا پاڻ سان پنهنجي گهر کڻي ايندو آهي. هن ڪانپوءِ
هڪ گهر جا ڪپڙا ٻئي گهر جي ڪپڙن سان گڏجي
نه وڃن تنهن لاءِ هو هرهڪ گهر جي ڪپڙن تي الڳ
الڳ نشاني وجهندو آهي. هنڪانپوءِ هو هرهڪ ميري
ڪپڙي کي صابڻ جي چٽ هڻي هڪ هنڌ رکندو
ويندو آهي. جڏهن سڀني ڪپڙن کي صابڻ هڻي پورو

ڪندو آهي تڏهن هو اهي ڪپڙا ٻنيءَ تي رکيل هڪ وڏي ٻيپ ۾ وجهندو آهي جنهن ۾ ڪپڙن مان ميل ڪڍڻ جا مصالحا پيل هوندا آهن. هو انهن ڪپڙن کي ٻيپ جي اندر چڱو وقت ٻاڦ ڏيندو آهي. ان وچ ۾ هو هٿ منهن ڌوئي، رات جي روٽي کائيندو آهي. هنڪانپوءِ هو سمهي رهندو آهي ۽ وري ٻئي ڏينهن تي ٻنيءَ تي ٻاڦيل ڪپڙا کڻي ٽڙ تي ويندو آهي.

٧٠- موچيءَ جي جيون ۾ هڪ ڏينهن

موچي صبح جو اُٿندو آهي ۽ پنهنجي آجيوڪا جي ڪمائڻ لاءِ تياري ڪندو آهي. هوُ ناشتو ڪري، پنهنجي سامان جي پيٽي کڻي گهر کان ٻاهر نڪرندو آهي ۽ پنهنجيءَ هميشه واريءَ جاءِ تي وڃي اها پيٽي رکندو آهي. سندس جاءِ (بينڪ) ڪنهن وڻ جي ڇانوَ هيٺان يا ڪنهن ٻيءَ ڇانوَ واريءَ جاءِ تي هوندي آهي. هو ڪڏهن ڇٽي ڪوڙي انجي هيٺان ڪم ڪندو آهي.

هو ٻهرايائين پنهنجي ڌنڌي واري جاءِ کي ٻهاريءَ سان صاف ڪندو آهي ۽ پوءِ اُن تي ٿورو پاڻي ڇنڪاريندو آهي. هنڪانپوءِ هو پنهنجيءَ پيٽيءَ مان اوزار، چمڙو ۽ پالش وغيره جو سامان ٻاهر ڪڍي، اُنکي

سٺي نموني ٺاهي رکندو آهي. هو پنهنجي ڌاڳي کي ميڻ لڳائي ڪيس مضبوط ۽ نرم بڻائي رکي ڇڏيندو آهي.

هو سڀ ڪجهه ٺائينڪو ڪري رکندو آهي ۽ پوءِ ستت ئي هنجي گراهڪي شروع ٿيندي آهي. ڪنهن جي ڦاٽل چمپل کي ٽاڪو ڏيندو ته ڪنهن جي بوٽ کي ڪوڪا يا نعل هڻندو، ڪنهن بوٽ جو ترو بدلائي نئون وجهندو ته ڪنهن بوٽ جا ٻاهر نڪتل ڪوڪا اندر ٺوڪيندو. هو بوٽن جي پالش به سٺيءَ طرح ڪندو آهي.

موچي پنهنجي ڪم ۾ قابل هوندو آهي. هو بوٽن، بئگن، چٺين ۽ ٻين چمڙي جي ٺهيل شين جي چڱيءَ طرح مرامت ڪري ڄاڻي. هو منجهند تائين هڪ ٻه ڀيرو چانهه پي پاڻ کي قوت ڪندو آهي. منجهند جي وقت هنجو ڪم گهڻو گهٽيل هوندو آهي. هنڪي انوقت آرام ڪرڻ جو موقعو به ملي ويندو آهي. ٽيپهريءَ کانپوءِ وري هنجو ڪم شروع ٿيندو آهي ۽ سانجهيءَ تائين پنهنجو ڪم ڪندو رهندو آهي. هو پوءِ پنهنجو سامان سهيڙي، پيٽيءَ ۾ بند ڪندو آهي ۽ پوءِ اها پيٽي کڻي گهر روانو ٿيندو آهي. هنڪانپوءِ هو هٿ منهن ڌوئي رات جي رسوئي کائيندو آهي. رسوئيءَ کائڻ کانپوءِ هو ٿورو چڪر لڳائي وڃي آرامي ٿيندو آهي.

٧١- اسڪول جي پٽيوالي جي جيون ۾ هڪ ڏينهن

اسڪول جو پٽيوالو صبح جو سوير اٿندو آهي. هو ڏندڻ پاڻي ڪري اسڪول ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪندو آهي. هو چانهه پي اسڪول ويندو آهي. هو اسڪول جون چابيون ساڻ کڻي ويندو آهي ۽ هيڊ ماستر جي آفيس، ڪلارڪ جي آفيس، ماسترن جو ڪنب (ڪمرو) ۽ سڀ ڪلاس کولي انهن جي ٻهاري پائيندو آهي. ٻهاري پائي، هو ڪرسيون، ميزون ۽ بينچون وغيره ڪپڙي سان ڇنڊيندو آهي. هنڪانپوءِ هو اسڪول جو پاڻي ڀريندو آهي. مطلب ته هو اسڪول جو ڪم ڪار لاهي پنهنجي گهر واپس ضرور ويندو آهي. هو گهر ۾ سنان پاڻي ڪري، ٽيرن کائي، وري اسڪول ويندو آهي.

اسڪول جي وقت ٿيڻ تي، هو پرارٿنا جو گهنڊ وڄائيندو آهي. تنهن کانپوءِ به، هر پيرڊ جي پوري ٿيڻ تي، هو گهنڊ جا ڏڪ هڻي، ماسترن ۽ شاگردن کي پيرڊ پوري ٿيڻ جو اطلاع ڏيندو آهي. چالو اسڪول جي وقت، هو گهڻو ڪري هيڊ ماستر ۽ ڪلارڪ جي آفيس جو ڪم ڪندو آهي. رسيس جي وقت هو هيڊ ماستر ۽ ماسترن وغيره کي پاڻي پيئاريندو آهي.

هو اسڪول ۾ ٻيا ٻه ڪيترا ئي ڪم ڪندو آهي.
هو ڪلاسن ۾ ماسترن کي چاڪ ڏيندو آهي. هو اسڪول
۾ هيڊ ماستر جا نڪتل نوٽيس ڦيرائيندو آهي ۽ اسڪول
جي ٽپال آڻيندو ۽ کڻي ويندو آهي. هو پيسن ڪيرائڻ
يا بل مٽائڻ لاءِ خزاني آفيس ۽ بئنڪن ۾ ويندو آهي.
هو پريوگ شالا ۾ سائنس ماستر کي به مدد ڪندو آهي.
شام جو جڏهن اسڪول بند ٿيندو آهي، تڏهن هو
ڪلاسن جا دروازا بند ڪري، انهن کي تالا لڳائي،
ڪنجيون پاڻ سان گهر کڻي ويندو آهي.

٧٣ - هڪ ڪلاڪ بزار جي اندر

ڪنهن آرتوار تي شام جي وقت موڪي بزار ۾ خريداري
جي لاءِ وڃڻو پيو. بزار ۾ گهڻا گهڻ، لڳي پيئي هئي. اهڙو
ڪو به دڪان نه سجهي جنهن تي گراهڪ نه هو. هر ڪو
دڪاندار پنهنجي ڌنڌي جي ڌن ۾ هو.
پهريائين مان ڪپڙي جي دڪان وٽان لنگهيس.
واه جو دڪان ڪپڙي جي قسمين قسمين ذاتين سان
سينگاريل هو! ساڙهين جا نمونا هئا اهڙا، ڳڻي نه
سگهجن ايترا. هر قسم جو سوٽي، اوني ۽ ريشمي ڪپڙو
موجود هو. مان ٿورو اڳتي ويس. هڪ حرفت باز زال ڪپڙو
ڏسندي، هڪ ٽڪر ٽڪائي پنهنجيءَ ٿيلهيءَ ۾ وجهي

ڇڏيو. تنهن کانپوءِ ڪٽلريءَ جو دڪان آيو. دڪان ۾
انيڪ پرڪارن جون شيون سجاوٽ ۽ صفائيءَ سان
رکيل هيون. اُتي گراهڪن جي ڀيڙ لڳي پيئي هئي.
مون کي بہ وجهہ مليو ويو سو هڪ سٺو چاڪو ڪٽي
پنهنجي کيسي ۾ وڌم ۽ هليس اڳتي. پوءِ ڪنگڻين جو
دڪان آيو. اُن دڪان تي زالن جو ميلو متو پيو هو.
اُتي هڪ ڪاليجي ڇوڪري چوڙيون پارائڻ آئي
هئي دڪاندار ان نوجوان ڇوڪريءَ جو هٿ پنهنجي
هٿ ۾ پڪڙي ڪيس مزي سان چوڙيون پائي رهيو
هو. ڇوڪريءَ جي منهن تي مرڪ هئي ۽ دڪاندار
جي دل ۾ ڪتڪتائي. هنکانپوءِ ميوي جو دڪان آيو.
اهو طرح طرح جي ميون سان سينگاريل هو. انب،
نارنگيون، ڏاڙهون، صوف وغيره ڏسي وات ۾ پاڻي
پئي آيو هنکانپوءِ ٻون ڪيترين اُني شين جا دڪان ڏٺا
جتان ماڻهو دل کولي خريداري ڪري رهيا هئا.
هڪڙي پارسي ڇوڪري، فوٽ پاٿ تان خريداري
ڪرڻ لاءِ تڪڙي وڃي رهي هئي. سندس
پير ترڪي ويو ۽ هوءَ وڃي اڳيان ويندڙ نوجوان ڇوڪر
جي مٿان پيئي. ٻئي گڏجي ڪريا. ڪاوڙ ڪنهن کي
ڪانہ آئي. ٻئي اُتي هڪٻئي کي ڏسي مشڪيا.

زالون توڙي مرد سنا ويس ڪري خريداريءَ لاءِ
نڪتا هئا تنهنڪري بزار جو نظارو وڻندڙ هو. منهنجو
هڪ ڪلاڪ چڱيءَ وندر ۾ نبري ويو.

٧٣- هڪ ڪلاڪ ريلوي پليٽفارم تي

رات جو سؤراشٽر ميل ۾ منهنجي ڀاءُ کي بمبئيءَ وڃڻو هو. مان ڪيس اسٽيشن تي اُماڻڻ ويو هوس. گاڏيءَ جي اچڻ ۾ باقي اڌ ڪلاڪ هو.

مان ٽڪيٽون وٺي پليٽفارم تي ويس. واه جو اُتي موج متل هئي! ميوي ۽ رانديڪن جون لاريون اهڙي ته سٺي نموني سينگاريل هيون جو ماڻهن جي خريداريءَ لاءِ پاڻمرادو دل پئي ٿي. چوانڻي ۽ چانهه ۽ پان بيڙيءَ جي لارين تي ماڻهن جي پيهه لڳل هئي. ڪتابن جو اسٽال نهايت وڻندڙ هو. اُتي انيڪ ڪتاب، اخبارون ۽ مخزنون وڪري لاءِ موجود هيون. پليٽفارم تي ماڻهن جي خوب اچ وڃ هئي. انهن جي رنگين ۽ الڳ الڳ ذات جي ڪپڙن پليٽفارم تي واه جا رونق لڳائي هئي!

گهنٽي وڳي. ريل گاڏي پليٽفارم تي ايندي نظر آئي. ماڻهن ۾ چستي اچي وئي. سڄي پليٽفارم تي چرپر مچي وئي، گويا ان ۾ نئين جان آئي هئي. ڪُلين ۾ ڊڪ ڊوڙ شروع ٿي. ويندڙ ماڻهو گاڏن طرف ڌوڪي پيا. پنهنجو سامان ته ڪٿان اندر اُڇلائي ۽ پاڻ به درن ۽ درين کان اندر گهڙي پيا. منهنجو ڀاءُ به هڪ گاڏيءَ ۾ چڙهي پيو. گاڏيءَ مان لٿل مسافر پليٽفارم

کان ٻاهر وڃڻ لڳا. ٽڪيٽ ڪليڪٽر وٽ اللاهي مسافر وڃي گڏ ٿيا. هو ٽڪيٽون وٺي ٿڪجي پيو. لارين وارن وٽ خريدارن جي ڏم مچي وئي. ڳاڏيءَ بيهڻ واريءَ جاءِ تي تمام جهجها ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. ٽپال وارا ٽپال گاڏي ۾ ٽپال جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. ڪُولِي سامان جي گاڏي مان ڪو مال لاهي رهيا هئا ته ڪو اندر چاڙهي رهيا هئا. چانهه، ليمن سوڊا وڪڻندڙن پليٽفارم تي ڏاڍو چرپٽو مچايو هو.

گاڏيءَ جي ڇٽڻ جو وقت ٿيو. گاڏيءَ ڪوڪ ڪئي. گارڊ سائي جهنڊي ڦڙڪائي. هيٺ بيٺل ماڻهو گاڏن ۾ چڙهڻ لڳا.

آخر گاڏي ڇٽي. ڪي رومالن سان ڪي هٿن جي لوڏ سان الوداع ڪندڙن کان موڪلائڻ لڳا. گاڏي ويندي رهي. پليٽفارم تي آيل ماڻهو پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا. ڏهن منٽن جي اندر، پليٽفارم تي جا ماڻهن موج مچائي هئي سا گم ٿي وئي. مان به پوءِ گهر ڏانهن موٽي ويس.

٧٤- هڪ ڪلاڪ پريوگ شالا جي اندر

اڳئين سال ڏهين درجي ۾ منهنجو ممبئيءَ وڃڻ ٿيو. منهنجو ڀاءُ اتي جئه هند هاءِ اسڪول ۾ سائنس جو

وٺي سيکاريندو هو. هن هڪ آرتوار تي پنهنجي ٻارهين درجي جي شاگردن کي ڪن تجربن ڏيکارڻ لاءِ اسڪول جي پريوگ شالا ۾ گهرايو هو. مان به پنهنجي ڀاءُ سان گڏ جي اوڏانهن ويس.

اسڪول جي پريوگ شالا تمام سٺي نموني سينگاريل هئي. اتي ڪيترو ڪانچ جو سامان ۽ نازڪ ۽ قيمتي اوزار شيشي وارن ڪٻٽن ۾ نهايت سهڻي نموني رکيل هئا. پريوگ شالا جي ڀتين تي ڪيترن ديسي توڙي وديشي سائنسدانن جون فريم ٿيل تصويرون ٽنگيل هيون. پريوگ شالا ۾ وچ تي وڏيون ميزون رکيل هيون جن جي چوڌاري اسٽول پيا هئا. شاگرد ميزن جي چوڌاري اسٽولن تي ويهجي ويا ۽ مان به اتي ويهي رهيس.

منهنجي ڀاءُ پريوگ شالا ۾ ٻه تجربا ڪري ڏيکاريا جن مونکي عجب ۾ وجهي ڇڏيو پر پوءِ انهن جي ڪارڻ سمجهڻ تي اهو عجب دور ٿي ويو.

هن ڀريائين شيشي جي ٿانو اندر رکيل بجلي گهنٽي بٽڻ دٻائي وڄائي ڏيکاري. ان گهنٽيءَ جو آواز بلڪل صاف طرح اسانکي ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هن پوءِ هڪ پمپ وسيلي شيشي جي ٿانو مان سموري هوا ٻاهر ڪڍي. هن وري بٽڻ دٻايو. بجلي گهنٽي وڄندي ٻا چرپر ڪندي نظر آئي پر هوا نڪتل ٿانو مان انجو آواز بلڪل ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو. منهنجي ڀاءُ ٻڌايو ته ”آواز

کي دور کٽي ويندڙ هوا آهي پر جنهن صورت ۾ ٽانڊو مان سموري هوا ٻاهر ڪڍي ويئي آهي تنهن صورت ۾ آواز جو پڌرو بلڪل بند ٿي ويو آهي." هن ڳالهه اسانجا ڪپاٽ ئي کولي ڇڏيا.

هنڪانپوءِ هن، ميز تي ڪرسي رکي، پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪري، هڪ ئي وقت هڪ وڏو بال ۽ هڪ ننڍو بال هيٺ اُڇلايو. اسانجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ٻئي جدا جدا سائيز ۽ وزن جا بال هڪ ئي وقت وڃي پٽ تي ڪريا. هنجي سمجهاڻي ڏيندي منهنجي پاءُ چيو ته، "زمين جي ڪشش جي ڇڪ نهرين شين جي وزن يا سائيز تي مدار نٿي رکي. زمين جي ڪشش جي ڇڪ سڀني شين لاءِ هڪ جيتري آهي."

مطلب ته جيڪو به وقت اسان پريوگ شالا ۾ رهياسين تنهن ۾ اسانکي خوب آنند آيو.

٧٥- دواخاني جي ملاقات

هڪ ڀيري منهنجو ڏهون درجو پڙهندڙ دوست اسڪول وڃي رهيو هو ته واٽ تي موٽر سائيڪل سان ٽڪرجي ڪري پيو. کيس چڱي چوٽ لڳي جنهنڪري هن کي هڪدم واڙي لعل اسپتال ۾ موڪليو ويو جتي هنکي حادثه- کنڊ ۾ داخل ڪيو ويو.

مونکي هن حادثي جي خبر هڪ دوست مان پيئي. مان ٻنا ڏير جي، هنکي ڏسڻ لاءِ اسپتال ڏانهن ويس. دوست جي ٻانهن اڃي پلستر ۾ بند ڪئي ويئي هئي. ڊاڪٽر کان هن بابت پڇا ڪيم. ڊاڪٽر چيو، ”چنتا ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي. هنکي ٽنگ ۽ مٿي تي هلڪا ڌڪ لڳا آهن ۽ سندس ساڄيءَ ٻانهن جو هڏو پنهنجي جاءِ تان ٽڙڪي ويو آهي. علاج ڪريو نس پيار سائين ڪندو ته هو ٿوري وقت ۾ شفا پائي گهر ويندو.“ هي لفظ ٻڌي مونکي دلجاءِ ٿي. دوست جي ڪنڊ ۾ ڪي بيمار ٺيڪ ٿي رهيا هئا ته ڪن جي حالت نازڪ هئي. منهنجي ويني اُتي هڪ حادثي ۾ آيل اِنسان آندو ويو جنهن جي حالت نراسائي پيدا ڪندڙ هئي. انهن ڪٽي ڇڏجي ته هو ٻوين پساهن تي هو.

مان ٿورو وقت دوست وٽ ويهي، پوءِ ٻين وارڊن جون حالتون ڏسڻ ويس. ڪٿي ڪٿي اهڙا بيمار ڏٺم جيڪي اُتي دک ڀوڳي رهيا هئا ۽ ارڻ سهه پيڙا جي سبب ڪنجهي ڪرڪي رهيا هئا. ڪي اهڙا بيمار ڏٺم جنجي نه رڳن ۾ رت هو ۽ نه سرين ۾ ست هو. ڪي وري شفا پائي گهر وڃڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. ڪي مريض ڏٺم جنکي جڳن قبٽن واريءَ گاڏيءَ ۾ سنهاري جراحت ـ ڪنڊ ۾ وڍ ڪٽ ڪرڻ جي لاءِ

ڪٽي ئي ويا. انهن جي منهن تي مايوسي ۽ ملولائي ڇانيل ڏٺم. ڪي اهڙا به مريض ڏٺم جيڪي بيهوشيءَ جي حالت ۾ جراحت - ڪمري مان ٻاهر آندا ويا هئا.

ڊاڪٽر ڇاتي - چڪاس اوزار ڳچيءَ مان لٽڪائي، مريضن جي وچ ۾ ڦري رهيا هئا ۽ ضرورت سارُو ڪنهن کي چڪاسي رهيا هئا. سفيد يونيفارم پاتل نرسيون ڦڙتائيءَ ۽ هوشياريءَ سان هلي، مريضن جي شيوا ڪري رهيون هيون.

هڪ وارڊ وٽان لنگهيندي مون زالن ۽ مردن کي روئيندو ۽ پٽيندو ڏٺو. پڇڻ تي معلوم ٿيم ته هڪ مريض جي مغز جي رڳ ڦاٽي پيئي هئي جنهنڪري هو گذاري ويو هو. روئيندڙن جون سوز ڀريون صدائون مان سهي ڪو نه سگهيس، جنهنڪري مان جلد ئي اسپتال ڇڏي گهر ڏانهن موٽ ڪاڏم.

٧٦- سرڪس جي ملاقات

ڪجهه وقت اڳ، احمدآباد ۾ ”گريٽ بامبي سرڪس“ نالي هڪ وڏي سرڪس آئي هئي. لاڪڙا پل جي ڀرسان، سابرمتي نديءَ جي پيٽ ۾، سرڪس وارن هڪ شاهي منڊپ لڳايو هو. منڊپ جي اندر، تماشبينن (ڏسندڙن) جي ويهڻ لاءِ وڏي گئلري ٺهيل هئي.

هڪ ڏينهن شام جو مان اها سرڪس ڏسڻ ويس.
ٻري ڪان ٻي بئنڊ جي مڌر آواز دل کي فرحت ٻـي
ڏني. مان ٽڪيٽ وٺي وڃي گئلريءَ تـي ويٺس.
منڊپ جي اندر موج لڳي پيئي هئي. سڄي منڊپ
کي رنگبرنگي بلبن سان سينگاريو ويو هو. منڊپ جي
وچ ۾ سنئين سڌي ۽ صاف زمين چٽيل هـئي جنهن
جي چوڌاري ڪٺڙي جو لوڙهو لڳل هو. منڊپ جي
اندر هرش ۽ انتظاريءَ جو وايو منڊل هو.

مقرر وقت تي گهنٽي وڄي ۽ تماشو شروع ٿيـو.
پهريائين هڪ پهلوان آيو جيڪو سائيڪل تي ڪيترين
بازيون ڪرڻ لڳو. هڪ ڇوڪري هڪ ڦيٿيءَ سائيڪل
ـي سواري ڪري ڪيئي ڪرتب ڪرڻ لڳي. هنڪانپوءِ
گهوڙن جو کيل شروع ٿيو. هڪڙو غضبناڪ سوار آيو.
هن ڊڪندڙ گهوڙي جي پٺيءَ تـي ڪيئي ڪرتب
ڪري ڏيکاريا. هڪڙو ملنگ مڙس مداريءَ وارا کيل
ڪرڻ لڳو. هو پنج ڇهه بال هڪ ئـي وقت هٿن ۾
ـٽي، هڪ هڪ ڪري هوا ۾ اڇلائڻ لڳو ۽ انهن جي
ـرڻ وقت، هڪ هڪ ڪري هٿن ۾ جهٽڻ لڳو. ائين
ـڪندي هن هڪ بال کي ٻئي سان ٽڪرڻ ڪو نه ڏنو.
ـڪ نوجوان نينگريءَ لوهه جي ٽنگيل تار مٿان سائيڪل
ـلائـڻ سان ڪمال ڪري ڏيڪاريو. هاٿـيءَ پنهنجا
ـارئي پير هڪ ئـي اسٽول تي رکي، ڏسندڙن کي

واڙو ڪري ڇڏيو. هڪ طوطي پنهنجي چهنب سان بندوق ڇوڙي اسانکي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. هڪ ماڻهوءَ توب ڇوڙي ته ان جي اندران هڪ ڇوڪري تيز رفتار سان نڪري وڃي ٽنگيل جار ۾ پيئي. شينهن جا ڪم به وسرڻ جا ناهن. هڪ ماڻهو گهڻيءَ بي‌پرواهيءَ سان شينهن جي مٿان لانگ ورائي ويهي رهيو ۽ خوفناڪ شينهن سانت ڪري ويهي رهيو. شينهن ۽ ٻڪريءَ هڪ ئي ٿالهيءَ مان گڏجي کير پيو. اسانکي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. پينگهه تي لڏي پينگهه - بازن ڪمال جهڙا ڪرتب ڪري ڏيکاريا.

انهن کيلن جي وچ ۾ مسخرا اسانکي خوب وندرائي رهيا هئا. اهي پنهنجن ڪلائندڙ ڳفتن ۽ ڪمن سان ٻالڪ کي خوب خوش ڪري رهيا هئا. نفر (نوڪر) به نڪتو، هوشياريءَ ۽ ڦڙتيءَ سان ڪم ڪري رهيا هئا. اسانکي سرڪس ڏسڻ مان خوب آنند آيو. جڏهن سرڪس پوري ٿي، تڏهن مان ٽئڪسي ڀاڙي ڪري اچي پنهنجي گهر پهتس.

٧٧- ميلي جي ملاقات

ڪلول شهر ۾ مهاشوراتريءَ جو ميلو شاندار نموني لڳندو آهي. هڪ ڀيري مان به سڀڙجي اهو ميلو ڏسڻ

ويس. هي ميلو شو جي مندر جي چوڌاري وڏيءَ
لڳ سان لڳندو آهي.

هن ميلي ۾ اڻ ڳڻيا ماڻهو ويجهن ۽ دور ڳوٺن مان
اچي گڏ ٿيا هئا. ماڻهن جي رنگبرنگي پوشاڪن ميلي
۾ رنگن جي راند رچائي هئي. هتي سڀني ذاتين جا
ماڻهو نظر پئي آيا.

هن ميلي ۾ قسمين قسمين شين جا دڪان کلي ويا
هئا. ڪٽلريءَ جا دڪان، ميوي جا دڪان ۽ پان بيڙيءَ
وغيره جا دڪان. انهن دڪانن تي گهڻو ڪري هر ڪا
چيز موجود هئي. اهي شيون دڪان تي اهڙي تہ
وڻندڙ ۽ دلڪش نموني ٺاهي ٺڪي رکيل هيون جو
انهن جي خريد ڪرڻ لاءِ هر ڪنهن جو من پئي ٿي.
انهن دڪانن جي ڪري ميلي جي رونق وڌيل هئي.
اُتي انيڪ ماڻهو شيون خريد ۽ وڪرو ڪري رهيا هئا
جنهنڪري واپار زور شور سان هلي رهيو هو.

بي انت ماڻهو شو جي مندر ۾ درشن لاءِ وڃي رهيا
هئا. مطلب تہ بيحد شردالو سک ۽ شردا وچان مندر ۾
اچي ڳاهٽ ٿيا هئا.

ميلي ۾ ڪافي موج مستي هئي. ڪي خوشيءَ وچان
کلي رهيا هئا، ڪي هيج مان هنبوشيون هڻي رهيا
هئا تہ ڪي نون قسمن جا ناچ نچي رهيا هئا. مطلب
تہ اُتي هيج ۽ هلاس هو، ونڊر ۽ ولاس هو. سڀني

ماڻھن ۾ چستي ۽ ڦڙتي نظر ٻي آئي. سڀني جي منھن مان خوشي ٻي ٻکي.

اُني ھڪ ٻازيگر نوڙيءَ تي ناچ ڪري جھجھا ماڻھو گڏ ڪيا ھئا. ھڪڙي جادوگر پنھنجي ھٿ جي چالاڪين سان ماڻھن کي عجب ۾ وجھي ڇڏيو. ھن مونکان واچ وٺي حمام ۾ وڌي ۽ پوءِ انکي دستي سان کٽي ڪيس ذرا ذرا ڪري ڇڏيو. منھنجي دل لھي ويئي. منھنجي حيرت جي حد نہ رھي جڏھن ھن جادوءَ جي لڪڙي ڦيري اھا پرزا پرزا ٿيل واچ سڄي ڪري ڏني.

اُتي وندر جا ساڌن بہ موجود ھئا. ڦرڻيءَ ۽ چڪڏول تي ماڻھو چڙھي ٻارڻ وندرائي رھيا ھئا. ھڪ پاسي ڪٺ پتلين جو ناچ ٿي رھيو ھو تہ ٻئي طرف شاھي پيماني تي گرٻو ٿي رھيو ھو. ھڪ رٻاريءَ پنھنجي بين جي سوزناڪ آواز سان ماڻھن کي گھائي ڇڏيو

مان ھن ميلي جي موج ماڻي، ھڪ وڻ ھيٺيان ٽڪ پچرڻ لاءِ ليٽي پيس تانجو سج اچي لھڻ ھارڪو ٿيو. لھندڙ سج جي سرخ ڪرڻن ميلي جي رونق ھيڪاري وڌائي ڇڏي. مان پوءِ سنت ٿي ميلو ڇڏي پنھنجي گھر ڏانھن موٽڻ جو رخ رکيو.

٧٨- جانورخاني جي ملاقات

گذريل آرتوار تي شام جو، مان پنهنجي مهمان کي وٺي، احمدآباد جي جانورخاني ڏانهن ويس. احمدآباد جو جانورخانو ڀارت جي سٺن جانورخانن مان هڪ آهي. هن ۾ انيڪ قسمن جا جانور، پکي ۽ سرندڙ ساهوارا آهن.

مون هن جانورخاني ۾ گهڙنديءَ دريائي گهوڙو ڏٺو جو ان وقت پاڻيءَ جي تلاءَ مان ٻاهر پئي نڪتو. هن کانپوءِ اسان اُٺ پکي ڏٺوسين. هي قد جو اوچو هو ۽ سندس ڳچي اُٺ وانگر مٿي وريل هئي. پوءِ هڪ ننڍو تلاءُ آيو جنهن ۾ هڪ لڌڙو پاڻيءَ اندر تڙڳي رهيو هو. مون هڪ ننڍو پيسو پاڻيءَ اندر اُڇلايو ته هو هڪدم ٽٻي ڏيئي انجي، پٺيان پيو ۽ ٿوري دير جي اهو وات ۾ جهلي ٻاهر کڻي آيو.

هن کانپوءِ پکين جو واڙو آيو. پکين جي شاهي پڃري ۾ انيڪ پرڪارن جا پکي هئا جن مان کي پڃري جي اندر هيڏانهن هوڏانهن اُڏي رهيا هئا، کي وڻ جي ٽارين تي ويٺا هئا ۽ کي پينگهن تي اُڏي رهيا هئا. انهن پکين مان جيڪي مونکي ياد آهن سي هئا: ڪانءَ، ڪٻر، ڪبوتر، جهرڪيون، طوطا، ٻٽيرا، مينا پکي وغيره. انهن پکين جي جدا جدا رنگن ته اسان کي موهي ڇڏيو.

هن ڪانپوءِ هڪ لوڙهو آيو. هن جي اندر هرڻ ٻي گهميا ڦريا. انهن ۾ جيڪي چٽڪمرا هرڻ هئا سي نهايت وڻندڙ هئا. اهي ڀڄڻ جا ڏاڍا تکا هئا. هنڪانپوءِ اسان باندر-گهر ڏٺوسين. هن ۾ باندرن جون گهڻيون ذاتيون هيون. انهن مان ڪيترن کي ته آرام ئي ڪونه هو. اهي ڪڏهن هيٺ پيا ٽپن ته ڪڏهن مٿي. انهن مان ڪي پينگهه تي لوڏا کائي رهيا هئا. هڪ ننڍو بالڪ بيخيالو باندر-گهر جي ڀرسان بيٺو هو. هڪ باندر آيو سو هن جي ٽوپي لاهي اندر ڪٽي ويو ۽ وڃي پنهنجي مٿي تي رکيائين. باندر کي مٿي تي ٽوپي ڏسي اسان کي کل اچي ويئي. هن ڪانپوءِ اسان شينهن جي پڃري وٽان لنگهياسين. واهه جو هي ڀپڪيدار جانور آهي! سندس سرير سٿرو تر، اکيون روشن، ڏند تکا ۽ چنبا چيريندڙ هئا. سچ پچ هي جانور جهنگل جي راڄائيءَ لائق آهي. هنڪانپوءِ اسان چيتو ڏٺوسين جو هڪ وڏيءَ چٽڪمريءَ ٻليءَ وانگر نظر پي آيو. انهن ڪانسواءِ اسان واگهه، بگهڙ، رڇ، هاٿار، سانبر ۽ ٻيا ڪيترا جانور ڏٺا. اسان هڪ هاٿي ڏٺوسين جنهن جي سونڊ ساندهه چرپر ۾ هئي. تنهن ڪانسواءِ اسان پاڻيءَ جا جانور ۽ نانگ بلائون به ڏٺيون. شام جو ستين بجي اسان جانور خانو ڇڏي پنهنجي گهر ڏانهن روانا ٿياسين.

٧٩- (عام خلق جي واسطي کليل) باغ جي ملاقات

اسانجي شهر کان اٽڪل ٻه فرلانگ ٻاهر هڪ ميونسپل جو سندر باغ آهي. انجي ايراضي اٽڪل چار ايڪڙ آهي.

مان شام جو نوڪري ڏيئي موٽيو هوس. دماغي ٿڪاوٽ سان گڏ منهنجو من ٻڻ منجهيل هو. دل کي وندرائڻ ۽ مغز کي تازگي ڏيڻ لاءِ مان ان باغ ڏانهن نڪري ويس. باغ ۾ گهڙڻ سان ئي مونکي فرحت اچڻ لڳي.

هن باغ جي اندر جهجها وڻ ۽ ٻوٽا هئا ۽ انجي زمين گهاٽي قدر ساوڪ سان ڇانيل هئي. مان پاڻيءَ جي فوهارن ڀرسان هڪ بينچ تي وڃي ويٺس. هي واهه جو مزو پئي آيو. هوا جي عساب سان، موٽي انهن فوهارن مان نڪرندڙ پاڻيءَ جون سنهڙيون سنهڙيون ڦينگرون بي پيون جنهنڪري مون پنهنجي سرير ۾ ٿڌڪار پئي محسوس ڪئي. مان پير اگهاڙا ڪري، پيرن هينان سبز ۽ سيتل زمين تي رکي ڇڏيا. ائين ڪرڻ سان مونکي ڏاڍو آنند اچڻ لڳو. تنهن کانسواءِ باغ ۾ ٿڌي، تازي، وڻندڙ ۽ خوشبودار هوا پئي لڳي جنهنڪري منهنجي دماغ جي ٿڪاوٽ لهي ويئي ۽ دل ۾ آنند جون لهرون اُٿڻ لڳيون. ڪجهه وقت لاءِ ته منهنجي

من جي مونجهه مٽجي ويئي.

باغ ۾ انيڪ پرڪارن جا پُشپ هئا جي هوا جي اثر هيٺ نرالو ناچ ڪري، هڪٻئي کي هرکائي رهيا هئا. انهن پشپن جي رنگن باغ جي اندر عجيب راند رچائي هئي. انهن پشپن جي گڏيل سرهاڻ مغز کي نئين قسم جي تازگي ۽ توانائي پئي بخشي. ڪن گلن مان ماکيءَ جي مک رس چوسي رهي هئي. ڪن گلن مٿان ڀونئر ڦيرا پائي رهيا هئا. ڪي مکڙيون، منهنجي روبرو، منهن کولي، پنهنجي سندرتا ۽ سرهاڻ سان مونکي مست بڻائي رهيون هيون. مون هن باغ ۾ ڪيترن نئي نمونن جا گل ڏٺا جهڙوڪ گلاب، گينڊو، موتيو، مگرو، لالا، چنبيلي، ڪمل، سورجمکي وغيره. انهن پنهنجي رنگ ۽ خوشبوءِ سان اندر کي آنند پئي ڏنو. هن کانسواءِ اتي ڪيترن ميون جا وڻ به هئا.

ڪنهن گاهه جي ٻاري ۾ ٻالڪ رانديون ڪري رهيا هئا، ڪنهن ٻاري ۾ ماڻهو ڪسرت ڪري رهيا هئا، ڪنهن ٻاري ۾ تازا پرڻيل زال ۽ مڙس پاڻ ۾ پريم جون ٻاتيون ڪري رهيا هئا ۽ ڪنهن ٻاري ۾ ماڻهو ليٽي آرام وٺي رهيا هئا.

هتي جدا جدا پکين جي لاتين من موج ۾ پئي آندو. هن وقت سج لهي چڪو هو ۽ رات جا پاڇا پوڻ شروع ٿيا هئا، تنهنڪري مان اٿي وک کڻي، پنهنجي گهر ڏانهن رخ رکيو.

٨٠- عجائب گهر جي ملاقات

هڪ لڳا، مان پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي عجائب گهر ڏيکارڻ ويس. عجائب گهر هڪ وڏي ۽ هوادار مڪان ۾ هو. اُتي اسان ڪيتريون ئي عجيب، درلڀ ۽ قيمتي شيون ڏٺيون جيڪي اِنسان جي ڪلا ۽ ڪاريگريءَ جو ڪمال ڏيکاري رهيون هيون.

اسان پهريائين مئل جانورن جي وڀاڳ ۾ وياسين. اُتي شينهن، بگهڙن، چيتن، هرڻن ۽ سهن وغيره جا بيجان جسم ڏناسين جي ڏاڍي سهڻي نموني رکيل هئا. اُتي هڪ وڏو مانگرمڇ به ڏٺوسين جنهن اُتي ڪافي جاءِ والاري هئي.

هنکانپوءِ اسان ان هال ۾ گهڙياسين جتي انيڪ پرڪارن جا جهونا ۽ هاڻوڪا جنگي هٿيار با ترتيب رکيا هئا. اهي هٿيار هن ريت هئا: تير، ترڪش، ڀالا، ٻرڇيون، بندوقون، ڀالُون، تلواريون، گدائون، ڍال، زرهون، جنگي ڪهاڙا، ميـارڻ، سرواهيون ۽ سؤچل بندوقون وغيره. مٿين شين ڏسڻ سان اسانکي خبر پيئي ته اڳئين زماني ۾ ماڻهو لڙاين ۾ ڪهڙا هٿيار ڪم آڻيندا هئا.

هنکانپوءِ هڪ هال ۾ داخل ٿياسين جتي قسمين قسمين ڪاشيءَ، پتل، ٽامي ۽ پڪل مٽيءَ مان ٺهيل

ٽانوَ پيا هئا. انهن مان ڪي ٽانوَ پارٿ جا ٺهيل هئا ته
ڪي اٽليءَ ۽ جپان جا.

هڪڙي هال ۾ انيڪ قسمن جا قيمتي ۽ درلڀ
پٿر ۽ ڌاتوءَ ڏناسين جي بند شو ڪيسن ۾ رکيل هئا. ان
ئي هال جي ٻئي حصي ۾ انيڪ قسمن جا زيور ڏناسين
جي اڳئين زماني جون زالون پائينديون هيون. هاڻوڪن
زيورن جا نمونا گهٽ رکيل هئا.

هنڪانپوءِ اسان تصوير-گهر ۾ گهڙياسين. هي هڪ
شاهي هال هو جنهنجي ديوارين تي مهاپرشن، ديش ڀڳتن،
شهيدن، راجائن ۽ سورويرن جون تصويرون دلڪش
فريمن ۾ مڙهيل ٽنگيل هيون. اهي تصويرون قابل
چترڪارن پنهنجن هٿن سان ڪڍي انهن ۾ گهڻيءَ
هوشياريءَ ۽ عقل سان رنگ پريا آهن.

هنڪانپوءِ هڪ ننڍي هال ۾ گهڙياسين جنهن ۾
ڪاٺ، چندن، پتل، عاج ۽ پٿر تي تيل اُڪر جو ڪم
ڏٺوسين. ڪاريگرن انهن تي باريڪ اُڪر (ڪود) جي
ڪم ڪرڻ سان ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

اڃا اسانکي عجائب گهر ۾ ڪافي ڪجهه ڏسڻو هو
پر هنجي بند ٿيڻ جو وقت اچي ٿيو هو، تنهنڪري
اسانکي، اهو اڌ ۾ ڇڏي ۽ ٻاهر نڪرڻو پيو. پر اسان
جيڪي ڪجهه ڏٺوسين تنهن مان اسانکي اِنسان جي
ڪلا ۽ قابليت جي ڪافي ڄاڻ پئجي چڪي.

٨١- ڪتابن جي دڪان (چوڙا پنڊار) جي ملاقات

منهنجي ساليانو امتحان جو نتيجو ظاهر ٿي چڪو هو. مان ٽائون درجو پاس ڪري ڇهين ۾ آيو هوس. منهنجو اسڪول ١٦ جون تي کليو هو. مونکي ڇهين درجي جا ڪتاب گهربا هئا سو مان هڪ ڏينهن شام جو، پنهنجي اسڪول ڇٽڻ کانپوءِ سنڌي چوڙا پنڊار تي ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ ويس.

هي ڪتاب - گهر احمدآباد شهر ۾ ڪالوپور دروازي جي پاسي ۾، ڪوٽ نئي رانگ ۾ آهي. جڏهن مان اتي پهتس، تڏهن منهنجي حيرت جي حد نه رهي. هن چوڙا پنڊار تي زبردست ڀيڙ لڳي پيئي هئي. ڪتابن جي خريدارن جي هڪ لنبي لائين لڳل هئي. اهڙي ٻوڙي ڏکا ڏوڪي به ٿي رهي هئي. مونکي ان لائين ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڪلاڪ کڙو رهڻو پيو. لائين ۾ بيهي، منهنجي ٽنگن جو پاڻي ٿي سڪي ويو. آخر منهنجو به وارو آيو. مون دڪاندار کي پنهنجي ڪتابن جي لسٽ ڏني. هن دڪان تي چار ماڻهو ڪم ڪري رهيا هئا تڏهن به گراهڪن سان پهچي ڪونه ٿي سگهيا.

سنڌي چوڙا پنڊار هڪ وڏو شاهي دڪان آهي، هتي ڪتاب، نوٽبڪ ۽ اسٽيشنري وڏي پيماني تي موجود هئا. ڪتاب جدا جدا درجن موجب جدا جدا

خاني ۾ رکيل هئا، جنهن ڪري درجي موجب ڪتابن ڪڍڻ ۾ دڪاندار کي ڪا به تڪليف آڏو ڪا نه پيسي آئي. هنوقت جلد چڙهيل نوان ڪتاب به موجود هئا. سنت أي هڪ ڇوڪري منهنجا گهربل ڪتاب ۽ نوٽبڪ ڪڍي دڪاندار کي ڏنا. دڪاندار انهن ڪتابن ۽ نوٽبڪن جو بـل ٺاهيو ۽ مون کان سايا ستاويهه روپيه ورتي، مون کي منهنجي خريد ڪيل ڪتابن جو بـدل بنڊل سپرد ڪيو. هن ڪانئوءَ مون کي جيڪا اسٽيشنري کپندي هئي سا ورتي، دڪان تان روانو ٿيس. مان بيهي بيهي ٿڪو هوس سو مون ۾ پنڌ ڪرڻ جي شڪتي ڪا نه رهي هئي. مـان رڪشا ڀاڙي ڪري، هڪدم پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيس.

٨٢- مندر جي ملاقات

مهاشوراتريءَ جو شب ڏينهن هو. ماڻهن جون ٻهرون صبح جو ساجهر اٿي، سنان پاڻي ڪري، شو جي مندر ڏانهن وڃي رهيون هيون. مون کي به شو جي مندر ڏانهن وڃڻ جو شوق ٿيو.

مان صبح جو اٽڪل ڇهين ٻجي، درشن ڪرڻ لاءِ شو جي مندر ڏانهن روانو ٿيس. رستي تي ڪيترائي فقير ويٺا هئا. مان دل کولي، انهن کي دان ڏيندو

اڳتي وڌندو رهيس تانجو اچي شو جي مندر ۾ پهتس. مندر جي ٻاهران انيڪ ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. ڪلهي گس لڳي پيئي هئي. اُتي پير پائڻ جي جاءِ ڪانه هئي. ڌڪا ڌوڪي ڪري مونکي مندر ڏانهن وڃڻ لاءِ رستو ڪرڻو پيو. ان شيءِ ڏيهن تي ماڻهن کي ڌڪا ڏيڻ نيڪ نه هو، پر مون لاءِ ٻيو ڪو به اُپاءُ ڪونه هو ڇو ته مونکي ستين ٻجي صبح جو اسڪول پهچڻو هو.

مندر جي ٻاهران هڪ دڪان تان ناريل ۽ ڦُول وٺي مان مندر جي اڳيان ايوان ۾ گهڙيس. مندر ۾ گهڙڻ کان اڳ، ٻين وانگر، مونکي به بوٽ ٻاهر ايوان ۾ لاهڻو پيو. مان بوٽ لاهي، همٿ ڌوڻي اندر گهڙيس. مندر جي اندر شڌ وايو منڊل هو. اُتي اگربتيون، لوبان ۽ ڌوپ ٻري رهيا هئا جنهنڪري سارو مندر سڳند سان ڀريل هو. شو جي مورتيءَ اڳيان جڏهن انيڪ نمرن جي گلن جا هار وڌا ويا هئا يا ڦولن جي ورکا ڪئي ويئي هئي تنهجي سرهاڻ اسانجو مغز معطر ڪري ڇڏيو. شو جي شاندار مورتيءَ منهنجي دل تي زوردار ڇاپ هڻي ڇڏي جنهنڪري مون گهڻيءَ عزت ۽ شرڌا وچان سندس اڳيان سيس نوائي، سندس آشيرواد گهري. مندر جي شيواداريءَ معرفت مورتيءَ تي ناريل چڙهايم ۽ آنڊل ڦولن جي ورکا ڪيم. مونکي شيواداريءَ هٿ پرسادي ڏني ۽ انبرس پيئاريو. مندر جي شيءِ

واناورڻ ۾ مان پنهنجيءَ دل ۾ ايشور جي موجودگي محسوس ڪرڻ لڳس. مان گھڙي ساعت ته ايشور جي ڌيان ۾ ليِن ٿي ويس. هنڪانپوءِ مان شو جي مورتيءَ اڳيان سر جهڪائي، پنهنجي مسوت ڪاڌ ۾ موٽندي مندر جي دروازي وٽ جو وڏو گھنڊ ٽنگيل هو سو وڄائي مندر مان ٻاهر نڪري آيس ۽ يڪدم اسڪول جو رستو پڪڙيم.

٨٣- ڪارخاني جي ملاقات

منهنجو ساليانو امتحان پورو ٿي چڪو هو. هنوقت موڪلي وئڪيشن هئي. ان پنهنجي پتا سان گڏ جي سؤراشٽر جي ڏوري تسي نڪتس. سؤراشٽر جا ڪيترا شهر گھمندا، اسان آخر اچي پوربندر ۾ پهتاسين. هتي سيمينٽ ناهڻ جو هڪ عاليشانو ڪارخانو آهي. اسان پڻ چٺا اهو ڪارخانو ڏسڻ وياسين.

هن سيمنٽ جي ڪارخاني زمين جي ڪافي ايراضيءَ والاري هئي. هن ڪارخاني جي ٻاهران، ڪارخاني جي اندر ڪم ڪندڙ مزورن ۽ آفيسرن لاءِ رهڻ جون جايون ٺهيل هيون.

ڪارخاني ڏسڻ کان اڳ، اسان ڪارخاني جي مئنيجر سان گڏياسين ۽ سندس اڳيان ڪارخاني ڏسڻ جي

خواهش ظاهر ڪئي‌سين. مئنيجر خوشيءَ سان اسانجو عرض قبول ڪيو. ڪارخاني ڏيکارڻ لاءِ هن اسانکي هڪ ماڻهو ڏنو. هي ڪارخانو بجليءَ تي هلي رهيو هو ۽ بجلي پيدا ڪرڻ جو بندوبست به ڪارخاني جي ويجهو ئي ٿيل هو. ڪارخاني جي ٻاهران پٿرن ۽ رتيءَ جا شاهي ڍڳ لڳا پيا هئا. ڪارخاني ۾ گهڙڻ سان اسان ڀريائين به وڏا شاهي لوه جا ٿهيل رولر (ويلڻ) ڏٺا جيڪي چوڌاري ڦري رهيا هئا. مشين رستي رتي ۽ وڏا پٿر انهن رولرن ۾ وڌا پي ويا. اهي پٿر انهن رولرن جي وچ ۾ پيسجي چُور پئي ٿيا ۽ رتيءَ سان گڏجي هڪ ٿي پي ويا. هنڪانپوءِ پيٺل پٿرن ۽ رتيءَ جي آميزش ٻيءَ هڪ مشين ۾ وڌي پي ويئي جتي اها وڌيڪ پيسجي ميدي وانگر ٿي پي ٿي.

هن ڪانپوءِ اهو ماڻهو اسانکي هڪ شاهي وڪار ڏانهن وٺي هليو جتي اهو ميدي وانگر پيٺل سيمنٽ گڏ ڪيو ويو هو. اتان اهو سيمنٽ ڳوٿرين ۾ ڀري، هڪ ٻئي وکار ۾ انهن جون ٿڪيون لڳايون پي ويون.

اتان پوءِ اسان ڪارخاني جي ڪئنٽين ڏانهن وڃي ٿورو ناشتو ڪاڌوسين. هن ڪارخاني کي پنهنجو دواخانو به هو. جتي مريض مزورن ۽ حادثي هيٺ آيل ڪم ڪندڙن جو علاج ڪيو پي ويو. هن ڪانپوءِ اسان پنهنجيءَ جاءِ ڏانهن موٽ ڪاڌي.

٨٤- قطب منار جي ملاقات

گذريل آڪٽوبر ۾، جڏهن اسانکي ٽن هفتن جي موڪل ملي، تڏهن مان پنهنجي ماءُ سان گڏجي پنهنجي پاءَ وٽ دهليءَ ويس.

هڪ ڏينهن، منهنجو پاءُ اسانکي دهليءَ جون اتهاسڪ جايون ڏيکارڻ نڪتو. مونکي دهليءَ جي سڀني اتهاسڪ جاين ۾، "قطب منار" وڌيڪ وڻيو.

قطب منار دهليءَ کان اٽڪل يارهن ميل دور آهي. ڪن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ اهو منارو راجا پرٿو يراج ٺهرايو هو جنهن ۾ پوءِ پادشاه قطب الدين ڦيرڦار ڪئي هئي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو منارو تيرهين صديءَ جي شروعات ۾ قطب الدين ٺهرايو هو.

قطب منار هڪ اهميت رکندڙ اتهاسڪ جاءِ آهي. هي نزاڪتدار منارو ٢٣٥ فوٽ اوچو آهي ۽ انکي پنج طبقا آهن. اهو پائي وٽ ويڪرو آهي ۽ جيئن جيئن مٿي ويندو تيئن تيئن سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي. هنجا پهريان ٽي طبقا ڳاڙهي پٿر جا ٺهيل آهن. باقي جيڪي مٿيان ٻہ طبقا آهن سي قدرتي لعل پٿر جا ۽ قدرتي سنگمرمر جا ٺهيل آهن. هن مناري جي ٻاهران چوڌاري قران جون آيتون اُڪريل آهن.

اسان ھن مناري جي چوٽيءَ تي چڙھڻ شروع ڪيو. ٿورن ٿورن ڏاڪن ڪانپوءِ، ڏاڪڻ ۾ ساھي پٽڻ جي جاءِ ھئي. ڏاڪڻ جي اندر ھوا ۽ روشنيءَ ڪي آڻڻ لاءِ مناري ۾ ڪافي ڪُڙڪيون ھيون. اسان ڏاڪان چڙھندا ۽ ساھي پٽيندا وڃي مناري جي چوٽ تي پھتاسين. اسان ڪل ٣٧٩ ڏاڪا چڙھياسين.

مناري جي چوٽ تي بھاري لڳل پٽي ھئي. چوٽ، شدّ ۽ ٿڌي ھوا پئي لڳي جنھنڪري ٿوري وقت ۾ اسانجي سموري ٿڪاوٽ لھي ويئي. چوٽ تان واه جو وڻندڙ نظارو ڏسڻ ۾ پئي آيو. جمنا ندي بہ بلڪل چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ پئي آئي. چوٽ تي لوه جو جھنگلو لڳل آھي تہ متان ڪو انسان ايڏيءَ اوچائيءَ تان ھيٺ ڪري پوي. مطلب تہ خوب ھوا کائي ۽ ٿڪ ڀڃي اسان چوٽ تان ھيٺ لھي آياسين.

قطب منار جي ڀرسان ھڪ لوه جو مشھور ٿنڀ آھي جنھن جي پايي وٽ ھي اکر لکيل آھن: "جيستائين مان آھيان تيستائين ھندو راج قائم رھندو." ھي ٿنڀ ١٦٠٠ سال اڳ چندر نالي ھڪ راجا ٺھرايو ھو. ھن وقت سج لھي اوير ڪئي ھئي تنھن ڪري اسان وڏيڪ وقت وڃائڻ کانسواءِ پنھنجي گھر ڏانھن روانا ٿياسين.

٨٥- هوٽل جي ملاقات

هڪ ڀيري اسڪول ۾ وڏي رسيس پيئي ته منهنجي دوست دولت انگل ڪري چيم ته، ”يار، بک لڳي اٿم ڏاڍي، سو ڪنهن هوٽل ۾ وٺي هلي ڍءُ ڪرائينم.“ منهنجي کيسي ۾ چار روپيه پيا هئا سو هڪدم سندس ڳالهه قبول ڪيم. پوءِ ٻئي گڏجي ويجهيءَ هوٽل ۾ وياسين. هي آفيسن جي رسيس جو وقت نه هو، تنهنڪري هوٽل ۾ ماڻهن جي پيهه لڳي پيئي هئي. اسان اندر وڃي، هڪ ڪنڊ ۾ کڙا رهياسين. هڪ ٽيبل تان ٻه ڄڻا ڪائي اُٿيا ته اسان انهن جي جاين تي ويهي رهياسين. هوٽل ۾ انيڪ قسمن جون کاڌي جون شيون تيار هيون. اُتي سفيد يونيفارم ۾ نوڪر شيوا ۾ حاضر هئا. اهي سڀ ڦڙتائيءَ ۽ فضيلت سان شيوا ڪري رهيا هئا. اسان ٻه ويٺاسين مس ته هڪ خدمتگار ٿڌي پاڻيءَ جا ٻه گلاس اسانجي اڳيان رکي ويو. ٿڌو پاڻي پي پاڻ کي سيتل ڪيوسين. اُتي ڏاڍي مرج متي پيئي هئي. ماڻهو کائي به رهيا هئا ته ڳالهائي به رهيا هئا. ڪي ٺٺولون ڪري رهيا هئا، ڪي پريم جون ڪهاڻيون ڪري رهيا هئا ۽ ڪي دنيا جا قصا ڪٿي رهيا هئا.

ماڻهو جدا جدا قسمن جون شيون کائي رهيا هئا.

ڪي ڀونسو کائي ٻس ڪري رهيا هئا ته ڪي چانهن
جي چُسر وٺي رهيا هئا. ڪي آئيسڪريم جو مزو ماڻي
رهيا هئا ته ڪي وري ويفرن ۽ سنبوسن جو سواد
وٺي رهيا هئا. چوڌاري چمچن، ڪانٽن ۽ ڇرين جو
آواز پئي آيو. مطلب ته اُتي کائڻ لاءِ انيڪ پرڪارن
جون شيون موجود هيون.

اسان خدمتگار کي دال ۽ پورين جي ٻن پليٽن جو
آرڊر ڏنو. هن سنت ۾ ٻه پليٽون اچي اسان جي اڳيان
رکيون. دولت ته هڪدم کائڻ ۾ ڪهي ويو. مون پنج
پوريون کائي بس ڪئي، پر هو پوريون گهرائيندو
رهيو تانجو هن پنجاه پوريون کاڌيون. هنکي ايترو
کائيندو ڏسي، خود خدمتگار کلڻ لڳو. چيومانس،
"دوست، تون ته نڪ تائين پُرجي ويو آهين تڏهن به
پيو کائين. مون وٽ ته ڪل چار روپيا آهن سو ايتري
کاڌي جي رقم ڪيئن پُربي؟" چيائين ته، "تون خيال
نه ڪر. گهٽ پيسن هئڻ جي حالت ۾ بک ترورائي
ڪڍبي، پيسن جو بلو ڪري وٺبو." ائين چئي هن
پنهنجي پاسي واري نوجوان جي کيسي مان انڪل بازيءَ
سان ڏهين جو نوٽ ترڳائي ورتو. پوءِ اسان بل جا
پئسا ڀري، تڪڙا ٻاهر نڪري آياسين.

٨٦- سئنيما جي ملاقات

مونکي سئنيما ڏسڻ جو شوق گھڻو گھٽ آهي؛ مگر هڪ ڀيري، رات جو ڪنهن مِتر ڪان ڪنڌ نہ ڪيائي، نٽراج ٽاڪيز ۾ ”سپنون ڪا سوداگر“ ڏسڻ ويس.

بوڪنگ آفيس اڳيان ماڻهن جي لنبي لائين لڳل هئي. اسان بہ وڃي ان لائين ۾ بيٺاسين. آخر اسانجو بہ وارو آيو. ٽڪيٽ ورتي، ٿيئيٽر جي ٻاهران جيڪي ”سپنون ڪا سوداگر“ جون فريم ٿيل رنگين تصويرون ۽ نظارا ڏيکاءُ لاءِ رکيل هئا، سي ڏسڻ بيهي رهياسين. اهتري ۾ سرپليءَ ٽڻ ٽڻ اسانکي ٿيئيٽر جي اندر پڪچر ڏسڻ لاءِ چتاءُ ڏنو. اسان ڏاڪڻ جي مٿان پيل ڏرين تان هلي، وڃي بند گئلريءَ ۾ داخل ٿياسين. هن گئلريءَ جي فرش تي لعل رنگ جو بربردار غاليچو وڇايل هو جنهن تان هلندي لطف پي آيو. آخر اسان جهڪيءَ روشنيءَ واري ٿيئيٽر ۾ وڃي داخل ٿياسين. در تـي بيٺل جوان، اسانجي ويهڻ جـي جاءِ هٿ ڪرڻ ۾ رهبري ڪئي. اسان ٻئي پوئتي هٽندڙ ڪرسين تي وڃي ويٺاسين. ڪرسين جـون ٻنڪون ڊنلپ سبب نرم هيون.

شروعات ۾ ڪن شين جي مشهوري ڏيڻ لاءِ دلڪش ۽ اثرائتي نموني اشتهار ڏيکاريا ويا. هن ڪانپوءِ پارٽ

جو سماچار چتر ڏيکاريو ويو. ۽ پوءِ پرديس جي خبرن جو ريل ڏيکاريو ويو.

هن کانپوءِ "سپنون کا سوداگر" جو وارو آيو. هيءَ ساري رنگين پکچر هئي. هنجا مکيه اداڪار هئا راجڪپور ۽ هيما مالني. اگرچ هن پکچر جي ڪهاڻيءَ ۾ دم ڪونه هو پر تڏهن به ڪن ڳالهين سبب هن پکچر منهنجي دل تي اَمٽ ڇاپ ھڻي ڇڏي. دنيا ۾ مشهور ائڪٽر راجڪپور پنهنجيءَ ٻاليءَ ڀوليءَ شڪل، کلائيندڙ ۽ خوش ڪندڙ گفتن، قدرتي ائڪٽنگ ۽ پنهنجن آنند ڏيندڙ اشارن سان اسانکي خوب کلايو ۽ وندرايو. هيما مالني، جا جوڀن جي قوه ۾ آهي، تنهنجي ائڪٽنگ ڏاڍي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ هئي. هن پنهنجن رنگبرنگي ۽ چمڪيلن ڪپڙن، نخرن ۽ نازن، ناچن ۽ گانن، پنهنجي ڳالهائڻ جي نرالي نموني ۽ تال پکال سان پکچر ۾ نئون رنگ ۽ لطف آڻي ڇڏيو. قدرتي نظارن ۽ فوٽوگرافيءَ به هن پکچر کي واه جو وڻندڙ بڻايو هو! ٽي ڪلاڪ اسان پاڻکي خوب وندرايو. پوءِ ٿيئيٽر مان ٻاهر نڪتاسين پر خاص ڪري مان خالي نه نڪتس. مان هن پکچر جا به گانا پاڻ سان گڏ کڻي نڪتس جي اڃا تائين پيا دل ۾ ھرن:

ا- سيکا نهين سبق توني پيار کا،
تو جاني کيا مزا انتظار کا.

٢- نادان کي دوستي، جي کي جان،
تو جاڻي نہ بالما، پريت کي لڳن.

٨٧- منهنجو پريہ ليکڪ (لعلچند امرڏنومل)

سنڌيءَ ڪافي ناميارا ليکڪ پيدا ڪيا آهن جن سنڌي ساهت جي سٺي سيوا ڪئي آهي. انهن مان ڪي آهن: ڪوڙومل چندن مل، پرمانند ميوارام، هوتچند گربخشاڻي، لعلچند امرڏنومل، ڀيرومل مهرچند، منوهرداس ڪوڙومل، تيرٿ بسنت، رام پنجواڻي وغيره. انهن مان هرهڪ کي پنهنجون پنهنجون لکڻ جون خوبيون آهن؛ پر مونکي انهن سڀني ليکڪن ۾ لعلچند امرڏنومل وڌيڪ وڻندو آهي.

لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻي ٢٥ جنوري ١٨٨٥ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو هو. هو ودوان هو ۽ دنيا جي تجربن مان ڪافي ڪجهہ پرايو هئائين. هو سڀاءَ جو سٺو ۽ راڻو ماڻهو هوندو هو. هو سادگيءَ واري زندگي گذاريندو هو.

هو هڪ مشهور ساهتيڪار ٿي گذريو آهي. هنکي سنڌي ٻوليءَ جي سٺي ڄاڻ هئي. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو تہ هنکي سنڌي ٻوليءَ جي مٿان استادي حاصل ٿيل هئي. هن شاه جي رسالي جو اونهو ابياس ڪيو هو. هنکي سنڌي ڪوين، خاص ڪري شاه جا

ڪافي بيت ڪنن هوندا هئا. هن کي شاه جي رسالي جا انيڪ لفظ ياد هئا جنهن جو استعمال هو پنهنجن ڪتابن ۾ ليکن ۾ ڪندو هو. هو وس آهر پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ سنسڪرت، عربي ۽ پارسي لفظ ڪتب ڪونه آڻيندو هو. هن جي سنڌي نيٺ ۽ ٺيٺ آهي. هنوٽ سنڌي لفظن، اصطلاحن، ورجيسن ۽ پهاڪن جو خزانو هوندو هو. هن جي سنڌي سهڻي، سڀڪ، سلوڻي ۽ سليس آهي جنهن جي پڙهڻ سان من کي موج پيئي اچي. هن جي لکڻ جو نمونو نرالو هوندو هو. هن جي عبارت تي سندس ئي شخصيت جي ڇاپ لڳل هوندي هئي. هن جي عبارت جو هن مهل تائين ڪوبه نقل ڪري ڪونه سگهيو آهي. هو نه فقط سنڌي نثر ۾ قابل هو پر سنڌي نظم ۾ به ماهر هو. هن سنڌيءَ جي جدا جدا شاخائن تي ڪتاب لکيا آهن. "چوٿ جو چنڊ" ۽ "سون ورنيون ڏيئون" هن جا مشهور ناول آهن. سندس "عمر مارئيءَ جو ناٽڪ" به سنڌي ساهتيه ۾ چڱي جاءِ والاري ٿو. "ڦلن مٺ" هن جي مضمونن جو ڪتاب آهي. ٽنهن ڪانسواءِ درسي ڪتابن ۾ به هن جا ڪافي مضمون، ليک ۽ ڪهاڻيون پڙهبيون آهن.

سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ هن ڪي ڪافي لڳن لڳل هوندي هئي. هن جي حياتيءَ جو مقصد هو سنڌيءَ کي زور وٺائڻ. هو ڪيترو عرصو

سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. هو مرڻ گهڙيءَ تائين سنڌيءَ جي شيوا ڪندو رهيو. هو ١٩٥٤ع ۾ بمبئيءَ ۾ گذاري ويو. اگرچ هو گذاري ويو آهي تڏهن به هنجون سنڌي ساهتيہ کي ڏنل سوغاتون هنجو نالو هميشه امر رکنديون.

٨٨- منهنجو پريہ شهيد (سردار ڀڳت سنگهہ)

سردار ڀڳت سنگهہ ڀارت جو هڪ پيارو ۽ دلاور ديش ڀڳت ٿي گذريو آهي.

ڀڳت سنگهہ پنجاب ۾ ڄائو هو. هنجو چاچو اجيت سنگهہ وڏن انقلابين مان هڪ هو جنهنڪري ننڍپڻ کان ئي هنتي سندس انقلابي چاچي جا اثر پيل هئا.

ڀڳت سنگهہ گهڻو پڙهيل ڪونہ هو پر هنکي دنيا جي تجربن ڪافي تعليم ڏني هئي. آربندو ۽ ٻين ويرا جي ليکن هنجي جيءَ ۾ ڪافي جذبات ڦوڪي هئي. اربندو جي ٻن ڪتابن "بندن لتو" ۽ "ماتا مڪتي ٿي" هنجي ويچارن ۾ ولولو آڻي ڇڏيو ۽ هنجي ۽ جيءَ سان جادو لڳائي ڇڏيو. هن انقلاب آئينداز ساهتيہ بہ گهڻي پيماني تي پڙهيو هو. ٽمهنڪانسواءِ هنڪم، سرت ۽ ٽنگور جهڙن مشهور ليکڪن، ناٽڪ نويسن ۽ ڪوين

۽ هن ۾ پڻ نوجوانن جي جذبات کي ڪافي ڇيڙيو هو.
جن جوانن جي دلين تي مٿين ليکڪن جي ڪتابن جو
اثر ٿيو تن پرتگيا ڪئي ته "اسان ڪيئن به ڪري
ڀارت کي آزاد ڪنداسين." ڀڳت سنگهه چڱيءَ طرح
ڄاڻو پئي ته بنا هٿيارن هلائڻ جي، ظالم حاڪمن جي
حڪومت جو انت آڻڻ مشڪل آهي تنهنڪري هن ۽
هنجي ساٿين هنن جي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ
جو هڪ نئون طريقو ڳولي ڪڍيو ۽ اهو هو هن ظالم
سرڪار ۾ هراس پيدا ڪرڻ. اگرچ اهڙا جوشيلا جوان
سڄي ڀارت ۾ پکڙيل هئا تڏهن به انهن جا خاص اڏا
بنگال ۽ پنجاب هئا.

ڀڳت سنگهه وچ پنجاب ۾ هڪ ڳجهي سنسٿا شروع
ڪئي. هنجا ٻه مکيه ساٿي هئا سکديو ۽ راجگرو. اهي
ٽئي نوجوان وديارٿي هئا. ڀڳت سنگهه جو اصول ڪنهن
کي به خون ڪرڻ جو نه هو. هنجو مقصد هو انگريزي
حاڪمن کي محسوس ڪرائڻ ته ڀارتواسين کي سندن
حڪومت جي بلڪل ضرورت ڪانهي تنهنڪري اهي
ڀارت ڇڏي هليا وڃن. ڀڳت سنگهه جيڪو اسيمبلي
هال ۾ بم اڇلايو هو سو هن خالي جاءِ تي اڇلايو هو ڇو ته
هنجو مطلب ڪنهن به انگريزي آفيسر کي خون ڪرڻ
جو ڪو نه هو.

آخر ڀڳت سنگهه ۽ سندن ٻن ساٿين سکديو ۽ گرودت

کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي. ننڍي سورمن ديش جي صدقي خوشيءَ سان سر ڏيڻ قبول ڪيو. ڀڳت سنگهه ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان اڳ بلند آواز ۾ چيو ته، ”منهنجي وهايل خون جي هرهڪ ڦيي مان هزارين نوجوان پيدا ٿيندا جيڪي ڀارت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جان جون بازيون لڳائيندا.“

ڦاسيءَ ڏيڻ کانپوءِ ظالم سرڪار انهن دليرن جا لاش سندن مائٽن کي ڪونه ڏنا مگر انهن تي گاسليٽ وجهي انهن کي اَشد نموني جلايو ويو.

اهڙيءَ طرح اسانجي شير ڀڳت سنگهه پنهنجي ديس خاطر شهادت جو شربت چکيو.

٨٩- منهنجو پريه ڪتاب (رام ڪٿا)

هر ڪنهن انسان کي پنهنجي پسندي ۽ ناپسندي هوندي آهي. مان ڪيترائي نثر توڙي نظم ۾ لکيل ڪتاب پڙهيا آهن پر جا ڇاپ ”رام ڪٿا“ منهنجيءَ دل تي ڇڏي آهي سا ڪنهن به ڪتاب کان نه ڇڏي آهي. هن ڪتاب جي پسنديءَ لاءِ مونکي ڪيترائي سبب آهن.

شري سترامداس ”سائل“ جي لکيل رام ڪٿا سچي ڪوتا ۾ قلمبند ٿيل آهي. هي ايڪائي سؤ صفحن جو

ڪتاب سولي۽ سندر، سهڪ ۽ سلوڻي پاشا ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب کي سر سان پڙهڻ ۾ اندر کي انوکو آنند اچيٿو. هن ڪتاب ۾ تجنيس حرفيءَ جو ڪافي استعمال ٿيل آهي جنهنڪري هن ڪتاب جي پڙهڻ سان من کي نئين نموني جي مؤج اچيٿي. رام ڪتا ۾ جهجهيون تجنيسون ڪتب آندل آهن جن ڪتاب کي ڪافي وڻندڙ بڻايو آهي. هن ڪتاب جي ابياس ڪرڻ سان اها پروڙ پويٿي ته ڪويءَ وٽ سنڌي، هندي، گجراتي، پارسي ۽ عربي لفظن جو وڏو خزانو آهي جنهنڪري ڪنهن به واقعي ۽ لڙائيءَ جي بيان ڪرڻ وقت، ٺاهوڪا ۽ ٺهندڙ لفظ ڪم آڻي ۽ هڪ هڪ لفظ لاءِ ڪافي هم معنيٰ لفظن جو استعمال ڪري، هن، اُن بيان کي ڪافي وڻندڙ بڻايو آهي.

هن ڪتاب مان ڪافي نصيحتون ملن ٿيون جن جي عمل ڪرڻ سان انسان پنهنجي حياتي سندر بڻائي سگهيٿو. انهن مان ڪي نصيحتون هي آهن: ماءُ پيءُ ۽ گروءَ جي شيوا ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي آگيا ۽ ادب ۾ رهجي. ڪنهن سان به ڪرڙ ۽ دغا ڪرڻ نه گهرجي. هنسا نه ڪجي پر منڌي جيؤ ڪي مارڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي. ڪهڙيءَ به مشڪلات کي منهن ڏيئي پنهنجي پرن کي پاڙي ڏيڻ گهرجي. بيراهن ۽ ڪمزورن ڪي مدد ڪجي. اوچ ۽ نيچ ۾ ڀيد نه رکجي. جيڪڏهن

ڪوئي گهٽ ذات وارو ڪابہ شخص سک ۽ شرڌا سان
کائڻ لاءِ ڏئي تہ اهو بنا ڪنهن ڀرم ۽ سنڪوچ جي
قبول ڪجي. ضد، ظلم ۽ ايمان نہ ڪرڻ گهرجي ڇوتہ
اهي تباهي آڻيندڙ آهن. وڏي ڀاءُ جو حق ڄاڻڻ
گهرجي ۽ ڀائن سان سک ۽ پريم سان هلڻ گهرجي.

هن ڪتاب مان استريءَ کي اها صلاح ملي ٿي تہ
هنکي کهڙا بہ کشٽ سهڻي پنهنجو ست قائم رکڻ
گهرجي. هن کي ڏارئي پرش ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهارڻ
گهرجي. هنکي دک توڙي سک ۾ پتيءَ کي پورو
ساٿ ڏيڻ گهرجي. راجا کي هن ڪتاب مان اها
نصيحت ملي ٿي تہ هنکي نياءَ ۽ نيتيءَ کان منهن موڙڻ
نہ گهرجي ۽ ڪيس ڪنهن سان بہ رياءَ ڪرڻ نہ گهرجي.
هنکي پريم سان راڄ ڪرڻ گهرجي. هن ڪتاب مان
ٻيون بہ ڪيتريون ئي نصيحتون ملن ٿيون.

هن ڪتاب جي پڙهڻ سان من دنيا جي جهنجهٽ
کان مکت ٿي، اندر جي شانتي ماڻيندو.

انهن سڀني سببن ڪري مان هن ڪتاب کي ڏايو
چاهيندو آهيان ۽ نت نيم هنجو پاٺ ڪندو آهيان.
سچ پچ هھڙو نصيحتن سان ڀريل ڪتاب هر هندوءَ
جي گهر ۾ هئڻ ضروري آهي.

٩٠- منهنجو پريه ودوان (ڊاڪٽر راڌاڪرشنن)

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن سروپالي ۵ سيپٽمبر ۱۸۸۸ع ۾ مدراس ۾، هڪ ڪٽر هندو ڪٽنب ۾ ڄائو هو، جنهنڪري ٻالپڻ کان وٺي هو ڌرمي خيال جو هو.

هن مدراس جي ڪرسچن ڪاليج ۾ وديا حاصل ڪئي هئي. هنڪانپوءِ ٻه هن ڄام ديسي ۽ وديشي پدويون پراپت ڪيون. مطلب ته هن جون ڪافي يوگيتائون آهن. هوُ ڪجهه عرصو مدراس جي پريزيڊنسي ڪاليج ۽ ميسور يونيورسٽيءَ ۾ فيلسوفيءَ جو پروفيسر هو. هوُ آڪسفورڊ جي منچيسٽر ڪاليج ۾ تلناتمڪ ڌرم سيکاريندو هو. ۱۹۲۶ع ۾ آڪسفورڊ جي يونيورسٽيءَ جي ڪوٺ تي، هو اوڏانهن ويو ۽ اُتي وڃي عالماڻا ڀاشڻ ڪيائين جنهن جي ٻڌندي اُتي جا ماڻهو سندس علميت جي ساراهه جا ڍڪ ڀرڻ لڳا. هن بابت هڪ انگريزي پروفيسر چيو هو، ”هنجي اکين ۾ جادو آهي، هنجي آواز ۾ سنگيت آهي ۽ هنجي منهن ۾ منوهرتا آهي.“

هو بنارس هندو يونيورسٽيءَ جو ۱۹۳۹ع کان ۱۹۴۸ع تائين اُپ ڪلپتي ۽ دهلي يونيورسٽيءَ جو ۱۹۵۳ع کان ۱۹۶۲ع تائين ڪلپتي تي رهيو هو. هو ٻه ڀيرا ۱۹۵۲ع ۽ ۱۹۵۷ع ۾ ڀارت جي اُپ راشٽرپتيءَ جي پد لاءِ چونڊيو ويو. راجيندر پرساد کان پوءِ هو ڀارت جو

راشٽريه پٽي بڻيو. هن پارٽ جو بلڪل قابليت سان عالماڻي نموني ڪاروبار هلايو. هو گذريل چونڊ ۾، جا ۱۹۶۲ع ۾ ٿي، تنهن ۾ راشٽريه پٽيءَ جي عهدي لاءِ اميدوار ڪونه بيٺو.

هو نه رڳو انگريزيءَ جو تمام قابل آهي پر سنسڪرت جو به ماهر آهي. هوءَ پالي، فرينچ ۽ اسپين جي ٻولي به چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي. هو وڏو فيلسوف آهي ۽ هاڻوڪيءَ فيلسوفيءَ ۾ اُتم جڳهه والاري ٿو. هن ڀاڳوت گيتا جو اونهو اڀياس ڪيو آهي ۽ برهم سوترن جي سمجهاڻي ۾ پڻ آهي. وڪتا (فصيح زبانيءَ) ۾ ته هن سارو لوڪ مشهوري حاصل ڪئي آهي.

هو نه رڳو اديت قابليت وارو ودوان آهي پر لاثاني ليکڪ به آهي. هن هندو ڌرم ۽ فيلسوفيءَ تي ڪافي ڪتاب لکيا آهن. هنجي فلسفانه ويچارن ۽ خيالن پارت جي ڪيترن ئي ڪيترن ۾ پنهنجو اثر ڄمايو آهي. هنجي اُستادانه عليمت دنيا جي مهان ليکڪن تي اَمٽ ڇاپ هڻي ڇڏي آهي. هنکي ٻنهن جي لوڪ ۽ آڳر جي اساري سان پڌندڙن جي اندر ۾ انوکي اثر پيدا ڪرڻ جو عجيب ڏانءُ آهي. مونکي ههڙي بي بها ودوان تي ناز آهي ۽ هنجي جاءِ دائما منهنجيءَ دل ۾ آهي.

٩١- هنهنجو پريہ جانباز (تينزنگ نارگي)

تينزنگ نارگي هڪ اعليٰ درجي جو ڏونگريو (جابلو ماڻهو) آهي جنهن ١٩٥٣ع جي مئي مهيني ۾ ايوريسٽ جي چوٽيءَ تي پهچي پارٽ جو جس وڌايو ۽ پنهنجو نالو امر ڪيو.

تينزنگ نارگي جو جنم نيپال جي اندر ”ٿوچو“ نالي هڪ ڳوٺ ۾، ١٩١٤ع ڌاري ٿيو هو. هنجو ڳوٺ مڪالو پهاڙ جي ويجهو هو جنهنڪري هو ننڍي کان وٺي ٿي جبلن جي چاڙهين چڙهڻ ۽ لاهين لهڻ تي هريو ويو هو. ڏونگر ڏورڻ، جبل جهاڳڻ ۽ پربتن جي چوٽين تي چڙهڻ هن لاءِ هڪ راند هئي. هو آهستي آهستي همالہ پربت جي بيحد کان بہ چڱيءَ طرح واقف ٿي ويو.

تينزنگ کي غريبيءَ سبب ننڍپڻ ۾ ڪا بہ باقاعدي تعليم ڪانہ ملي هئي. هاڻي هنکي ٽي چار بوليون ڳالهائڻ اينديون آهن. هنکي تعليم ڪانهي پر هنکي دنيا جو ڪافي آزمود و آهي.

تينزنگ جي ٻالپڻ ڪانوني اچا هئي تہ مان دنيا جي چوٽيءَ (يعني ايوريسٽ جبل جي چوٽيءَ) تي چڙهان جا سمنڊ جي سطح کان ٢٩٢٠٠ فوٽ مٿي آهي. هن مهل تائين ٻارهن ٽولين ايوريسٽ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڪوشش ورتي هئي پر اهي ڪامياب

ڪونہ ٿيون هيون. ٽينزنگ انهن ٻارهن ٽولين مان ستن ۾ ڀاڱو ورتو هو.

١٩٥٢ع ۾ جڏهن سئٽزرلنڊ جي ٽوليءَ ريمانڊ لئمبرٽ جي اڳوانيءَ هيٺ ايورسٽ تي چڙهڻ لڳي، تڏهن ٽينزنگ بہ ان ۾ شامل ٿيو پر اهڙا خراب هوا هئڻ سبب، ٢٨٥٠٠ فوٽن کان وڌيڪ مٿي چڙهي نہ سگهي.

وري ١٩٥٣ع ۾ جڏهن ڪرنل هنٽ جي اڳوانيءَ هيٺ برٽش پارٽي ايورسٽ تي چڙهڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن ٽينزنگ بہ ان پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو. هن ۽ نيوزيلنڊ جي رهواسيءَ ايڊمنڊ هلاري ايورسٽ تي چڙهڻ لاءِ ڪمرڪشي. اهي ٻئي ١٧٩٠٠ فوٽن جي اوچائيءَ تان روانا ٿيا ۽ سڄا سارا اسي ڏينهن پنهنجن حياتين سان راند ڪندا آخر ١٩ مئي ١٩٥٣ع ۾ وڃي ايورسٽ جي چوٽيءَ تي چڙهيا. اتي ٽينزنگ نيپال ۽ ڀارت جو جهنڊو کوڙيو ۽ پوءِ خوشيءَ وچان مرڪڻ لڳو. ڏهن پندرهن منٽن ڪانپوءِ هنن لهڻ جي تياري ڪئي ۽ آخر اچي هيٺ پهتا. هيءَ خبر سڄيءَ دنيا ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويئي.

هزارن ماڻهن هنن جي آجيان ڪئي. ڀارت سرڪار ٽينزنگ کي انعام اڪرام ڏيئي سندس قدرشناسي ڪئي. ٻين ديسن بہ هنجو قدر ڪيو. انهيءَ جانبازيءَ جي ڪري ٽينزنگ مونکي ڏاڍو وڻندو آهي.

٩٣- منهنجو پريہ ڪوي (ڪشنچند بيوس)

اسانجن ڪيترن ئي سنڌي ڪوين ڪوتا جي ڪيتر ۾ نالو ڪڍيو آهي. مونکي انهن سڀني لاءِ مان آهي پر الاجي ڇو بيوس مونکي وڌيڪ پسند آهي. شايد نماڻائيءَ ۽ سادگيءَ سبب هن مونکي وڌيڪ موهيو آهي.

ڪشنچند تيرٿداس کتري، جو "سائين بيوس" جي نالي سان مشهور آهي سو لاڙڪاڻي جي شهر ۾ ٢٥ فيبروري ١٨٨٥ع ۾ ڄائو هو. هن پنهنجي تعليم بہ اُتي ئي حاصل ڪئي هئي. هو پارسي ٻولي بہ چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ۽ علم عروض جو بہ چڱيرو اڀياس ڪيل هوس. هو سنڌي اسڪول ۾ ماستر هوندو هو. هنکي حڪمت جو ڪم بہ ايندو هو.

ڪشنچند بيوس کان اڳ جا شاعر تصوف، عشق ۽ لوڪ ڪهاڻين تي شعر چوندا هئا جنهنڪري انهن جي شعرن ۾ نواڻ ڪانہ هوندي هئي. بيوس شعر جو جهونو پيچرو ڇڏي ڏنو. هو پنهنجي شعر ۾ زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي شعر لاءِ نوان نوان وشيہ ڳولي لڌا جهڙوڪ: پورهيت، جهوپڙي، ظالم سرمايدار، تاجمحل، اهنسا وغيره ۽ اهڙيءَ طرح هن پاڻکي نئين زماني جو پهريون ترقي پسند شاعر ڇوايو مطلب تہ اهو بيوس ئي هو جنهن پنهنجي شعر ۾ نئين جاڳرتا ۽ احساس آندو.

بيوس پنهنجي زماني جو پهريون ترقي پسند ۽ بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر ۾ اوچي خيالات، اُڌام ۽ مضمونن جي نواڻ آهي. هنجي ٻوليءَ ۾ رس، مينهاج ۽ موسيقي آهي. هُو انوکل لفظن سان تصويرون چٽڻ ۾ ماهر هو. هن ڪنهن ٻه شاعر جو نقل نه ڪيو. پنهنجا استعارا ۽ تشبيهون ڪتب آڻي، هن پنهنجي شعر ۾ سنڌي وايو منڊل قائم رکيو. هو مرڪب لفظن ٺاهڻ ڪان مشهور هو.

هن سنڌي ساهتيه جي ڏاڍي سيوا ڪئي آهي. هن ڪيترائي شعر جا ڪتاب لکيا جهڙوڪ شيرين شعر، سامونڊي سپون، گنگا جون لهرون، گرو نانڪ جي جون ڪٿا وغيره. هو نانڪ نويس ٻـــ هو. هنجي ناٽڪن جو مجموعو ”انڊلٺ“ مشهور آهـي. هو اوچ ڪوٽيءَ وارو نثر نويس ٻه هو. هنجو نثر سنڌو، سهڪ ۽ سوادي آهي. هن ٻالڪن جا ڪيترائي گيت لکيا هئا

ڪشنچند ”بيوس“ پنهنجي نئين يگ جو يگانو ڪوي ٢٣ سپٽمبر ١٩٤٧ع ۾ هن لوڪ مان لاڏاڻو ڪري ويو.

٩٣_ هنهنجو پيارو سائنسدان (پي-سي-ري)

ڀارت اهڙا گهڻائي سائنسدان پيدا ڪيا آهن جـن سائنس جي ڪيتر ۾ اهم کوجنائون ۽ ڦولهائون ڪيون

آهن. سر پي-سي-ري انهن مان هڪ آهي.

پارت جو مهان سائنسدان پرفلا چندر ري بنگال ۾ کلانا ضلع جي هڪ ڳوٺ ۾ ١٨٦١ع ۾ ڄائو هو. هن شروعاتي تعليم ان ڳوٺ ۾ ورتي ۽ پوءِ وڌيڪ اڀياس لاءِ هُو ڪلڪتي ويو. ڪلڪتي ۾ تعليم پوري ڪري هو علم طبعي ۽ علم ڪيميا جي اڀياس لاءِ ايڊنبرگ ڏانهن روانو ٿيو.

هو ١٨٨٩ع ۾ پارت ڏانهن موٽيو ۽ ڪلڪتي جي پريزيڊنسي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو. اُتي هن پاڻ کي ڪيميائي قولهائن ۾ مشغول رکيو ۽ پنهنجو نالو وڄايو. پارت ۾ سن شوڌن (يا قولها) جي ڪاريه کي زور وٺائڻ لاءِ هن ڪافي پاڻ پتوڙيو. هنجو "هندو ڪيميائي اتهاس نالي ڪتاب مشهور آهي."

هن بنگال ڪيميڪل ورڪس جو پايو وڌو. هن اهو ڪارخانو سؤن روپين جي مرڙيءَ سان چالو ڪيو ۽ هاڻي اهو پارت جي وڏي ۾ وڏن ڪارخانن مان هڪ آهي. هتي تيل، صابڻ، دوائون ۽ ٻيون ڪيترين شيون ٺهنديون آهن.

ڊاڪٽر ري هڪ مهان پرش هو. سادگي، صبر ۽ محنت هنجون خاص خاصيتون هيون. هو سادي گهر ۾ رهندو هو ۽ سادو کائيندو هو. هو پاڻ تي تمام گهٽ خرچ ڪندو هو. هن جو سادي جيون ۽ اوچ خياليءَ

۾ وشواس هو. ڀارت کي اهڙي اعليٰ سائنسدان جي مٿان ناز آهي.

٢٤- ڳوناڻي حياتي

ڪنهن ڪويءَ چيو آهي، ”ڳوٺ ايشور ناهيو آهي ۽ شهر اِنسان.“ اها چوڻي سورهن آنا سچي آهي. ڳوٺ قدرتي نموني نهال ٿيندو آهي. ڳوٺ ۾ هرڪا چيز اصلي روپ ۾ ملندي. اُتي اصليت آهي. سندرتا آهي. سادگي آهي. اُتي ايمانداري آهي. ڀلائي آهي. اُتي شانتي آهي، سنتوش آهي؛ صبر آهي.

ڳوٺ ۾ شهر وارو شور ڪونهي، شرارت ڪانهي ۽ شيطاني ڪانهي، اُتي سانت آهي. اُتي ونڊ ڦيڙ ڪانهي، ڌڪا ڌوڪي ڪانهي ۽ ٽڪر ڪانهي. اُتي مانُ آهي، ميناج آهي ۽ مزو آهي.

ڳوٺ جي هوا صاف ۽ تازي، پاڻي سيتل ۽ سٺو، اُس اثرائتي ۽ وايو منڊل شڌ. اُتي اِنسان قدرت جي ويجهو آهي جنهنڪري هو پنهنجي چوڌاري قدرت جا نظارا ڏسي پنهنجي اکين کي آنند ڏئي ٿو. سورج جي اُڀرڻ جو نيرڻ تار نظارو، سج جي لهڻ جو دل لڀائيندڙ درشيه هنجي من کي موج ڏين ٿا. ڏينهن جو پکين جون لاتيون، تارن ڀريون راتيون ۽ تازگي ڏيندڙ

پراڻيون ڳوٺاڻن جي هينئين جو هرش وڌائين ٿيون.
جنهن گاهه سان چانيل ٻنين ۾ هوا لڳيٿي، تنهن ٻنين ۾
بيٺل گاهه جي اندر لهرين واري لرزش پيدا ٿئي
ٿي. ڳوٺ جي ٻاهران چرندڙ جانور، انهن جا ڦر ٽڪر،
جانورن جي چڙن جي ڇوڻڪار ۽ پکين جي وڻندڙ
تنوار، ٽلين جي ٽڻ ٽڻ، گهنڊڙن جي گهڻ گهڻ، مڇرن
جو ساز ۽ ائٽ جو آواز، ڪره جو رنگين نظارو، مندر
يا دئارو؛ ڳوٺاڻن جي حياتي موج ۽ مزي واري بڻائي ٿو.

ڳوٺاڻا ساده ڪائين ۽ ساده پهرين گهڻي قدر پيرين
اگهاڙا گهمن. هنن جو کاڌو ساده ۽ پر طاقت ڏيندڙ آهي.
اني ڏڌ ۽ ڏهي جام، مکڻ مٿو ۽ ڪير جهجهو. ڳوٺاڻن جو
خاص کاڌو اهو ئي آهي.

ڳوٺاڻن جو هڏ پورهئي لاءِ هريل ٿئيٿو. اهي
ڪشالي کان ڪو ڪين ڪائين. جيءَ کي جفا ڏيئي جاڻن.
پورهئي سبب هنن جو سرير سگهارو رهيٿو ۽ رات جو
ڪين گهري ننڊ اچيٿي.

ڳوٺاڻا اڻ پڙهيل آهن جنهنڪري اڻڄاڻ آهي. هو
صفائيءَ ۽ صحت جي قاعدن کان واقف ناهن، جنهنڪري
اهي گندگيءَ جو خيال رکن ئي ڪونه. هن ڪارڻ اهي
ڪيترين بيمارين جو شڪار بڻجن ٿا ۽ ڪمهلو مرت ماڻين
ٿا. اهي پرمي ۽ تنگدل آهن.

٩٥- شهري حياتي

شهري حياتي ڳوناڻي حياتيءَ کان گهڻو ڦريل آهي. شهري حياتيءَ مان سرير کي سچو سک نٿو ملي ۽ دل کي سچي خوشي نٿي ملي. اتي شور آهي. اتي زور آهي.

شهر ۾ جايون ڳتيل رهن ٿيون جنهنڪري اتي هوا ۽ اس جي موج ملي ٿي ڪانه. اتي موٽرن ۽ ڪتارن جي ڌڌڙ پيئي سنائي ۽ ڪارخانن جي چمنين جو دونهون پيو اڇائي. شهري ماڻهو سٺيءَ ۽ تازيءَ هوا لاءِ پيا سڪن. اتي وقت بوقت سياسي، آرٿڪ ۽ سماجڪ ڳالهيون اٿل پٿل آڻيو ڇڏين. اتي پاپ ۽ پريشاني آهي؛ ننگي ۽ ناه آهي؛ بگاڙ ۽ برائي آهي.

گهڻي ڀاڱي شهرين جو ديوتا پيسو آهي. اهي پيسي پٺيان پاڳل ۽ پريشان آهن. انهن دولت جي ديوانن کي آرام آهي ئي ڪونه. سڀ وقت پيا پيسي ڪمائڻ لاءِ ڪوڙ پاپ ڪن ۽ هٿ هڻن. اهي پيسو ڪمائي پاڻ ۾ ڇڙاين جو بنياد پيا وجهن.

ساڳئي وقت شهري حياتي موج ۽ مزي کان خالي ناهي. شهر ۾ سڀ سک ۽ سهوليتون آهن. اسڪول ۽ اسپتالون آهن. مارڪيٽ ۽ ميوزم آهن. سئنيما ۽ صحت - گهر آهن. ڪاليج ۽ ڪورٽون آهن. باغيچا ۽

بنگلا آهن. ناٽڪ - گهر ۽ ڊاڪ - گهر آهن. هتي سواريءَ جا سڀ سانڍ موجود آهن. هتي پُستڪ آليہ ۽ وندر گاهہ آهن. هتي وڏا وڏا ڇاپخانا ۽ ڪارخانا آهن. شهر ۾ هرڪا چيز هڪدم حاضر ملي ٿي. هتي تہ نوان لاءِ هرڪو عيش عشرت جو سامان موجود آهي. هتي پيسي وارو پنهنجي من جي هرڪا مراد ماڻي ٿو. مطلب تہ شهر ۾ مالدار موج ۽ مزي ۾ گذاري ٿو. پيسي سان جسماني سک ملي ٿو پر انسان جو ڇڙوڇاڙو واڌارو ٿي نٿو سگهي. شهر ۾ جاين ۽ ڪاڌي جي شين جي تنگي رهي ٿي. اتي وقتي پاڻيءَ جي تنگي بہ محسوس ٿئي ٿي. شهري ماڻهو قدرتي نظارن ڏسڻ کان محروم رهن ٿا. شهر ۾ خرابي رهي ٿي. اتي هيبتناڪ حادثا ٿين ٿا. اتي شانتي ناهي. سڀ ڏينهن ماڻهن ۾ هڻ پٽ لڳي پيئي آهي.

شهر ۾ انسان جي بگڙڻ جو وڏو امڪان رهي ٿو. وڏي شهر ۾ ڪيترا ماڻهو بگڙجي پون ٿا. انهن ۾ جوابازيءَ، شرابخوريءَ، بيڙي پيئڻ وغيره جون عادتون پون ٿيون، جنهنڪري اهي ڏوهاري بڻجي سزائون پوڳين ٿا.

٩٦- اخبار خواني (اخبار پڙهڻ)

اخبار خبرن جي ڪاڻ آهي. هن مان اسانکي انيڪ قسمن جون خبرون ملن ٿيون.

اخبار چالو اتهاس جو اختصار آهي. اخبار مان ڏور ڏيهن ۾ ٿيل ڳالهين جي خبر پوي ٿي. هي عام خلق جي راين ۽ ويچارن ظاهر ڪرڻ جو اثرائتو ذريعو آهي. اخبار ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۽ هر پرورتيءَ جي کيتر ۾ ٿيندڙ ڳالهين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وڃي ٿي جنهن ڪري هن مان هر ڪنهن انسان کي پنهنجي چاهنا واري چيز ملي سگهي ٿي. ان ڪري ودوان، سائنسدان، سياستدان، ڊاڪٽر، ماستر، واپاري، سٽوڙيءَ، رانديگر، ڪاريگر، ٺيڪيدار، مضمون نگار، تواريخ نويس ۽ ناول نويس کي اخبار جي ضرورت پوي ٿي.

اخبار کي تعليمي اهميت آهي. هن مان اسانکي وڏن ويچاروان جا ويچار ۽ مهاپرشن جا مشاهدا معلوم ٿين ٿا جيڪي اسانجي اُتساهه جي کيتر کي وشال ڪن ٿا ۽ اسان لاءِ انيڪ پرورتين جا کيتر کولين ٿا. اخبارون شاگرد جو عام گيان وڌائين ٿيون. اخبار اسانکي اهي خبرون ڏيئي ٿي جيڪي اسانکي ٻئي ڪنهن به هڪ هنڌان ملي ڪونه ٿيون سگهن.

اخبار اڄڪلهه زندگي جو روح آهي. هنڪانسواءِ واپار ڪرڻ جيڪر مشڪل ٿي پوي. اشتهار بازي اڄوڪي واپار جي جان آهي جو نه ڪنهن به شئ کي مشهوري ڏيڻ لاءِ اخبار ئي اثرائتو ۽ ڪارائتو ساڌن آهي.

اخبار مان فائدا آهن ته نقصان به آهن. اخبار جو

ايڊيٽر جيڪڏهن انصاف وارو، عاقل ۽ بي رياءَ آهي ته هو اخبار ۾ سٺيون ۽ سچيون خبرون ڏيندو. ماڻهن ۾ پنهنجو وشواس ڄمائي ٿو ۽ هرڪو پڙهندڙ هن جي اخبار جو شائق رهي ٿو. پر بي ايمان ۽ بداصول سمپادڪ غلط، بدنام ڪندڙ ۽ خراب خبرون ڏئي ماڻهن ۾ اونڌو اثر پيدا ڪري ٿو، جنهنڪري اهڙي اخبار ماڻهن کي گمراهه ڪري ٿي.

٩٧- انگريزي تعليم

اسانجي ڀارت ديس ۾ انگريزي تعليم سٺو ڀارٽ ادا ڪيو آهي. هن اسانجي ديس ۾ قومي ايڪتا آندي آهي. وشال ڀارت ۾ جيڪي الڳ الڳ ٻوليون جا پرانت آهن تنکي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ انگريزيءَ سارا جوڳو ڀارٽ ادا ڪيو آهي. انگريزي تعليم ئي انڊين نئشنل ڪانگريس کي وجود ۾ آندو.

انگريزي تعليم دنيا جي سڀني ديسن ۾ ڦهليل آهي. دنيا ۾ اهڙو ديس مشڪل هوندو جتان انگريزي اخبار نه نڪرندي هوندي. اهو ڏيکاريٿو ته انگريزيءَ جو ڦهلاءُ سڄي سنسار ۾ آهي. اها انگريزي تعليم ئي آهي جنهن دوارا اسانکي دنيا جي ديسن جو حال احوال ملي ٿو ۽ انهن سان لڳ ۽ وچڙ ۾ رهي سگهجي ٿو.

انگريزي تعليم ئي اسان ۾ سياسي جاڳرتا آڻڻ ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو آهي. هينئر اسان ڪا به غلط جرڙ جڪ يا خراب حڪومت قبولڻ لاءِ تيار ناهيون. راجنيتي سوتنترتا ڏانهن به انگريزي تعليم ئي اسان جون اکيون کوليون آهن.

انگريزي تعليم اسان لاءِ مغربي وگيان ۽ ساهتيہ جا بي بها ۽ قيمتي خزانا کوليا آهن. انگريزي تعليم اسان کي انگلنڊ جي مشهور ليکڪن ۽ ڪوين جي مشهور ڪتابن پڙهڻ جو موقعو ڏنو آهي. انگريزي تعليم اسان جي ڀارت ۾ جگديش چندر بوس، پي-سي-ري ۽ سي-وي-رامن جهڙا جڳ پرسڌ سائنسدان پيدا ڪيا آهن.

اسان کي پنهنجي جهوني ساهتيہ ۽ وياڪرڻ وغيره جي خبر به انگريزن جي لکيل ڪتابن مان ئي پيئي. اسان پنهنجو ڌرم، ساهتيہ ۽ فيلسوفي به انگريزيءَ جي ڪري سمجهي سگهيا آهيون. انگريزيءَ سبب اسان پنهنجي ڌرم ۽ فيلسوفيءَ جي ڀيٽ ٻين ديسن جي ڌرمن ۽ فيلسوفيءَ سان ڪري سگهيا آهيون. انگريزيءَ جي ڄاڻ کانسواءِ هيءَ ڳالهه ممڪن نه هجي ها. انگريزيءَ ڄاڻڻ سبب اسان دنيا جي وڏن ديسن سان ڪلهي هڻڻ جو دم رکي سگهون ٿا.

انگريزي تعليم ۾ ڪي اوڻايون به آهن. ان اسان جي قوم ۾ مغربي تهذيب ڦهلائي ان کي سنئين رستي تان ٿيڙيو

آهي. تنهن ڪانسواءِ ڌاريءَ ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ اسانجي ديس جي جوانن تي بوجهه آهي، تنهنڪري اسانکي تعليم ڏيڻ جو ماڌيم انگريزيءَ مان ڦيري هندي ڪرڻ گهرجي ۽ ساڳئي وقت انگريزي ٻوليءَ کي به نصاب ۾ جاءِ ڏيڻ گهرجي.

٩٨- سفر يا مسافري

سفر تعليم جو حصو آهي. انهيءَ آزمودي ڪانسواءِ تعليم اڌوري آهي. تعليم اها ڪارائتي آهي جنهن سان سفر شامل هجي. دنيا جي گيان ۽ آزمودي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ضروري آهي. ڪتابن جو گيان تڏهن ڪارائتو ۽ اثرائتو ٿيندو جڏهن انکي مسافريءَ سان شامل ڪبو. ڪتابن ۾ پڙهيل ڳالهيون ايتريون مغز ۾ نٿيون ويهن جيتريون اهي ڳالهيون ٿيون ويهن جيڪي اکين سان ڏسجن ٿيون. گيان لاءِ انهيءَ ضروري آهي.

اسانجي ڌرمن جي پايو وجهندڙن به اها ڳالهه ڌيان ۾ رکي هئي ته انهيءَ ڪانسواءِ ڪو به گيان اڌورو آهي. پورن گيان جي پراپتيءَ لاءِ آزمودي ۽ انهيءَ جي ضرورت آهي، تنهنڪري هندو ڌرم جي بانين ڌرمي ياترا لاءِ اهڙا ته پوتر آستان چونڊي ڪڍيا جو ياترين کي لڳ ڀڳ سڄي ڀارت جو سير ڪرڻو پوندو. ڪاشي اتر ۾،

راميشور، ڪرڻ ۾، جگناٿ اوڀر ۾ ۽ دوارڪا اولهه ۾. ڌرم جي باني اهو ئي سوچيو هوندو ته جيڪو انسان اهي چارئي تيرٿ آستان پيٽيندو سو پنهنجي لنبيءَ مسافريءَ جي اندر ڪافي تجربو حاصل ڪندو.

سفر مان انيڪ فائدا آهن: سفر ڪرڻ سان ماڻهو گهر جو ڪوئو نه رهي، جنهن ڪري هنجا خيال تنگ نه رهن. سفر پاڻ تي ڀاڙڻ سيکاريٿو ۽ سياڻپ ۽ خيالات کي وڌائيٿو. سفر ڪرڻ سان ماڻهو قوت ۽ چالاڪ ٿئيٿو. سفر ڪرڻ سان جدا جدا ماڻهن جي ڌرمن، ذاتين، ريتين، رسمن ۽ عادتن جي ڄاڻ پوئي ٿي ۽ انهن کي چڱي طرح سمجهي سگهجي ٿو. جدا جدا شهرن ۾ وڃڻ سان جدا جدا شهرن جي ماڻهن جي دستڪاريءَ ۽ اديوگ جو گيان مليٿو.

سفر ڪرڻ سان ذات پات جو ڀيد مٽجي وڃيٿو، همدردي وڌي ٿي ۽ دنيا-دوستي جو ڀاو وڌيٿو. سفر ڪرڻ سان دل ڪشادي ٿئي ٿي ۽ سهنشيلتا جو گڻ سکجي ٿو.

زندگي جي خيال کان به مسافري ڪرڻ سٺي آهي. زندگي وارن کي مسافري ڪرڻ سان پتو پويٿو ته فلاڻي شيءِ ڪٿي ملي سگهندي.

اِنسان کي گهرجي ته سفر ڪرڻ کان اڳ ڪو ڪارائتو مقصد پنهنجي اڳيان رکي. رلڻ جي خيال کان مسافري

ڪرڻ بيڪار آهي. ڪن ماڻهن کي سفر ڪرڻ جو شوق هوندو آهي پر ڪنهن به هنڌ ٽڪاءُ نه ايندو اٿن. اهڙن ماڻهن کي مسافري نه جهڙو لاڀ ڏئيتي.

اڄڪلهه جي مسافري تڪڙي ٿئي ٿي. هوائي جهازن يا ريل گاڏين ۾ مسافري ڪرڻ ۾ ماڻهن ۽ انهن جي ريتين رسمن يا عادتن جي اڀياس ڪرڻ لاءِ تمام گهٽ وقت ملي ٿو.

مسافريءَ ڪندي جنهن به شهر ۾ وڃجي ته ان جو تفصيل سان اڀياس ڪجي.

٦٩- ڪتاب ڪهڙا پڙهجن

سائنس جي ترقيءَ سان گڏ دنيا به ترقي ڪري رهي آهي. اڄڪلهه دنيا ۾ انيڪ ڇاپخانا آهن جتي جدا جدا ٻولين ۾ بيشمار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ڇپجن پيا. هن زماني ۾ ماڻهن کي ڪتابن پڙهڻ جو ڪافي شوق آهي. فالتو يا واندڪائيءَ جي وقت کي ڪاٽڻ لاءِ ماڻهن ڪتابن پڙهڻ جو طريقو ئي ڳوليو لڌو آهي. مرد کي نوڪريءَ سان ايڏو دن نٿو لڳي جيڏو ڪتابن پڙهڻ سان. زال کي گهرو هاج لاءِ ايترو حرص نٿو رهي جيترو پستڪن پڙهڻ لاءِ. اڄڪلهه جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻيو ڪم پاسيرو رکي به ڪتابن پڙهڻ لاءِ وقت ڦٻائين ٿا.

ائين ڪٿي چئجي ته اڄوڪيءَ نهيءَ کي ڪتابن پڙهڻ جي چريائپ ورتي ويئي آهي. هاڻي سوال ٿو اٿي ته زالن يا مردن کي ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟

ساهتڪ پروتيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪتابن جو لکڻ ۽ پڙهڻ ضروري آهي. انيڪ وشين تي انيڪ ڪتاب پيا لکجن. ايڏي اٿاهه ساهتيہ جي ميدان ۾ گهڙڻ لاءِ رهبريءَ جي ضرورت آهي نه ته پڙهندڙ وڏي خطا کائيندو. هن لاءِ ڪتابن جي صحيح چونڊ جي ضرورت آهي.

هي سوال انهن سان لاڳو ناهي جيڪي پنهنجي زندگي جي لحاظ کان ڪتاب پڙهن ٿا. انهن کي ته اهي ڪتاب پڙهڻا ئي آهن. وڪيل کي وڪالت تي لکيل ڪتاب پڙهڻا آهن ۽ ڊاڪٽر کي ڊاڪٽريءَ تي لکيل ڪتاب. باقي سوال آهي انهن جو جيڪي پنهنجو فالتو وقت ڪاٽڻ ٿا چاهين يا جن کي ڪتاب پڙهڻا ئي آهن. اڄڪلهه ماڻهو اهي ڪتاب ٿا پڙهن جن مان کين موج ۽ مزو ٿو اچي. اڄڪلهه ماڻهن کي خاص انهن ڪتابن پڙهڻ جو شوق آهي جنم پريم ڪهاڻيون آهن يا جيڪي ڪام ترشنا کي پورو ڪن ٿا يا جن ۾ حياءَ جي حد ٽپيل آهي. اڄڪلهه ماڻهو اهي ڪتاب نٿا پڙهن جن جي پڙهڻ سان سندن روحاني ترقي ٿئي ۽ سندن خيالات کلي. مزو يا وندر ڏيندڙ ڪتاب

ڪڏهن ٻه خيال ڪي چيڙيندڙ يا عقل وڌائيندڙ نٿا ٿين.
منهنجي خيال ۾ جهونن ڌرمي ڪتابن پڙهڻ سان عقل کي ڪافي ورزش ملي ٿي ۽ آتمڪ اُنتي ٻه ٿئي ٿي. رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت گيتا، ويدن ۽ اُپنشدن ۾ روحاني حقيقتون ڏنل آهن. اڄڪلهه اهڙن ڪتابن پڙهڻ جي ضرورت آهي. اڄڪلهه انسان جي بُڌي پرشت ٿي پيئي آهي، تنهنڪري ڪيس ڌرمي پستڪ پڙهي سنئين راهه تي اچڻ گهرجي. هن ڪانسواءِ سنا سماجڪ قصا پڙهڻ گهرجن. انهن ۾ اسانکي جيڪي سماج جون اوڻايون يا تڪليفون نظر اچن سي ڪوشش ڪري دور ڪرڻ گهرجن.
اسانکي ڪڏهن ٻه خراب ڪتاب پڙهڻ نه گهرجن. اسانکي اهي ڪتاب پڙهڻ گهرجن جن سان لکڻ سڌرن، مغز کي ورزش ملي ۽ منهنجو آتمڪ پلو ٿئي.

١٠٠- زوري جنگي سکيا

انسان جو دماغ تڏهن درست رهندو جڏهن هنجو سرير درست هوندو. سرير جي درست رکڻ لاءِ ڪسرت جي ضرورت آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪسرت ڪرائي وڃي ٿي ۾ هفتي ۾ هڪ يا ٻه دفعا. اسڪول يا ڪاليج کان ٻاهر اهڙا ڪي ڇڏا وديارٿي آهن جيڪي

سرير کي سگهي رکڻ جي لحاظ کان ڪسرت ڪندا هجن. اهڙئي ڪارڻ آهي جو ڪيترا شاگرد پنهنجا سرير سالم ۽ سگهارا رکي ڪونه سگهيا آهن جنهنڪري اهـــي دماغي ڪمزوري پيا محسوس ڪن.

ڪسرت فوجي سکيا جو اهم حصو آهي، تنهنڪري هر راڄيه لاءِ ضروري آهي ته قوم جي بدني بهبوديءَ ۽ دماغي درستيءَ لاءِ پنهنجي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به فوجي سکيا ڏيڻ جو بندوبست رکن. فوجـي سکيا انتظام سيکاريندي ۽ انتظام ضابطو آڻيندو. ڪو به ڪاريه انتظام کانسواءِ سڦلتا نٿو پائي. انهن ڳالهين جي ڪري فوجي سکيا تمام ضروري آهي.

اڄڪلهه وشو شانتيءَ لاءِ گهڻو واد وواد هلي رهيو آهي. ڪي ديس ٻاهرينءَ طرح وشو شانتي برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ نه. هٿيار بنديءَ لاءِ زور لائي رهيا آهن؛ پر اندروني طرح جنگ ڪرڻ جا وڏي پيماني تي سانباها ڪري رهيا آهن. نه. هٿيار بندي ڪڏهن به جنگ جو انت آڻي نٿي سگهي. جيسين انسان جي منورتيءَ ۾ ڦيرو نه آيو آهي تيسين لڙائيءَ جو ڊوڊ دڪندو رهندو ۽ ڪڏهن اهو ڊوڊ ڀڙڪو ڏيئي باه جو روپ به وٺندو. جيسين انسان جي خود غرضي ۽ سنڌس ستا ۽ سوپ جي ڏاڄهه ختم نه ٿي آهي تيسين لڙائيءَ جا ڪارا ڪڪر آڀ ۾ ڇانيل رهندا ۽ ڪڏهن

اوچتو وسي به پرندا. اِنسان جي خود غرضي ختم ٿيڻي ناهي ۽ انهيءَ ڪري لڙائيءَ جو انت اچڻو ناهي.

لڙائي ٿيڻ جي انديشي سبب هر ديس کي ڪافي بيشو دائمي لشڪر جي پالنا وغيره تي خرچڻو پوي ٿو. لڙائي نه هئڻ جي حالت ۾ لشڪر جو خرچ اجايو آهي، تنهنڪري لشڪر جي مٿان ٿيندڙ ڳاٽي ٽوڙ خرچ جي بوجهه کي هٽائڻ لاءِ بهتر رستو اهو آهي ته اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ فوجي سکيا فرضي ٺهرائجي. هن ڪانپوءِ لشڪر گهڻو گهٽائي ڇڏجي ۽ جڏهن به لشڪر جي اوچتو ضرورت پوي تڏهن فوجي تعليم يافته جوانن کي لڙائيءَ جي ميدان تي موڪلي ڏجي.

فوجي سکيا مان ٻيا به ڪيترا فائدا آهن: فوجي سکيا اِنسان کي سگهارو، سترو ۽ بيٻپو بڻائي ٿي. اها هن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو ڀاوُ قوڪي ٿي جو قوم جي ڪلياڻ لاءِ سٺو آهي. ڪا به قوم پاڻمرادو مضبوط ڪانه ٿيندي جيسين فوجي سکيا ونڻ قبول نه ڪندي، تنهنڪري فوجي سکيا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لازمي ٺهرائي وڃي.

١٠١- نديءَ ڪناري

منهنجو گهر سابرمتي نديءَ جي ويجهو آهي. ڀرڀات جو وقت هو، مٺڙي هير لڳي رهي هئي. مونکي

اٿاري ننڊ هئي. ڪو مڌر آواز منهنجي ڪن تي پيو. مان اُٿي ڪڙو ٿيس. پنهنجي گهر جي پلويڙي کان هيٺ نهاري ڏٺم ته زالون ۽ مرد، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، ڀڄن ڳائيندين، جهانجهه وڄائيندين، خوشيون منائيندين نديءَ طرف پيئون وڃن. گهڻو ڪري هر ڪنهن جي هٿ ۾ ٿيلهي هئي. هڪدم هيٺ لهي ويس. ڪنهن کان پڇڻ تي معلوم ٿيم ته، هي پرشوتم مهينو آهي ۽ پورنما جو ڏينهن، جنهنڪري اهي سڀئي نديءَ تي سنان ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. هنن جي پٺيان ٻه ٽولن جا ٽولا نديءَ طرف ويندا ڏٺم. مان به تڪڙي تياري ڪري نديءَ طرف رخ رکيو.

اوندهه ۽ اُجالي جو پوري پرماڻ ۾ ميل هو ته مان به نديءَ طرف نڪري پيس. جيسين مان نديءَ تي پهتس تيسين اڇو صبح ٿي ويو. نديءَ طرف ويندي ڇا ڏسان ته ڪيترا فقير ۽ مسڪين زالون ۽ مرد ڪجهه ملڻ جي آس سان پنهنجي اڳيان جهولي وڇائي ويٺا آهن. نديءَ جي ڪناري تي ۽ نديءَ ۾ پاڻيءَ جي اندر عورتن جا انبوه، ماڻهن جا ميڙ ۽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ڏٺم. سنان ڪندڙ گهر بل يا گهرج کان به جون ڇانگون گهٽ ڪپڙا ٻت تي ڪري، سنان ڪري رهيا هئا.

نديءَ جي ڪناري جي روح افزا رونق هئي. زالن جون ڇاتيون شمس جي شعاع تي چڱيءَ طرح

چمڪي رهيون هيون. چالاڪ مرد پاڻيءَ ۾ ٽُٻي ڏيئي، وڃي پيا زالن جي وچ مان نڪرن. مردن کي وچ ۾ سنان ڪندو ڏسي به زالن کي اعتراض ڪونه پئي ٿيو. ڪي واندا ماڻهو ڪناري تان ويٺي هي نديءَ جو نيرٽار نظارو ڏسي رهيا هئا.

نديءَ ۾ موج متي پيئي هئي. اتي ڪل ۽ خوشي هئي. نديءَ ۾ سنان ڪندڙ پاڻ ڪي انيڪ نمونن ۾ وندرائي رهيا هئا. ڪي هڪ ٻئي کي پاڻيءَ جا ڇنڊا پيا هڻن. ڪي ٻئي همٿ ڪيا ڪري، انهن ۾ پاڻي ڦاسائي، پوءِ ٻنهي هٿن کي دٻائي پاڻيءَ جون پچڪاريون پيا ڇوڙين. ڪي ترڻ لاءِ همٿ پير پيا هلائين. ڪي ٽاڪوڙا پيا هڻن ته ڪي دڙها. ڇوڪرا لڏڻ وانگر ٽڙٻي رهيا هئا. ڪي ٽُٻيون پيا ڏين ته ڪي ڪنارن تان هيٺ، پاڻيءَ ۾ ٽُپا پيا ڏين. مطلب ته نديءَ ۾ موج لڳي پيئي هئي ۽ نديءَ جي ڪناري تي به زالن جي رنگين ڪپڙن، ماڻهن جي چرٻر ۽ چربٽي من کي مزو پئي ڏنو.

جيڪي زالون ۽ مرد نديءَ مان سنان ڪري ٻاهر پئي نڪتا سي صاف ۽ شڌ ڪپڙا پائي، ڪناري تي ويٺل برهمڻن وٽ وڃي پنهنجي نرڙ تي سندر جو تلڪ لڳائي يا لڳارائي، انهن کي پيسا يا اَن ڇهڻي ڏيئي، نديءَ مان پاڻيءَ لوٽي ڀري، پنهنجن گهرن ڏانهن

ويندا پيا ڏسجن. ان ڏينهن نديءَ ۾ ماڻهن جي کوٽ ئي ڪانه هئي. هڪڙا پيا اچن ته ٻيا پيا وڃن. مطلب ته نديءَ جي ڪناري تــي ماڻهن جو موهيندڙ ميلو لڳل هو.

١٠٣- سمنڊ جي ڪناري جو سير

آرتوار جي ڏينهن، سانجهيءَ ٽاڻي، سمنڊ جـــي ڪناري تي سير ڪرڻ سانگي، گهران ٻاهر نڪتس. بس ۾ ويهي، اچي ساحل تي سهڙيس. سمنڊ جـــي ڪناري تي گهمڻ سان دل کي فرحت ٿي آئي. سمنڊ جي صاف ۽ سيتل هوا تن کي تازگي ۽ روح کي راحت ٿي ڏني. مون خوب سيتل ۽ صحت بخش هوا کائي، پنهنجن ڦڦڙن کي فرحت ڏني.

سمنڊ جي ڪناري تي انيڪ اِنسان هواخوريءَ لاءِ آيا هئا. زالن جي قسمين قسمين ۽ رنگين ڪپڙن سمنڊ جي ڪناري کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو هو. مهراڻ ۾ هوا عجيب هلچل مچائي هئي. هـوا پنهنجي حرفت سان مانيٺي مهراڻ کي چيڙي ڇڏيو هو، جنهنڪري سمنڊ ۾ جوش ۽ خروش هو. سمنڊ پنهنجو ڇوهه ڇنين ڇولين دواران ڇنڊي رهيو هو. ڇوليون ڪاوڙ مان ڪناري سان لڳي پنهنجي منهن مان گَجَ ڪڍي رهيون هيون.

مان ڪو وقت تہ مهراڻ جي ان مست منظر ڏسڻ ۾ محو رهيس. مون جڏهن وشال نيلو نڀ مٿان ڏٺو ۽ بي ڪنار ۽ آزاد سمنڊ پنهنجي اکين اڳيان ڏٺم تڏهن منهنجي دل ۾ وشالتا ۽ آزادي جو ڀاو پيدا ٿيو. پري ڪان سمنڊ ۾ جنگي جهاز ۽ بيشمار ٻيڙيون هلنديون ڏٺم.

هڪڙو نوجوان پنهنجو پاليل ڪتو پاڻ سان وٺي آيو هو. ڪتي کي اهڙي تہ تعليم ڏني هئائين جو هن سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ بال ٻي اُڇلايو تہ هوُ انجي پٺيان ٽڪڙو ڊوڙي، انکي جهلي، وات ۾ وجهي، ڪيس ٻاهر کڻي ٻي آيو.

ڪيترا ماڻهو سمنڊ ۾ سنان ڪري رهيا هئا. جڏهن پاڻيءَ جي ڇولي سندن طرف ٻي آئي، تڏهن سندس ڇال کي نہ روڪڻ جي ارادي سان، اُچانگ ڏيئي، هنکي اڳتي وڌڻ لاءِ وات ڪري ٻي ڏنائون.

ڪناري تي ٻالڪ انيڪ نمونن جون رانديون ڪري رهيا هئا. ڪي هڪٻئي کي ڊوڙائي ۽ ٽپڪائي رهيا هئا. ڪي واريءَ جا گهر ٺاهي رهيا هئا. ڪي گهوڙن کان ڪاٺڻ جا ٽول وٺي رهيا هئا. پريمي، پريم وندڻ ۽ روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري جي ڪنڊ پاسي ويٺل نظر ٻي آيا. پارسي سج طرف منهن ڪري، انجي پوڄا ۽ شردا سان پوڄا ڪري رهيا هئا.

هنوقت سج لهڻ هارڪو هو. سج لهڻ جو نظارو من

کي مست ڪندڙ ھو. سندس سونهري روشنيءَ سمنڊ جي ڪناري تي ھر حاضر چيز کي سونهري وستر پاتا ھئا. ھن ڪانئوءَ سج آھستي آھستي سمنڊ ۾ گم ٿيندو ويو ۽ آخر اُن ۾ ٻُڏي ھٽي غائب ٿي ويو. مان به پوءِ گهر ڏانهن موٽ ڪاڍي.

١٠٣- ريلوي ٿرڊ ڪلاس جي مسافري

اونهاري جي موڪلن ۾ مون ٻڙوُدا وڃڻ جو ارادو ڪيو. ھڪ ڏينهن صبح جو سوُراشٽر ايڪسپريس، پڪڙڻ لاءِ مان رڪشا ڀاڙي ڪري اچي مڻي نگر اسٽيشن تي پهتس. ھڪ ته موڪلن جو وقت ھو ۽ ٻيو شادين جو ٽائو. پليٽفارم تي گهاڻيهه لڳي پئي ھئي. سڄو پليٽفارم ماڻهن سان ستيل ھو. اُتي پير پائڻ جي جاءِ ڪانه ھئي. گاڏي احمدآباد کان اچڻي ھئي. گاڏي ٿورو وقت ترسڻي ھئي ۽ گهڻا ماڻهو چڙهڻا ھئا. آخر گاڏيءَ ڏيکاري ڏني. پليٽفارم تي چرپر سان گڏ ماندائڻ مچي ويو. ھرڪو ماڻهو سامان ويڙهو رکي، گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. اڃا گاڏي چرپر ۾ ئي ھئي ته چڙهندڙ ماڻهن گاڏيءَ جي درن ۽ درين کان پنهنجو سامان اُڇلائي اندر ڪيو ۽ پاڻ به جتان جاءِ مليِن اُتان اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. آخر گاڏي پليٽفارم

ٽي اچي بيٺي. ويندڙ ماڻهن پليٽفارم تان گاڏيءَ تي
زوردار حملو ڪيو. مان به انهن سان شريڪ ٿيس. مان
به ٽڪا ڏوڪي ڪري، گاڏيءَ جي دروازي وٽ
پهتس ۽ زور ڏيئي پيٽي اندر ڪري، پاڻ به اُن ۾
چڙهي پيس. مونکي مشڪل سان دروازي کان ٿورو
پري بيهڻ جي جاءِ ملي. پوءِ ٻيا ماڻهو به اندر گهڙي
آيا. انهن ماڻهن ۾ هڪڙو اهڙو هو جيڪو پنهنجي دوست
کي اسٽيشن تي اُماڻڻ آيو هو، پر چڙهندڙ ماڻهن جي
ڌوڪ ڌوڪان ۾ گاڏي اندر ڌڪجي آيو هو. هن
گهٽيون ئي ڏانهون ڪيون ته مونکي هيٺ لهڻ ڏيو پر
ڪنهن ٻڌس ئي ڪو نه. مونکي ته ماڻهن وچ ۾ دٻائي
ڇڏيو. مان پيهاڻجڻ لڳس. گهٽيئي ڏانهون ڪوڪون
ڪيم، پر ڪر ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪو نه هو. هرڪو پاڻ
۾ پورو هو. مان ڇٽڻ پڄڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪيئي،
پر مونکي چوڌاري اهڙو ته جهرو ڪوٽ اچي ويو هو
جو مان سُوٽ به سُري ڪو نه سگهيس. ماڻهو جيڏانهن
به پيا ڇرن تيڏانهن دٻ مونکي پي آئي. مان قيد
۾ قابو ٿي ويس. ڇرڻ بند. ڏسڻ بند. جتي پنهنجي
سرير جو سماءُ ڪو نه پي پيو اتي پيٽيءَ جو پتو ڪيئن
پوي؟ مون سان اها اچي ڪار ٿي جو شل ڪرتار
ڪنهن سان نه ڪري! نه ڇري پي سگهيس ۽ نه پاسو
بدلائي پي سگهيس. چئني طرفن کان هوا جو رستو به

بند هو، سو ساھ بہ مشڪل مان ڪڍي ٿي سگهيس.

گاڏي ڇٽي، پر منهنجو موڪ نہ ٿيو. زبردست گڙديءَ سبب ٻين ۾ ڪنجهڪار هئي، جوانن ۾ راڙو راڙ هئي ۽ ٻارن ۾ ٻاڪار هئي. مان بہ جڻ ٻيٺيءَ ۾ ڦٽڪ ٿيل هوس. سرڻ ۽ ساھ کڻڻ لاءِ بہ سڪي رهيو هوس. آخر ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ گاڏي اچي ٽڙودا پهتي. اهي ٽي ڪلاڪ ساندھ، مان ٻنا ڪاڏي ٻيٺي جي اُپين ٻيرين بيٺو هوس. مطلب تہ ماڳہ تي پهچڻ سان منهنجو موڪ ٿيو.

١٠٤ـ ٻيڙيءَ جو سَفَر

مان ۽ منهنجا ساٿي چاندوڪيءَ رات جو، هوا کائڻ جي خيال کان، سمنڊ جي طرف نڪري پياسين. روح رهاڻيون ڪندا اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتاسين. روشن رات کهڙو نہ عجيب رنگ لڳايو هو! جڏهن چنڊ جا سفيد ۽ سيتل ڪرڻا سمنڊ جي سيني تي ٻي پيا، تڏهن ائين پيو ڏسجي تہ جڻ سمنڊ تي ڪنهن چانديءَ جي سفيد چادر وڇائي ڇڏي آهي. جڏهن سمنڊ جون ڇوليون ڪناري سان لڳي ڦيڻ پيئون پيدا ڪن، تڏهن اها سفيد ڦيڻ چنڊ جي سفيد سوجهري ۾ روح کي راحت پيئي ڏئي. مهراڻ جو هي من موهيندڙ نظارو ڏسي، منهنجي دل سرڪي تہ جيڪر هن روشن

رات جو سمنڊ جو سير ڪجي. ساٿين سان صلاح ڪيم. هنن هڪدم "ها" ڪئي.

اسان هڪ مضبوط مڪڙي ڏسي، ڪرائي (ڀاڙي) ڪئيسون؛ وقت وڃائڻ ڪانسواءِ، ونجهه جي واهر سان، ٻيڙياتي ٻيڙيءَ کي ڪناري تان هٽائي، سمنڊ طرف هلايو. ٻيڙي اڳيرو هلي ته ٻيڙياتي سڙھ سنوان ڪيا. هن ڪانپوءِ ٻيڙي سنيءَ رفتار سان هلڻ لڳي. واءُ به ويگ ڪونه هو تنهنڪري مڪڙي موج ۽ مزي سان پي هلي. اُپ ۾ چمڪندڙ چنڊ ۽ سمنڊ جو صاف پاڻي اندر کي آنند ڏيڻ لڳا. جڏهن پاڻيءَ ٻيڙيءَ جي پاسن سان لڳي ڦينگون اُڏائي اسانجي منهن تي پي اُڇليون تڏهن اسان کي فرحت پي آئي. چنڊ جي سفيد سهاءَ سبب سمنڊ جي سيني تي هر ترندڙ شئه سفيد، صاف ۽ دلڪش نظر پي آئي. چنڊ جي اجالي جو اثر اسانجي دل ۽ دماغ تي ٿيڻ لڳو. ڇولين جي ڇلڻ سبب اسان جي هوڙي هندوري مثل لڏڻ لڳي، جنهنڪري اسانکي ڏاڍو آنند پي آيو. چنڊ جي چٽائيءَ ۽ درياه جي دل ليائيندڙ درشيه جو اثر ٻيڙياتي تي به پيو. هنجي اندر ۾ امنگ اٿيا ۽ هُو ٻيوس ٿيڻجي، هڪ گيت ڳائڻ لڳو. هنجي مڌر آواز اسانجو من موهي ڇڏيو. اسان به پاڻ روڪي ڪونه سگهياسين. اسان به خوب ڳائي دل خوش ڪئيسون.

اوير ٿي چڪي هئي سو اسان ملاح کي مڪڙي موڙڻ لاءِ چيو. هن پوءِ ڪشتيءَ جو رخ ڪناري طرف ڪيو. واءُ سٺو هو، تنهنڪري اسان سنت ئي اچي ساحل (ڪناري) تي پهتاسين.

١٠٥- هوائي جهاز جو سفر

مونکي ٿوري وقت ۾ بمبئيءَ پهچڻو هو. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ احمدآباد جي هوائي اڏي تان بمبئيءَ وڃڻ وارو هوائي جهاز ڇٽڻو هو. مان ٽئڪسي ڀاڙي ڪري بنا وقت وڃائڻ جي، اچي هوائي اڏي تي پهتس. پاڳ پلو هيم جو ٽڪيٽ ملي ويم.

مان هڪدم وڃي هوائي جهاز ۾ ويٺس. اندر ويهڻ سان پاٽڪي پٽو ٻڌي ڇڏيم. سائي جهنڊي ڦڙڪي ۽ هوائي ٻيڙو هلڻ لڳو. پهريائين جهاز پنهنجن ڦيٿن سان زمين تي هلڻ لڳو ۽ جڏهن ان جي رفتار ۾ تيزي آئي تڏهن هو ڌرتيءَ تان پير ڪٽي، هوا ۾ هلڻ لڳو. مان پهريون پيرو هوائي جهاز ۾ چڙهيو هوس تنهنڪري شروعات ۾، منهنجي دل ڊپ وچان ڌڪڻ لڳي. هڪ ڪانپوءِ جڏهن هوائي جهاز مٿي چڙهندو ويو، تڏهن منهنجو ڊپ گهٽجڻ لڳو. هاڻي جهاز ڪافي اوچائيءَ تي اڏي رهيو هو. مون جهاز جي ٻاريءَ مان ٻاهر نهاريو.

مونکي زمين واريون وڏيون شيون بہ تمام ننڍيون نظر اچڻ لڳيون. شهر جا اوچا منارا ۽ ڏهن طبقن وارا مڪان بہ مونکي ننڍا نظر پئي آيا. ريل جا پٽا ڪارن ڌاڳن وانگر پئي ڀاسيا. سمنڊ جو مٿاڇرو اڇيءَ چادر مثل پئي ڏٺو. موٽر ڪاريون ۽ بسيون وغيره ننڍن ۽ وڏن ٽڪن وانگر پئي ڏٺيون.

اسانجو هوائي جهاز سمنڊ، ندين، پهاڙن وغيره جي مٿان اڏامندو رهيو. هو آخر ڪڪرن کي ڪاٽي انهن جي مٿان چڙهي ويو. ڪڪرن جي ڪري زمين اسان کان غائب ٿي وئي. مگر بانڻ اسانکي هلڪو ناشتو ڪرايو. ايتري ۾ اسانکي چتاءُ مليو تہ هوائي جهاز بمبئيءَ مٿان اڏامي چڪو آهي. اسان لهڻ لاءِ تيار ٿي وياسين. ايتري ۾ جهاز بہ شانتاڪروز هوائي اڏي تي اچي لٿو. مان جهاز مان هيٺ لهي، ٽئڪسي ڀاڙي ڪري، پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيس.

١٠٦- منهنجي اوڪاش ياترا

يا

منهنجو سندر سپنو

نوٽ:- هن مضمون ۾ ٻئي مضمون سمايل آهن.

رات جو پوين پهر هو. مونکي اتاچري ننڊ هئي. ننڊ ۾ مون هڪ سپنو ڏٺو. سپني ۾ ڏٺم تہ ڀارت

سرڪار پڌرائي ڪئي آهي تہ اسان هڪ اوڪاشي ومارڻ ناهي تيار ڪيو آهي ۽ انکي بمبئيءَ مان اوڪاش ۾ موڪلڻو آهي. هنلاءِ اسانکي ٽن جانباز جوانن جي ضرورت آهي. جيڪو بہ هن جانبازن جي ٽوليءَ ۾ پاڻ ونندو تنهنکي سرڪار طرفان بہ لک روپيا نقد انعام طور ملندا. هيءَ پڌرائي پڙهي منهنجي دل سرڪي. مان بالپڻ کان وٺي پيدائو آهيان ۽ جان جي بازي لڳائڻ ۾ مشهور آهيان. مون اوڪاش ۾ وڃڻ جو پڪو ويچار ڪيو. مائٽن منهنجو اٽل ارادو ڏسي، مونکي مايوس منهن سان موڪل ڏني.

مان بمبئيءَ ۾، مقرر وقت تي ۽ مقرر جاءِ تي وڃي حاضر ٿيس. پارٽ جي ٻين پاسن کان اٽڪل هڪ ڊزن جوان مونکان اڳ اتي پهچي ويا هئا. اسانجي چونڊ ٿي. منهنجو سگهو ۽ سترو ٿر سريرُ ڏسي، مونکي پهريائين چونڊيائون. مون سان گڏ ٻيا ٻہ جوان بہ چونڊيا ويا. مونکي ٽوليءَ جو اڳوان ڪيو ويو.

هنکانپوءِ اسانکي هڪ خانگي ڪمري ۾ آندو ويو. اتي اسانکي عجيب ڪپڙا پهرايا ويا. اسانکي پوءِ اوڪاشي ومارڻ طرف نيو ويو. اتي اسان ڏاڪڻ ذريعي وڃي ومارڻ ۾ ويناسين. اتي اسانکي ڪاڌي جون شيون، پاڻي، بنا تند تار جو سيٽ، خوردبيني، ڪئميرا ۽ ٻيا ڪيترا ڪارائتا اوزار پڻ ساڻ ڏنا ويا.

پر پات جو راڪيٽ ڇوڙيو ويو ۽ اسانجو وماڻ بجليءَ جي رفتار سان گهڻيءَ اوچائيءَ تي چڙهي ويو. اسان ڌرتيءَ کان اٽڪل هڪ سؤ ميل مٿي هئاسين. اتي راڪيٽ اسانجي وماڻ کان الڳ ٿي ويو. اسانجو وماڻ ڌرتيءَ جي ڪشش کان ٻاهر نڪري آيو هو، جنهنڪري وماڻ تي ڌرتيءَ جي ڇڪ بلڪل ڪانه هئي. اتي اسانجو وماڻ هڪ ڪلاڪ ۾ ٢٣ هزارن ميلن جي رفتار سان ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندو رهيو. اتي اسان هوا وانگر هلڪا ٿي پياسين. اسان جي تور ئي ڪانه هئي. هي اسانجو عجيب آزمودو هو.

اسان هتان پرٿويءَ، چنڊ ۽ ٻين گرهن ڪي جاچڻ لڳاسين. اسانکي هرڪا چيز عجيب ۽ نئين نموني ڏسڻ ۾ پئي آئي. مان پنهنجن آزمودن ۽ مشاهدن جو سمورو سماچار وقت بوقت ڀارت سرڪار کي ڏيندو رهيس. ان وچ ۾ مونکي اوڪاش ۾ گهمڻ جو موقعو مليو. مون جڏهن اوڪاش ۾ چڪر پي لڳايا تڏهن مونکي اڻور قسم جو آنند پئي آيو.

اسان بک لڳڻ تي ناشتو ڪندا هئاسين ۽ وقتي واري وٿيءَ تي اک لائيندا هئاسين. آخر اسان ٻن ڏينهن کانپوءِ ڌرتيءَ ڏانهن موٽڻ جو رخ رکيو. اسان ٿوري وقت ۾ اچي بمبئيءَ لٿاسين. اتي انيڪ ڀارتواسي اسانجي آجيان لاءِ آيل هئا. ڀارت سرڪار به اسانجو

ڏاڍو قدر ڪيو. انجام موجب، اسان مان هرهڪ کي ٻه لک روپيا نقد انعام ڏنو ويو. مان جيئن انعام وٺي خوشيءَ مان نچندو ٻــي آيس، تيئن الارم مونکي پنهنجي ڪن ڪڍندڙ آواز سان ننڊ مان اٿاريــو. ننڊ مان اٿي ڏسان ته نه آهي اوڪاشي وماڪ ۽ نه انعام. اهڙيءَ طرح منهنجو خوشي ڏيندڙ خــواب ڪن ۾ ختم ٿي ويو.

١٠٧- سهائي رات

سرشتيءَ ۾ جيڪي ٻه سندر چيزون ايشور اپايون آهن، تن مان چانڊوڪي رات هڪ آهي. رات جــي وقت جڏهن سنسار جي سانتيڪائي چنڊ جــي سفيد روشنيءَ ۾ سنان ڪريتي تڏهن انکي ڏسي اندر کي انوکو آنند اچيٿو. سارو سنسار چنڊ جي سيتل ۽ سفيد سجهندي ۾ سرڳ سمان لڳيٿو ۽ انوقت مــن موج ۾ اچي، نرالو ناچ ڪريٿو.

سمنڊ جي سيني تي ٻه چنڊ چگــو چهچٽو لائيندو آهي. جڏهن سمنڊ جي ڇولين تي، ششيءَ (چنڊ) جو شعاع پوندو آهي تڏهن انهن جو نظارو ڏسي دل خوشيءَ ۾ ڪڇندي آهي. سهائيءَ رات جو سمنڊ ۾ لهرين جي لس ليٽ لڳل هوندي آهي تنهنڪري سمنڊ وڏيڪ وٽندڙ لڳندو آهي.

جڏهن نديءَ جي نرمل جل مٿان چوڏهينءَ جو چنڊ پنهنجو پرڪاش اُڇلائيندو آهي تڏهن اهو جهڳمڳائيندڙ جل دل کي خوب خوشي ڏيندو آهي. نديءَ جي صاف پاڻيءَ ۾ چندرما جو عڪس من کي موهيندڙ لڳندو آهي. ڳوٺن ۾ جتي ساوڪ سان ڇانيل موڪرا ميدان ۽ ڪليل کيت هوندا آهن، اُتي چانڊاڻ ڇڳي موج مچائيندي آهي. چنڊ جي چٽائيءَ ۾ سرسبز ٻنين ۾ بيٺل ناريون ۽ نر پاڻ کي پرستان ۾ سمجهندا آهن.

باغ ۾، چانڊوڪيءَ رات جو، هلڪي ۽ هڳاءَ سان ڀريل هوا، مشڪندڙ ۽ موهيندڙ مکڙيون، چندرما جا وڻندڙ ۽ تازگي ڏيندڙ ترورا، جيڪي باغ جي اندر هر چيز کي پنهنجي پرڪاش ۾ موهيندڙ بڻائين ٿا، سي اسانجي اکيان نيڻ ٺار نظارو پيش ڪن ٿا. ان وقت اِنسان انوکي آنند جو احساس ڪري ٿو.

روشن رات ۾ اونده جو آزار دور ٿئي ٿو، تنهنڪري سفر سٺائو لڳي ٿو. چنڊ جي چٽائيءَ ۾ سنساري سوجهري جي گهرج گهٽ رهي ٿي. چانڊوڪيءَ رات ۾، مور موج ۾ اچي، مجرو ڪري ٿو. روشن رات ۾ ڪيتريون محفلون ٿين ٿيون. سهائيءَ رات ۾ هرڪا چيز ھرڪائيندڙ لڳي ٿي ۽ ڌرتيءَ جي ڌما وڌيل نظر اچي ٿي.

—o✿o—

۱۰۸- سئنيما ۽ ان مان فائدا يا نقصان

سئنيما جاڳرتا آڻڻ ۽ وندر جو اثرائتو ذريعو آهي. اڄڪلهه جي نندي ٿهي ته سئنيما پٺيان پاڳل ۽ پريشان آهي. جتي وچ اُتي ائڪٽرن ائڪٽريسن جون ڳالهيون ٻيٺون ٻڌبيون. اڄڪلهه جا جوان فلمي دنيا جي تازي جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اُني شائق آهن.

سئنيما کي تعليمي قيمت آهي. جنهن ڳالهه بابت اسين فقط ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون سا اينري قدر سمجهه ۾ نه ايندي يا ياد نه رهندي جيتري قدر سئنيما ۾ ڏسڻ سان سمجهه ۾ ايندي يا ياد رهندي. سئنيما جي اندر جيڪا ڳالهه اکين سان ڏسجي ٿي يا ڪنن سان ٻڌجي ٿي تنهنجو دل تي گهڻي وقت لاءِ اثر رهي ٿو.

جيڪي دور ديس ۾ ماڻهو رهن ٿا تنجي ريتين ۽ رسمن، عادتن ۽ افعالن، پوشاڪن ۽ پوړتين جو پوري طرح پتو تڏهن پوندو، جڏهن اسان انهن ملڪن ۾ پاڻ ڪجهه وقت رهي ايندا آهيون ۽ هن ڳالهه لاءِ ڪافي ناڻو کپي. مگر سئنيما ۾ اسان سڀ ڳالهيون تمام ٿوري خرچ سان ڏسي سگهون ٿا. دنيا جي کهڙي به درليب يا عجب ۾ وجهندڙ چيز اسان سئنيما جي پڙدي تي ڏسي سگهون ٿا. سئنيما شاگردن کي تواريخ، جاگرافي، سائنس سکڻ ۾ تمام سني مدد ڪري ٿي. الڳ الڳ

ديسن جون فلمون ڏيکاري اهي ڪراسا وشيه اهڙي
ته اڀرائيندي، وندرائيندڙ ۽ موهيندڙ نموني سيکاريا وڃن
ٿا جو اهي ڳالهيون يا واقعا يا تجربا اُتي جو اُتي
شاگردن کي ياد پئجي وڃن ٿا.

سئنيما هڪ ڪارائتو اُستاد ۽ اخلاق سيکاريندڙ
آهي. هر سٺيءَ فلم ۾ ڪا نه ڪا سٺي نصيحت موجود
هوندي آهي. ڪا فلم پتنيءَ جو پنهنجي پتيءَ لاءِ
اٽوٽ پيار ڏيکاريندي. ڪا ديش ڀڳتيءَ جو ڀاو ڀريندي،
ڪا ماءُ پيءُ جي آگيا ۾ رهڻ سيکاريندي. ڪا سچ ۽
صداقت مٿان سر ڏيڻ جو سيکاريندي. ڪا خود قربانيءَ
جو پاٺ پڙهائيندي ته ڪا ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۽ ڀيد ڀاو
مٽائڻ جو مارڳ ڏيکاريندي.

اهو آهي سئنيما جو روشن پاسو. انجو اونداهو پاسو
هن طرح آهي: اڄڪلهه فلم-اديوگ ناڻي ناهڻ جو
اديوگ ٿي پيو آهي. اڄڪلهه فلمون تيار ڪندڙ ناڻي
ڪمائڻ ۾ غلطان آهن، جنهنڪري اهي فلمن جي نيتڪ
پهلوءَ ڏانهن بلڪل ڌيان ڪو نه ٿا ڏين. اجوڪين فلمن
نوجوانن جا من ملين ڪري ڇڏيا آهن. اهي نئين نئين
فئشن جا شڪار بڻجن ٿا. انهن کي خراب ۽ فاحش
راڳن ڳائڻ ۽ ٻڌڻ ۾ مزو اچي ٿو. فلمن جي اندر فاحش
نظارا نوجوانن جو اخلاق ۽ درشٽي خراب ڪن ٿا
جنهنڪري انهن کي جوا ڪرڻ، بيڙي پيئڻ وغيره
جون خراب عادتون پون ٿيون.

فلم ٺاهيندڙن کي اک کولڻ کپي. انهن کي اهي فلمون ڪڍڻ ۽ تيار ڪرڻ نه گهرجن جيڪي نوجوانن جي دلين ۾ برائي ۽ بگاڙ جو ٻج پوکين. اڄوڪا نوجوان پنهنجي ملڪ جا ڪاروبار هلائيندڙ ٿيڻا آهن، انهنکي فلمن دواران سچائيءَ، ايمانداريءَ، سخت پورهئي، نرسوارٿ شيوا، خود قربانيءَ جا پاٺ پڙهائڻ گهرجن ۽ کين تندرستيءَ ۽ سٺيءَ چال چلگت جي نيمن پالن ڪرڻ جون هدايتون ڏيڻ گهرجن.

سئنيما تعليم ۽ وندر ڏيڻ جو سٺو، سستو ۽ سولو طريقو آهي، جنهنڪري غريب به انجو ٿوري خرچ ۾ لاڀ وٺي سگهن ٿا.

١٠٩– ڏيتي ليتي

ڏيتي ليتيءَ جي باه گهڻو ڪري اسانجي سڄي ديس کي وڪوڙي ويئي آهي. اهڙو انسان مشڪل ملندو جنهن کي هن باه جي جهر نه جرائيو هوندو. سچ پچ ته هن ڏائڻ ڏيتي ليتيءَ اسانجي ملڪ جي ستيا ناس ڪري ڇڏي آهي.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڏيتي ليتيءَ جو رواج ڪونه هوندو هو. جيئن جيئن ماڻهن کي لالچ ونندي ويئي، تيئن تيئن اهي ڏيتي ليتيءَ جي ڄار ۾ ڦاسندا ويا.

اڄڪلهه ڏيتي ليتيءَ جو مدار آهي ڇوڪري جي ٻوگيتائن تـي. ڇوڪرو جيترو وڌيڪ پڙهيل هوندو اوتري ڏيتي ليتي ڪيس وڌيڪ ملندي. هن زماني جا نه فقط پڙهيل ڇوڪري جا ماءُ پيءُ ڪنوار ٻـيءَ کان پنهنجي مرضيءَ موجب ناڻو وٺڻ ٿـا چاهين پر اڻ پڙهيل ڇوڪري جي ماءُ پيءُ جي ٻه پيسي وٺڻ لاءِ دل سرڪي ٿي. مطلب ته اهڙو مالدار يا مسڪين ڪو مشڪل ملندو جـو ڏيتي ليتيءَ جـي ڏنگ کان بچيل هوندو.

ڌنوان ڪيترو نه ڌن ڏيئي پنهنجن ڌيئرن کي اُٿارڻ ۽ وڃي ٿا پار پون، پر جيڪي اٽين ۽ چاڙهين ٿن وٽ پيسو ڪٿان اچي جو پنهنجون ڌيئر اُڪلائين؟ پوريءَ پنيءَ وارا جنکي مجبور ٿي ڏيتي ليتي ڪرڻي پوي ٿي، سي لاچار ٿي پنهنجو وويڪ وڃن ٿا. اهي سچائيءَ ۽ وفائيءَ سان وداع ڪري، بي ايمانيءَ ۽ برائيءَ جو پلاند پڪڙي، ڪذا رستا اختيار ڪري، پـاپ جو پيسو ڪمائي، پنهنجون ڌيئر شينهن ڪلهي چاڙهين ٿا. سنيءَ سڪئي ۽ پڙهيل ڇوڪري همت ڪرڻ لاءِ ڪين اها زهريلي ڦڪي ڦڪڻي پوي ٿي.

اڄڪلهه زالن توڙي مردن کي هٻڇ جو هائو ڪائي ويو آهي. اهي لالچ جي وس ٿـي پٽ ساهرن کي ڏاڍو پريشان ڪن ٿا. گهوٽ ماءُ جو پيءُ ته پگهوان پري.

ڪيترو ٻہ ڀت ساهرو ملندس، سو ٿورو ڪري سمجهندي. اهڙيون هيچ جون هنيل زالون هر وقت پيئُون پنهنجن ٺهن کي مهڻن سان ماريندي يون آهن ۽ سندن روٻرو سندن پيڪن کي ڀتي پيئُون ڪين ڳجهيءَ طرح ڳاريندي يون آهن. مطلب تہ ڏيتي ليتيءَ جي ڳالهہ تي سسن جو ٺهن سان دائمي جهيڙو پيو هلندو آهي. هن دائمي رد بدل جو ڪڏهن ڪڏهن اهڙو نگرو نتيجو نڪرندو آهي جو ڪي سخت دکي ٺهوُن وجهہ وٺي، ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجو انت آڻينديون آهن.

بدن جي اچڪلهہ ڪانہ ٿي هلي. نوجوان پڙهيل طبقو بہ هن بريءَ بيماريءَ جو علاج ڳولي نٿو سگهي. شل ايشور سندن من ۾ سنئين وجهندو جو اهي پنهنجي منورتيءَ ۾ ڦيرو آڻي، هن مرض کان مڪتي ماڻيندا!

١١٠- سماج - شيوا

سماج جي شيوا ڪرڻ اِنسان جي مکيہ فرض مان هڪ آهي. هن سنسار جي اندر اهڙيون ڪيتريون ئي شيون آهن جيڪي دل کي خوشي ڏين ٿيون. سئنيمائون، ڪتاب، قدرت جا نوراني نظارا، دستڪاريءَ جو ڪم، سنگيت، چترڪلا، پيار، شاديءَ جا شغل، پهاڙي شهر وغيره. پر انهن چيزن مان اها

دائمي ۽ قدرتي خوشي اُنهي ملي، جهڙي سماج شيوا مان.

پنهنجي پاڻ ۽ ڪلياڻ لاءِ تہ هرڪو ڪم ڪري ٿو پر ڪرو ڪو ٻين لاءِ ڪري. قدرت جي هرهڪ وستو ٻين جي ڀلي ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي. سورج دنيا جي جيون کي روشني ۽ گرمي ڏئي ٿو، چندرما اونداهيءَ رات کي روشن ڪرڻ لاءِ چمڪي ٿو. ڌرتي انسان ذات لاءِ اناج پيدا ڪرڻ لاءِ وهي ٿي. پٽ ڪيڙو انسان لاءِ ريشم پيدا ڪرڻ جو ڪارج ڪري ٿو. گل سڳنڌ ۽ سرهاڻ ڏيڻ جو ڪارج ڪري ٿو. پروت پنهنجي پيٽ ۾ انيڪ پرڪارن جا پٿر ۽ قيمتي ڌاتو رکيو، جيڪي انسان کي انيڪ ڳالهين ۾ ڪم اچن ٿا. پاڻي اُج لاهي ٿو ۽ هوا ساهوارن کي جيئرو رکي ٿي. هاڻي جڏهن قدرت جي هرهڪ چيز انسان ذات لاءِ ڪو نہ ڪو ڪارائتو ڪم ڪري ٿي، تڏهن منش، جو سڀاٽپ ۽ سمجهہ جو صاحب آهي، تنهن تي انسان جي شيوا ۽ ڪلياڻ ڪرڻ جو فرض ناهي؟

سماج شيوا لاءِ اسانجي ڌرمن جا باني ۽ آتمڪ اڳوان بہ زور لائين ٿا. هڪ ڪوي چيو ٿو تہ، ”خلق جي خدمت اُتم پوڄتي آهي.“

سماج شيوا ڪيترن ئي طريقن سان ڪري سگهجي ٿي. دان ڏيڻ، هيڻن جو همراهہ ٿيڻ، مسڪينن کي

مدد ڪرڻ، اناٿن ۽ ابالن کي اَجهو ڏيڻ، دکين جو ڏرد گهٽائڻ، ڪنگالن جي ڪنيائن کي اُڌارڻ، عليلن جو علاج ڪرڻ، گمراهن کي گت ڏيڻ، موڙهن کي مت ڏيڻ، هرڪنهن کي حق ڏيڻ، ساريڪ سک ڏيڻ، روحاني رستو ڏيکارڻ، بي علمي دور ڪرڻ، اسپتالون ۽ اسڪول چالو ڪرڻ اهي سڀ سماج شيوا جا ڪم آهن. اهڙن ڪمن ڪرڻ سان ئي اندر کي سچو آنند ملي ٿو. جيڪو سماج-شيوا ڪري ٿو سو نه رڳو هن سنسار ۾ سچو سک ماڻي ٿو پر پرلوڪ ۾ به سرڳ جهڙو موجون ماڻي ٿو.

١١١- سائنس جي ايجادن ۽ کوجنائن اِنسان کي سکي بڻايو آهي يا دکي؟

سائنس سڄي سنسار جو روپ ئي بدلائي ڇڏيو آهي. سائنس هن دنيا ۾ انيڪ کوجنائون ۽ ايجادون ڪري اِنساني دماغ جي قابليت ۽ ڪلا جو ڪمال ڏيکاريو آهي. سائنس سوين سک، سيونج ۽ سهوليتون پيدا ڪري اِنسان جي جيون رهڻ جوڳي بڻائي آهي.

بجلي سائنس جي اسرارن مان هڪ آهي. هوءَ روشني، هوا ۽ شڪتي ڏئي ٿي. بجليءَ جي زور تي وڏا ڪارخانا ۽ مسافريءَ ڪرڻ جا ڪيترا ساڌن هلن ٿا. بجليءَ جي زور تي سئنيما، ريڊيو، ٽيليفون، ٽيليويزن وغيره

ڪم ڪندا ۽ اُن سان ڪيترين بيمارين جو علاج پڻ ڪري سگھجي ٿو.

موٽرن، ٽرامن ۽ ريل گاڏين خشڪيءَ جي مسافري سؤلي ۽ سهنجي بڻائي آهي. هوائي جهازن ته موريو سڄي ديس کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. اڄوڪي مسافري جهڙپي ۽ خطري کان خالي آهي. اوڪاشي وماڻن ته سائنس جو اوج ڏيکاريو آهي. اوڪاشي وماڻن ذريعي اِنسان چنڊ تي ته پهچي چڪو آهي پر اهو زمانو به دور ناهي، جڏهن هو تمام دور گرهن تي به پهچي ويندو.

ڪلن ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. دنيا ۾ هر ڪا چيز ڪلن ذريعي تيار ٿي رهي آهي. اِنسان جي اهڙي ڪا به پورتي ڪانهي، جنهن ۾ ڪلون ڪم نه اينديون هجن. اسان ڪلن جا ايتري قدر ته اڌين بڻيا آهيون جو اسانکي انهن کانسواءِ سري ئي ڪانه.

زراعت جي کيتر ۾ به وگيان ڪافي واڌارو ڪيو آهي. کيت کيڙڻ، ان ۾ ٻج پوکڻ، پاڻي ڏيڻ، لاب وجهڻ ۽ تيلن مان اَن الڳ ڪرڻ سو سڀ ڪجھ کيتيءَ جي نون اوزارن دواران ڪيو پيو وڃي. کيڙوتن لاءِ ڪيميائي پاڻ پڻ تيار ڪيو ويو آهي جو اناج جي پيدائش وڌائڻ ۾ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيو آهي.

اڄوڪي جراحت به اور قسم جي آهي. اڳئين زماني

۾ ڪيترا مريض آپريشن ڪرائڻ وقت خون وهائي مري ويندا هئا پر اڄڪلهه اهڙيون دوائون ۽ اوزار نڪتا آهن جو آپريشن ڪرائيندڙن جو خطرو ڪافي گهٽجي چڪو آهي. تنهن ڪانسواءِ اهڙيون دوائون به تيار ڪيون ويئون آهن جيڪي سلهه، دم ۽ ناسور وغيره سان پڄي ڪائين ٿيون. مطلب ته انهن دوائن ۽ نون آپريشن جي نمونن انسان جي حياتي ڪافي اينگهائي ڇڏي آهي.

سئنيما انرائتي نموني اسڪولي وشين سيکارڻ، نصيحت ڏيڻ وندرائڻ، دور ديسن ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻين رسمن، عادتن ۽ پوشاڪن وغيره جي ڄاڻ ڏيڻ جو سٺو، سولو ۽ سستو ذريعو آهي.

ائٽم شڪتي، ائٽم بم ۽ خوفناڪ ۽ خاتمو آڻيندڙ هٿيارن ۾ ڪم اچيٿي. ائٽم (اڻُو) شڪتيءَ تي ڪيترائي ڪارخانا هلن ٿا.

ريڊيو وندر ڏيڻ ڪانسواءِ ساري سنسار جا سماچار سڻائي ٿو. ٽيليويزن ذريعي لکين ميل دور رهندڙ انسان جي سندس ڳالهائڻ سان گڏ، سندس تصوير به ڏسي سگهجي ٿي. ريفريجريٽر ۾ کهڙي به کاڌي پيتي جي شئ گهڻي وقت تائين بنا بگڙجڻ جي رکي سگهجيٿي.

سائنس راڪيٽ، هيڊروجن بم، ڪوبالٽ بم وغيره تيار ڪيا آهن جيڪي دنيا جو ڪن ۾ خاتمو آڻي سگهن ٿا. پر انهن چيزن کي سٺن ۽ فائديمند ڪمن ۾ به ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

مٿين ايجادن ۽ کوجنائن تي ويچار ڪرڻ کان پوءِ ائين چوڻ مشڪل آهي تہ سائنس رحمت آهي يا زحمت. سائنسدان هرڪا ايجاد سٺي ويچار ڪان ڪن ٿا پر راڄنيتي ماڻهو انجو دراپيوگ ڪنٿا. جيڪڏهن سائنس جي ايجاد يا کوجنا ڪيل شين جو سٺي نموني استعمال ڪبو تہ سک، سهنج سهوليت ۽ سمپدا جو ڪارڻ ٿبيون پر جيڪڏهن انهن جو دراپيوگ ڪبو تہ اهي خطرناڪ ۽ خاتمو آڻيندڙ ثابت ٿينديون.

١١٢- چنڊ جي ياترا

هاڻوڪيءَ ويهين صديءَ واري وگيان وسعت ۾ وجهندڙ واڌارو ڪري ڏيکاريو آهي. اُٺوءَ جي ڳجهہ جي کوٽ کوٽان کانپوءِ هاڻوڪن وگيانين اڃا بہ اڳتي وک وڌائي. هنن اوڪاش تي جيت پائڻ جو اٽل ارادو ڪيو. هنن پهريائين پنهنجي ويجهي ۾ ويجهي پاڙيسريءَ "چنڊ" تي پهچڻ لاءِ پرتالون ۽ تجربا شروع ڪيا ۽ آخر ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائون.

هنن چنڊ تي پهچڻ لاءِ ۴ آڪٽوبر ١٩٥٧ع کانوٺي ڪوشش شروع ڪئي ۽ آخر ٢١ جولاءِ ١٩٦٩ع ۾ هنن پنهنجي من جي مراد ماڻي. مطلب تہ روس ۽ آمريڪا پنهنجي وگيان جي زوردار اوزار سان ٻارهن

سالن جي لڳاتار محنت سان اوڪاش تي جيت پاتي.

١٦ جولاءِ ١٩٦٩ع ۾ ٻڌر ڏينهن شام جو ٧-٢٠ بجي آمريڪا جا ٽي جانباز اوڪاش-باز نيل آرمسٽرانگ، ايڊون آلڊرن ۽ مائيڪل ڪالنس اپالو-١١ (جنهن کي ”ڪولمبيا“ نالي اوڪاشي وماڻ به سڏيو پئي ويو تنهن) ۾ ڪيپ ڪئنيڊي فلوريڊا وٽان چنڊ تي لهڻ لاءِ روانا ٿي ويا. هن جي اندر ”ايگل“ نالي چندر-يان رکيل هو جو پنهنجي ماتر-وماڻ ڪولمبيا کان الڳ ٿي چنڊ تي لهڻو هو. راڪيٽ چڙهڻ تي اوڪاشي وماڻ وچ جي رفتار سان اوڪاش ۾ چڙهي، روانو ٿيو ۽ ١٩ جولاءِ تي وڃي چنڊ جي دائري ۾ پهتو. ٢٠ جولاءِ تي ڪئپٽن ڪالنس پنهنجي اوڪاشي وماڻ جي اندر هڪ بٽڻ کي دٻائي، چندر-يان کي پنهنجي اوڪاشي وماڻ کان الڳ ڪيو. چندر-يان آرمسٽرانگ ۽ آلڊرن کي کڻي چنڊ تي لهڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ ”ڪولمبيا“ چنڊ کان ٦٩ ميلن جي اوچائيءَ تي ڪالنس جي ڪپتانپڻي هيٺ چنڊ جي چوڌاري پرڪرما ڏيندو رهيو. چندر-يان رات جو ١١-٤٩ بجي وڃي صحيح سلامت چنڊ تي لٿو. ٻن اوڪاش ياترين کي چنڊ تي لهڻ ۾ هڪ سؤ ٻه ڪلاڪ ۽ پنجيتاليهه منٽ لڳا. اهي ياتري چندر-يان ۾ ئي ويٺا رهيا. آرمسٽرانگ، پرٿويءَ جي پهرئين پرش صبح جو ١١-٤٧ بجي چندر-يان مان ٻاهر نڪري، چنڊ تي

ٻيهر ٽريو. ٿوري وقت کانپوءِ آلڊرن به پنهنجي ساٿيءَ سان هن ساهسڪ ڪاريه ۾ شريڪ ٿيو. انهي شروعات ۾ ٻهرزنيءَ سبب ڪين ڪم ڪرڻ ۾ ٿوري ڏکيائي ٿي، پر تنهن هوندي به اهي پنهنجي مقرر ٿيل ڪاريه ڪرڻ ۾ لڳي ويا. هنن آمريڪا جو جهنڊو چنڊ تي کوڙيو ۽ انجي سلامي ڪئي. هنن پوءِ اٽڪل ٻه ڪلاڪ چنڊ جي مٽيءَ ۽ پٿرن جي سئمپلن گڏ ڪرڻ ۾ گذاريا ۽ پوءِ اها مٽي ۽ پٿر هوا نڪتل پلاسٽڪ جي ٿيلهن ۾ بند ڪري موٽي چندر-يان ۾ آيا. اهي اتي ڪاڌو پيتو کائڻ ۽ آرام ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ رات جو اٽڪل ۱۱-۲۰ چندر-يان ۾ لڳل راڪيٽ ڇوڙي، چنڊ تان اُڏاڻا. ٿورن منٽن جي اندر سنڌن ايگل وماڻ (چندر-يان) چنڊ جي چوڌاري پرڪرما ڏيڻ لڳو. هن پوءِ پنهنجي ماتر-وماڻ سان گڏجي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اٽڪل ساڍن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ وڃي ان سان مليو. پوءِ ڪولمبيا وماڻ اتان روانو ٿيو ۽ ۲۴ جولاءِ تي وسهت ڏينهن رات جو اچي پرٿويءَ تي سلامت پهتو.

جڏهن چندر-يان چنڊ تان موٽڻ جي تياري ڪري رهيو هو، تڏهن روس جو بنا ماڻهوءَ جي هلندڙ اوڪاشي وماڻ ليونا-۱۵ به ان هنڌ کان اٽڪل ۸۰۵ ميٽر پري، چنڊ تي اچي لٿو.

چنڊ تي اوڪاش ياترين کي هيٺيون ڳالهيون نظر

آيون: چنڊ تان هنن کي ڌرتي سندر، سهڻي ۽ چمڪندڙ نظر آئي. چنڊ هنن کي هڪ ويران نظر آيو، جنهن ۾ ڪيترا پهاڙ، وساٽل ٻرندڙ جبل ۽ ڪوهستان هئا. اتي هوا ۽ پاڻي ڪونه هئا. اتان جي مٽي ڪوئلي جي رنگ وانگر هئي. آلي مٽي ملڻ تي سندن اهو گمان هو ته چنڊ جي مٿاڇري هيٺان شايد پاڻي ملي.

هيءَ چنڊ جي ڀالارا، ايندڙ وقت ۾ سائنسدانن کي ڪافي ڪارائتي ثابت ٿيندي. چنڊ جي پهاڙن وغيره مان انهن ڌاتن ملڻ جي آشا اٿن جيڪي ڌرتيءَ تي ملڻ محال هجن. چنڊ کي پايو بڻائي، ڪين ٻين گرهن کي ڳولي ڪڍڻ جي اميد آهي. چنڊ کي اسٽيشن بڻائي سورج جي اندرين ڀاڱن ۾ وڃڻ جو آسرو اٿن.

١١٣- رکشا ٻنڌن

هي شڀ ڏينهن آگسٽ مهيني ڌاري ايندو آهي. هن شڀ ڏينهن تي ڀيڻ پنهنجو هردو، ڀاءُ لاءِ پوتر پريم، شڀ ڀاونا ۽ سچيءَ سڪ سان ڀري پنهنجي ڀاءُ جي ٻانهن ۾ رکڙي ٻڌندي آهي. انوقت گويا ڀاءُ جي بيجان جسم ۾ جان اچي ويندي آهي ۽ هن جي دل امنگن جي جهولي ۾ جهولڻ شروع ڪندي آهي. انوقت هو پنهنجي ڀيڻ جي عزت بچائڻ يا ڪنهن به سنڪٽ جي سمي سندس واهر ڪرڻ لاءِ پنهنجي دل ۾ پرتگيا ڪندو آهي.

هيءَ رکڙي ڪچين ڌاڳن جي ٺهيل آهي، پر اها سڻائيءَ سڪ ۽ سچي سنيھہ جي ڏوري آهي جنھنکي ڪو به ڪلفت جو ڪپ ڪاٽي نٿو سگهي. رکڙيءَ ۾ ڀيڻ جي آشيرواد سمايل هوندي آهي. ڀيڻ رکڙي ان شبھ ڀاونا سان پنهنجي ڀاءُ جي ٻانهن ۾ ٻڌندي آهي ته — شل هنجو ڀاءُ وڌي ويجهي، وڏي حياتي ماڻي ۽ سندس وار ونگو نه ٿئي!

عام طرح ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ جي ٻانهن ۾ رکڙي ٻڌندي آهي پر ڪا به ڙال ڪنهن به پرش لاءِ پنهنجي دل ۾ شبھ ڀاونا ۽ پريم رکي انجي ٻانهن ۾ رکڙي ٻڌي هنکي پنهنجو راکي - بند ڀاءُ بڻائي سگهي ٿي ۽ پوءِ هنن جو پاڻ ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ جهڙو پوتر سنٻنڌ رهي ٿو.

رکڙي شبھ ڀاونا ۽ آدرشي پريم جي نشاني آهي. راکي - بند ڀاءُ، پنهنجي ڀيڻ طرف ڀاءُ جي فرض پالڻ ۾ سر قربان ڪرڻ کان به ڪين ٿو گسي ۽ ڀيڻ نه ڀاءُ کان نٿي ڪجهه واري رکي. رکڙي ڀاءُ کي هميشه فرض ادائيءَ جي ياد ڏياري ٿي ۽ هنجي دل ڀيڻ جي رکشا لاءِ هميشه بي آرام رهي ٿي. هو ڀيڻ مٿان آيل مصيبت کي ڪي مٽائڻ لاءِ کهڙي به نقصان سهڻ يا خود موت جي منهن ۾ وڃڻ کان نٿو ڊڄي.

اٽڪل چار سؤ سال اڳ، بهادرشاه ميواڙ جي راڄا وڪرمسنگھه تي ڪاهي ويو. هن چتور کي وڃي گهيرو ڪيو. وڪرمسنگھه بهادرشاه سان مقابلي ڪرڻ

SIND COSMOPOLITAN HIGH ... LIBRARY Book No. N-72 GHATKOPAR

جي همت نہ ساري، کنھن جھنگ ڏانھن ڀڄي ويو. سندس وڏي استري ٻائي ڪرمونتيءَ چتور کي بچائڻ جي سموري جوابداري پنھنجي سر تي کنئي. هن چتور کي بچائڻ لاءِ ويھن تھن جا زور ڏنا پر هن، ان کي بچائڻ جا آثار گھٽ ڏٺا. انوقت هنکي هڪ اٽڪل سجھي آئي. هن دهليءَ جي بادشاه همايون کي پنھنجو راکي - بند ڀاءُ بڻائي کانئس مدد وٺڻ جو پڪو پھه ڪيو هن ڪنھن قاصد هٿ همايون کي رکڙي موڪلي. همايون رکڙي ڏسي خوش ٿيو ۽ پنھنجيءَ هندو ڀيڻ کي هر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. اگرچ انوقت همايون کي دشمن سيني طرفن کان تنگ ڪيو هو، پر تڏهن بہ رکڙيءَ جي عزت بچائڻ لاءِ هن بهادرشاه کي شڪست ڏيڻ لاءِ وڏو لشڪر چتور ڏانھن روانو ڪيو ۽ پاڻ بہ گھوڙي تي سوار ٿي اوڏانھن ويو. ان وچ ۾ بهادرشاه چتور جو قلعو هٿ ڪري چڪو هو ۽ راڻي ڪرماوتيءَ جوهر ورت جو پالن ڪري، پاڻکي چکيا تي چاڙهي جلايو هو. همايون بهادرشاه کي ڀاري شڪست ڏيئي پوئتي هٽايو ۽ پاڻ هڪدم ان هنڌ ويو جتي راڻي ڪرماوتي جلي خاڪ ٿي ويئي هئي. هن پوءِ پنھنجيءَ ڀيڻ جي رک کٽي پنھنجي متي ۾ ورتي ۽ درد ڀرئي آواز مان چيائين، "مون تنھنجي رکڙيءَ جو قرض چڪايو، پر تنھنجي مرڻ کانپوءِ؛ تنھن لاءِ مونکي معاف ڪجانءِ." اهڙي آهي رکشا بندڻ جي پربلتا.

Phone No. 52520

Asian Food Industries

GOMTIPUR, AHMEDABAD-21.

ايشين فوڊ انڊسٽريز

گومتي پور، احمدآباد-٢١.

ايشين فوڊ جا لذيذ ۽ ونڊرز ڪٽمٺڙا ۽ ٽافيون ڪنهن ڪان ڳجها ڪين آهن. سندن جوهر جون ٽڪيون نهايت اٽرائتيون ۽ دلپسند آهن.

جيڪو ايشين فوڊ جا ڪٽمٺڙا ۽ ٽافيون کائيندو سو هر مٽر ۽ ٻائت کي انهن جا ڏس ٻڌائيندو

هڪ ڀيرو ايشين فوڊ جا نهيل ڪٽمٺڙا، ٽافيون ۽ جوهر جون ٽڪيون کائي خاطري ڪريو.

Lachhwani & Co.

Kapasia Bazar, AHMEDABAD-2.

Gram: Lachhwani   **Phones 26340-23040-52998**

لڇواڻي اينڊ ڪمپني

ڪپاسيا بزار، احمدآباد-٢.

هتان پرشرام ۽ ڪوڊيار پاٽريءَ جي هر چيز هر وقت ملي سگهندي.

اسانجون شاخون مهسانا ۽ ٿانگڙه ۾ به آهن

Sind 248

Seagull Benefit Pvt. Ltd.

Devkinandan Market, 1st. Floor,
Opp. Manilal Mansion, Ahmedabad-2.

سيگل بينيفٽ پرائيويٽ لميٽيڊ

ديوڪي نندن مارڪيٽ، پهرين ماڙ،
مڻي لعل مئنشن جي سامهون، احمدآباد-٢.

سيگل بينيفٽ هڪ مشهور ۽ وشواس جوڳي ڪمپني آهي جا سٺيءَ پونجيءَ وارا ڊائريڪٽر هلائي رهيا آهن. هن ڪيترائي گروپ کوليا آهن جيڪي پورن ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. جن ماڻهن هن ڪمپنيءَ جو لاڀ ورتو آهي تن کي هن ڪمپنيءَ بابت هر طرح جو سنتوش آهي. شاهوڪار توڙي غريب هن هوونهار ڪمپنيءَ جو وڏي اتساهه سان فائدو وٺي رهيا آهن. هن وقت سنڌس

GOLDEN GROUP

گولڊن گروپ چالو آهي

جنهن ۾ للچائيندڙ انعام آڇي رهي آهي

هن گروپ ۾ شريڪ ٿيندڙ ميمبر کي هر مهيني ٢٥ روپيه ڀرڻا آهن. آرس اکوڙي، ڪوٽا ويچار واري سنت ٿي هن گروپ جا ميمبر ٿيو.